الجزء ١٩

وَ قَالَ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا لَوْ لَآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا الْمَلٰٓىِٕكَةُ اَوْ نَرٰى
رَبَّنَا ؕ لَقَدِ اسْتَكْبَرُوْا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ وَ عَتَوْ عُتُوًّا كَبِيْرًا ﴿٢١﴾ يَوْمَ يَرَوْنَ
الْمَلٰٓىِٕكَةَ لَا بُشْرٰى يَوْمَىِٕذٍ لِّلْمُجْرِمِيْنَ وَ يَقُوْلُوْنَ حِجْرًا مَّحْجُوْرًا ﴿٢٢﴾ وَ
قَدِمْنَآ اِلٰى مَا عَمِلُوْا مِنْ عَمَلٍ فَجَعَلْنٰهُ هَبَآءً مَّنْثُوْرًا ﴿٢٣﴾ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ
يَوْمَىِٕذٍ خَيْرٌ مُّسْتَقَرًّا وَّ اَحْسَنُ مَقِيْلًا ﴿٢٤﴾ وَ يَوْمَ تَشَقَّقُ السَّمَآءُ بِالْغَمَامِ وَ
نُزِّلَ الْمَلٰٓىِٕكَةُ تَنْزِيْلًا ﴿٢٥﴾ اَلْمُلْكُ يَوْمَىِٕذِ ِالْحَقُّ لِلرَّحْمٰنِ ؕ وَ كَانَ يَوْمًا
عَلَى الْكٰفِرِيْنَ عَسِيْرًا ﴿٢٦﴾

اهي ماڻهو، جيڪي اسان جي ملاقات جا اميدوار نہ آهن، اهي چون ٿا تہ اسان تي فرشتا ڇو نہ نازل ٿيا، يا اسان پاڻ رب کي ڏسي ونون. هو پنهنجي اندر ۾ غرور ۽ تڪبر رکن ٿا ۽ هو نهايت وڏي سرڪشي ۾ مبتلا آهن. (21) جنهن ڏينهن هو فرشتن کي ڏسندا، ان ڏينهن مجرمن لاءِ ڪا سٺي صورتحال نہ هوندي ۽ واڪا ڪندي چوندا تہ اسان ۽ فرشتن جي درميان ڪا رڪاوٽ حائل ٿئي، جنهن سان هو فرشتا اسان تائين نہ پهچي سگهن. (22) ۽ جيڪي عمل بہ انهن ڪيا هوندا، اسان انهن ڏانهن متوجه ٿينداسون ۽ انهن کي غبار وانگي اڏائي ڇڏينداسون، ان ڏينهن جنتي ماڻهو بهترين رهائش گاهہ ۾ وڏي آرام سان هوندا. (23) ۽ جنهن ڏينهن آسمان بادلن تي ڦاٽي پوندو ۽ فرشتا فوج در فوج ان مان لاٿا ويندا. (24) ان ڏينهن حقيقي بادشاهي صرف رحمان رب جي هوندي. (25) ۽ اهو ڏينهن ڪافرن لاءِ تمام گهڻو سخت ڏينهن هوندو.(26)

جيڪي ماڻهو سمجهن ٿا ته هنن کي اسان جي حضور پيش ٿيڻو ناهي، اهي چون ٿا ته هن رسول ﷺ تي جيڪڏهن فرشتا نازل ٿي سگهن ٿا ته پوءِ اسان تي فرشتا ڇو نه لاٿا ويا آهن. اسان ۾ ڪهڙي ڪمزوري يا ڪمي آهي. اسان ته هن مسڪين ۽ يتيم شخص کان وڌيڪ مستحق آهيون، ڇو ته اسان جو اثر رسوخ به گهڻو آهي ۽ اسان وٽ مالي وسيلا به موجود آهن ۽ ماڻهن کي اسان تي وڌيڪ اعتبار به آهي. اهڙي طرح هي پنهنجي وڏ ماڻهپ، تڪبر ۽ غرور ۾ تمام حدون پار ڪري ويا آهن. هو پاڻ کي اهڙو معتبر سمجهن ٿا ته فرشتن جو نزول به هنن تي ٿئي ۽ الله کي به اکين سان ڏسي سگهن يا هو چون ٿا ته الله کي رسول موڪلڻو هيو ته ڪنهن فرشتي کي رسول ڪري موڪلي ها، يا نبيءَ جي مدد لاءِ هنن سان گڏ فرشتو هجي ها، جيڪو هن جي پروگرام ۾ مددگار ثابت ٿئي يا اسان تي فرشتو نازل ٿئي، يا الله کي اسان پنهنجن اکين سان ڏسون ۽ هو اسان کي چوي ته محمد ڪريم ﷺ منهنجو رسول آهي ۽ ان تي ايمان آڻڻ اوهان لاءِ ضروري آهي. هنن مان ڪا به هڪ شيءِ به ناهي. ڇا هنن کي اهو معلوم ناهي، جنهن ڏينهن هنن کي فرشتا نظر ايندا ته هو سمجهي ويندا اڄ خير ناهي ۽ اهو ڏينهن هنن مجرمن لاءِ ڪو خوش ٿيڻ جو ڏينهن نه هوندو. هن کان اڳ دنياوي زندگيءَ ۾ ته چوندا هئا اسان تي فرشتا نازل ٿين، پر ان ڏينهن هو دانهون ڪندي، مٿو منهن پٽيندي چوندا ته اهڙي ڪا صورتحال نهي اچي، جو هنن فرشتن ۽ اسان جي درميان ڪا رڪاوٽ حاصل ٿي وڃي ۽ اسان هنن فرشتن جي پڪڙ کان بچي وڃون ۽ هو اسان تائين پهچي نه سگهن. هي ان وقت پريشانيءَ جي عالم ۾ روئي رڙي رهيا هوندا ۽ اسان جي آڏو سندن اعمال هوندا، اهي ايترو ته هلڪڙا ۽ بي وزن هوندا، جيڪي هڪ غباري وانگر فضا ۾ اڏائي ڇڏيندا سون. (الانعام: 93/6، الانفال: 50/8) هو پنهنجي پِٽڪي ۾ هوندا ته اسان انهن ڏانهن متوجه ٿينداسون ۽ انهن جي عملن جو جائزو وٺنداسون. اهي ايترا ته هلڪا ۽ بي وزن هوندا جو اسان انهن کي غبار وانگر فضا ۾ اڏاري ڇڏينداسون. اهي ڪنهن ليکي يا ڳڻپ ۾ نه هوندا. جنهن مان هنن کي ڪو فائدو يا رعايت ملي ڪا نه سگهندي. بي سود تخريبي اعمال جو هميشه اهڙو نتيجو نڪرندو آهي. هي هڪ عبرت ناڪ منظر جي تصوير آهي، جنهن ۾ هنن جي اعمال يا نيڪين جو بنياد حقيقي ايمان تي نه هوندو، ان ڪري حساب واري ڏينهن اهي ڳڻپ ۾ نه ايندا. فضول ۽ حقارت وارا هوندا. هنن دنيا ۾ پلائيءَ جا ڪم

ڪيا هوندا. نوع انسان جي خدمت ڪئي هوندي، پر الله جو رضامندو مطلوب نہ هيو يا سري ڪان ئي ايمان ڪان خالي هئا يا ناموَ نمود ۽ ڏيکاءَ طور ڪندا هئا. اهڙن عملن جي ڪا حيثيت نہ هوندي. ان ڪري اهي هلڪڙا هوندا، غباري وانگر هوا ۾ اڏامي ويندا. (ابراهيم: 18/14، النور: 39/24)

هنن ڪافرن جي گناهہ غلطي ۽ گمراهي واري زندگي ۽ ان جي نتيجي ۾ دردناڪ عذاب جي برعڪس ان ڏينهن اهڙو خوشگوار لمحو هوندو، جو فرشتا مؤمنن کي جنت جي بشارت ڏئي رهيا هوندا ۽ الله جل شانه وٽان ڪين ملڻ وارين نعمتن، نوازشن ۽ انعامن جي نويد ڏئي رهيا هوندا، جهڙي طرح سورة حٰم السجده: 41/ 32-30 ۾ مذڪور آهي. حديث شريف ۾ آهي تہ فرشتا مؤمن جي روح کي چوندا اي پاڪ روح! جيڪا پاڪ جسم ۾ هئي تہ هن جسم ڪان الڳ ٿي، جتي الله جو نعمتون آهن ۽ اهو رب پاڪ توڪان راضي آهي. (مسند احمد) ان ڏينهن جنتي ماڻهن جي رهائش گاهہ بهترين هوندي ۽ آرام واري جڳهہ نهايت عمده ۽ پرسڪون هوندي، جتي هو هميشہ لاءِ آرام پذير هوندا.

هي اهو سخت ڏينهن هوندو، جنهن ڏينهن آسمان ڦاٽي پوندو ۽ فرشتا بادلن جي پاڇي ۾ نازل ٿيندا ۽ الله تبارڪ و تعالىٰ انهن فرشتن سان گڏ محشر جي ميدان ۾ جتي سموري مخلوقات جمع هوندي، جلوه افروز ٿيندو. (البقره: 264/2، ابراهيم: 14/ 18، النور: 24/ 29) ۽ هر شخص پنهنجي اعمال نامي سان حساب ڪتاب جو انتظار ڪري رهيو هوندو. ان ڏينهن بادشاهي هڪ الله جي هوندي ۽ سڀ مخلوقات سندس حڪم ۽ اقتدار آڏو سرنگون هوندي. هن دنيا ۾ تہ ان پروردگار ڪيترن ماڻهن کي بادشاهي بخشي آهي، جن وقتي طور حڪمراني ڪئي ۽ هليا ويا ۽ انهن جي جاءِ تي ٻيا بادشاهہ آيا. اهڙي طرح آخرڪار سڀ جا سڀ عدم روانا ٿيا، پر ان قيامت واري ڏينهن حڪم ۽ اختيار صرف الله وٽ هوندو، جيڪو مالڪ الملڪ ۽ حقيقي بادشاهہ آهي. ان ڏهاڙي اهي ماڻهو جيڪي هن دنيا ۾ بادشاهيءَ جي نشي ۾ آهن، ان قيامت واري ڏينهن کين معلوم ٿي ويندو تہ حقيقي بادشاهي الله جي آهي ۽ اڄ ان جو حڪم هلندو، دنيا جا بادشاهہ بہ جوابدار جي حيثيت ۾ خدا جي حضور حساب ڏيڻ جي انتظار ۾ هوندا. ڪافرن لاءِ اهو ڏينهن نهايت سخت شديد هوندو.

وَ يَوْمَ يَعَضُّ الظَّالِمُ عَلٰى يَدَيْهِ يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِى اتَّخَذْتُ مَعَ الرَّسُوْلِ
سَبِيْلًا ﴿٢٧﴾ يٰوَيْلَتٰى لَيْتَنِىْ لَمْ اَتَّخِذْ فُلَانًا خَلِيْلًا ﴿٢٨﴾ لَقَدْ اَضَلَّنِىْ عَنِ
الذِّكْرِ بَعْدَ اِذْ جَآءَنِىْ ؕ وَ كَانَ الشَّيْطٰنُ لِلْاِنْسَانِ خَذُوْلًا ﴿٢٩﴾ وَ قَالَ
الرَّسُوْلُ يٰرَبِّ اِنَّ قَوْمِى اتَّخَذُوْا هٰذَا الْقُرْاٰنَ مَهْجُوْرًا ﴿٣٠﴾ وَ كَذٰلِكَ جَعَلْنَا
لِكُلِّ نَبِىٍّ عَدُوًّا مِّنَ الْمُجْرِمِيْنَ ؕ وَ كَفٰى بِرَبِّكَ هَادِيًا وَّ نَصِيْرًا ﴿٣١﴾ وَ قَالَ
الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ لَا نُزِّلَ عَلَيْهِ الْقُرْاٰنُ جُمْلَةً وَّاحِدَةً ۛۚ كَذٰلِكَ ۛۚ لِنُثَبِّتَ
بِهٖ فُؤَادَكَ وَ رَتَّلْنٰهُ تَرْتِيْلًا ﴿٣٢﴾ وَ لَا يَاْتُوْنَكَ بِمَثَلٍ اِلَّا جِئْنٰكَ بِالْحَقِّ وَ
اَحْسَنَ تَفْسِيْرًا ﴿٣٣﴾ اَلَّذِيْنَ يُحْشَرُوْنَ عَلٰى وُجُوْهِهِمْ اِلٰى جَهَنَّمَ ۙ اُولٰٓئِكَ
شَرٌّ مَّكَانًا وَّ اَضَلُّ سَبِيْلًا ﴿٣٤﴾ ع

مع عندالمتقدمين ع ٣

جنهن ڏينهن ظالم پنهنجا هٿ حسرت سبب ڪاٽيندو ۽ چوندو تہ ڪاش مون رسول سان راهہ (حق) اختيار ڪئي هجي ها. (27) هاءِ منهنجي بدبختي! ڪاش مون فلاڻي شخص کي پنهنجو دوست نہ بنايو هجي ها. (28) جنهن مون کي ذڪر (ياد دهاني) جي مون وٽ اچڻ بعد اُن ڪان مون کي گمراهہ ڪري ڇڏيو ۽ شيطان انسان کي وقت تي ذوڪو ڏيڻ وارو آهي. (29) ۽ پيغمبر چوندو تہ اي منهنجا پروردگار! منهنجي قوم جي ماڻهن هن قرآن کي بلڪل نظرانداز ڪيو هيو. (30) اهڙي طرح اسان گناهگارن مان هر هڪ نبيءَ جا دشمن بنايا هئا، تنهنجو رب رهنمائي ۽ مدد لاءِ ڪافي آهي.(31) ڪافر چون ٿا تہ هي قرآن هن تي هڪ دفعو ئي ڇو نہ نازل ڪيو ويو، ڏيري ڏيري ان ڪري نازل ڪيو تہ

**جيئن تنهنجي دل کي يقين سان سرشار ڪريون (32) ۽ انهيءَ سبب هن قرآن کي يڪ مشت نہ پر ڏيري ڏيري نازل ڪيو آهي تہ جيئن هنن ڪافرن جي اعتراض جو تسلي ۽ تشفي بخش جواب ڏيون.(33) هنن ماڻهن کي اونڌي منهن جهنم ڏانهن گڏ ڪيو ويندو. هنن جو ٺڪاڻو بہ نهايت برو آهي ۽ هو سڌي رستي کان ڀليل آهن.(34)**

---

ان ڏينهن جي دهشت ۽ هيبت سبب حسرت و ياس جي تصوير ٿيو پاڻ سان ظلم ڪندڙ ظالم غصي ۽ پريشانيءَ ۾ پنهنجا هٿ چٻاڙي رهيو هوندو، افسوس ۽ شرمندگي مان پاڻ کي اندر ئي اندر ۾ ملامت ڪندو رهندو تہ هي مون پاڻ سان پاڻ ظلم ڪيو آهي. ”پنهنجي ڪُني جو نہ دارون نہ دوا.“ هاءِ مون کي اها سمجهہ ڇو نہ آئي تہ مان اها راهہ اختيار ڪيان ها، جنهن راهہ ڏانهن رسول ﷺ سڏي رهيو هيو. اهڙي طرح ان قافلي ۾ شريڪ ٿي منزل تي وڃان ها ۽ اهو سڌو رستو مون کي گمراهيءَ ڏانهن وڃڻ کان روڪي وٺي ها. هن گمراهہ جي ماڻهن جي صحبت تہ مون کي گمراهيءَ جي آڙاهہ ۾ اڇلايو آهي. ۽ ڪاش مان فلاڻي ۽ فلاڻي ماڻهوءَ کي پنهنجو دوست نہ بڻايان ها تہ هن منحوس شخص جي گمراهي کان بچي وڃان ها. انهيءَ تہ مون کي دوست جي حلقي ۾ آڻي منهنجو انت و اعتماد حاصل ڪري مون کي سڌي رستي تي هلڻ جي بجاءِ ورغلائي، گمراهيءَ واري رستي تي وٺي آيو آهي. حالانڪ سڌو رستو منهنجي اڳيان نهايت نروار نظر ٿي آيو. حقيقت ۾ شيطان جو ڪم ئي اهو آهي تہ ڀهريان دوست، غم خوار ۽ هڏڏوڪي بڻجي گڏ هوندو آهي، پر جڏهن ڪا مصيبت يا آزمائش ايندي آهي تہ تنها ڇڏي دور ٿي ويندو آهي.

تجربا ہے کہ دشمنی اکثر
دوست کے لہو سے پلتی ہے

ای بسا ابلیس آدم روئے ہست
پس بہر دستی نہ باید داد دست

هتان معلوم ٿيو ته الله جي نافرمان ۽ انڪاري انسانن سان دوستي نه رکڻ گهرجي، ڇو ته صالح انسان جي سنگت ۽ صحبت سان انسان صالح ۽ نيک رهي ٿو، پر غير صالح جي صحبت سان بدبخت ۽ بدڪردار بڻجي وڃي ٿو. حديث شريف ۾ به اهي ساڳيا الفاظ آهن.

صحبت صالح ترا صالح کند
صحبت طالح ترا طالح کند

”لَقَدْ اَضَلَّنِيْ عَنِ الذِّكْرِ“ مان مراد آهي ته رسول الله ﷺ مون کي هدايت جي روشن راهه ڏيکاري هئي ۽ شيطان مون کي ان تي هلڻ کان اڳ سڌي راهه کان ٿيڙي ڇڏيو يا ان مان مراد آهي ته پيغامِ حق منهنجي دل جي تارن کي سرور ۽ سرود بخشڻ لڳو هيو ۽ مون ان کي قبول ڪرڻ شروع ڪيو هيو ته مون کي پوري فيض حاصل ڪرڻ کان اڳ شيطان ڪوڙا ڏنا ڏئي سبز باغ ڏيکاري مون کي سڌي راهه تي هلڻ وارن قدمن کي پاڻ ڏانهن وٺي ويو. (النساءِ: 63/4) ”وَقُلْ لَّهُمْ فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ قَوْلًا بَلِيْغًا“ اي نبي محترم ﷺ! هنن سان اهڙي ڳالهه ڪر، جيڪا هنن جي دل جي گهراين ۾ لهي وڃي. (النساءِ: 98/4) ۽ شيطان ته هميشه انسان کي سبز باغ ڏيکاري، پاڻ ڏانهن متوجه ڪري، پنهنجو مريد بڻائي پوءِ ڏوڪو ڏئي وڃي ٿو. هنن گمراهه، هنيلن ۽ سرڪش ماڻهن جي دين اسلام خلاف مخالفت ۽ ڪتاب الله (قرآن) جي صريح آيتن ۽ هديتن خلاف ورزي ۽ سرڪشيءَ کي محسوس ڪندي، رسول خدا خاتم النبيين ﷺ فريادي ٿيندو ته اي منهنجا پروردگار! منهنجي قوم جي ماڻهن هن هدايت، رحمت، مغفرت ۽ شفاعت واري قرآن کي متروڪه (ڇڏي ڏنل) بنائي ڇڏيو آهي. مڪي جي قريش ۽ ڪافرن قرآن ٻڌڻ ۽ ان تي غور فڪر ڪرڻ کان صاف صاف انڪار ڪيو ۽ ان کي جڙتو ۽ جعلي قرار ڏنو، ڇيو ته هي افتراء آهي، پوين قومن جي ڪهاڻي آهي. الله جو ڪتاب ناهي. علامه اقبال رحمة الله عليه فرمايو آهي:

خوار از مہجوریٔ قرآں شدہ

اي مسلمان! تون هن زماني ۾ ذليل و خوار ان ڪري ٿيو آهين، جو تو قرآن کي ڇڏي، ان کان دوري اختيار ڪئي آهي.

هي تہ مکي جي ڪافرن جو اڄ کان ساڍا چوڏنهن سؤ سال جو احوال آهي، پر هن دؤر ۾ بہ اسان نظر ڊوڙايون ۽ ڏسون تہ ڪيترا مسلمان قرآن پڙهن ۽ ان جي حڪمن کي سمجهن ۽ دل جي گهراين سان قرآن واري زندگي اختيار ڪرڻ وارا ڪيترو سيڪڙو ماڻهو ملندا. ڪاش مسلمانن هن ڪتاب کي سندس پورو حق ڇو نہ ڏنو آهي. اهڙي طرح اسان مجرمن مان هر نبيءَ جا دشمن ۽ مخالف بڻايا آهن. سورة الانعام: 112/6 ۾ بہ اهو مضمون آيو آهي. الله پنهنجي مجيندڙن ۽ تسليم ڪندڙ مؤمنن کي ۽ نبين سڳورن جي آزمائش سان پرکي، کين ڪندن يا خالص سون بنائيندو آهي. حقيقت ۾ اهڙو مؤمن ئي الله کي مطلوب آهي، انهن جي اهڙي نوس تربيت سان سندن صلاحيتن کي اجاگر ڪري، دين حق جي خلاف اٿندڙ فتنن، سازشن جي ڪشمڪش ۽ تصادم جو ماحول رونما ٿئي تہ هو اهل باطل جي مقابلي لاءِ الله جي تلوار بڻجي، ڪافرن ۽ مخالفن جو مقابلو ڪري، انهن کي عبرت ناڪ شڪست ڏئي. مؤمنن جي اهڙن امتحانن مان گذرڻ جو ذڪر سورة البقره: 155/2 ۾ آيو آهي. الله پنهنجن مؤمنن کي پرک جي تدريجي ارتقاء سان سندن صلاحيتن جو نشو و نما ڪري، جنت جي سودي لاءِ تيار ڪندو آهي، جنهن ۾ مؤمن مسلمان پنهنجي جان ۽ مال الله جي راهہ ۾ خوشيءَ سان قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي. (التوبه: 111/9) ان ڪري اي نبي محترم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم! تون امت جي اهڙي تربيت جاري رک، الله جي حمايت ۽ نصرت توسان آهي.

ڪافرن جو ٻيو اهو اعتراض بہ آهي تہ قرآن کي هڪ دفعي ۾ پورو گڏ ڇو نہ نازل ڪيو ويو آهي. پوري جو پوري آيل هجي ها تہ اسان کي معلوم ٿي وڃي تہ اسان کان ڪهڙا ڪهڙا احڪام مڃرايا ويندا. هن طرح تہ اسان کي خبر ئي ناهي تہ سڀاڻي ڪهڙو حڪم اچڻو آهي. اسان کي مونجهاري ۾ رکيو ويو آهي. اي نبي اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم! اسان قرآن کي ڏيري ڏيري ٽڪرن ۾ ان ڪري نازل ڪيو آهي تہ هن جا خوشگوار نتيجا توهان جي دل جي تقويت ۽ استحڪام جو سبب بڻجي ۽ اوهان ان تي بتدريج عمل پيرا ٿي، ان جون برڪتون ماڻيندا رهو. هن ڪتاب (قرآن) جي تمام تعليم مربوط آهي ۽ مشيت الاهي جي قانون جي نگراني ۾ اڳتي وڌندي رهي ٿي. (المزمل: 4/73، المدثر: 74/ 49) اسان قرآن جو

ڏيري ڏيري نازل ٿيڻ ان ڪري بہ ڪيو آهي تہ حق جي طالبن، مسلمان مؤمنن کي موقع محل مطابق بروقت رهنمائي ملندي، جيڪا هن ارتقا پسند معاشري لاءِ نهايت موثر موزون ۽ حڪمت ۽ مصلحت پري تجويز آهي. ڪشمڪش جي حالت ۾ انهن حالتن جي حل لاءِ معتبر ۽ مضبوط سهارو ملي ٿو. جهڙي طرح هن کان اڳ حضرت نوح، حضرت هود، حضرت صالح ۽ حضرت موسىٰ عليهم السلام جي مدد ٿيندي رهي آهي ۽ سندن دشمن جي مليا ميٽ ڪرڻ جو سلسلو بہ جاري آهي ۽ انهن ۾ مڪافات عمل ۽ قانون مشيت مطابق مؤمنن جي خلوص ۽ قرباني واري عمل سان مؤمنن جي ڪاميابي اٽل آهي. الله جو ڪلام هجي ها تہ توهان جي عقيدي موجب الله ان کي گڏ لاهڻ پسند ڪري ها، ڇو تہ هن وقت ڇا آهي، ماضيءَ ۾ ڇا ٿيو، اڳتي ڇا ٿيندو، خدا کي تہ معلوم آهي. پوءِ ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي ضرورت نہ پوي ها. ڪافر چون ٿا تہ هي تہ هن شخص (نبيءَ) جو جوڙيل افتراء آهي. جهڙي طرح شاعر پنهنجا غزل لکندو رهندو آهي ۽ هڪ ڏينهن ديوان جي شڪل ڏيندو آهي. ”وَرَتِّلِ الْقُرْآنَ تَرْتِيلًا“ ۾ بہ انهيءَ اسڪيم کي باقي رکيو ويو آهي. جيئن جيئن هو ڪو اعتراض پيش ڪن ٿا تہ بروقت ان جو مؤثر جواب ڏيڻ لاءِ ان آيت جو نزول ٿئي ٿو، جيئن حق کلي ظاهر ٿئي ۽ باطل جي غلط هجڻ وارو دروازو هميشہ لاءِ بند ٿي وڃي. ان ڪري اوهان بلڪل مطمئن رهو ۽ ڪنهن بہ قسم جو فڪر ۽ انديشو محسوس نہ ڪريو، ڪاميابي اوهان جا قدم چمندي، سرفرازي ۽ سرخيلي اوهان جي در تي دستڪ ڏيندي رهندي. پر اوهان جا مخالف جيڪي ضد ۽ تعصب جي بنياد تي اعتراض تي اعتراض ڪري رهيا آهن ۽ حق جي راهہ ۾ رڪاوٽون وجهي رهيا آهن، اهي بدنصيب ۽ بدبخت انسان آهن، جيڪي قيامت جي ڏينهن دوزخ جي ٻرندڙ شعله زن آڙاهہ ۾ اونڌي منهن اڇلايا ويندا، ڇو تہ هنن سڌو رستو ڇڏي ڏنو، جيڪو جنت طرف هيو، پر هنن اُلٽو رستو اختيار ڪيو، جيڪو هنن کي جهنم جي دروازي تي وٺي آيو، جتي جهنم جي باهہ ”هَلْ مِنْ مَّزِيْدٍ“ جا هوڪا ڏئي، هنن جو انتظار ڪري رهي هوندي. اسان ڪين ”خوش آمديد“ چئي، دوزخ جي بدترين ڪوني ۾ رکيو آهي.

وَ لَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَ جَعَلْنَا مَعَهٗۤ اَخَاهُ هٰرُوْنَ وَزِيْرًا ۚ۝۳۵ فَقُلْنَا
اذْهَبَاۤ اِلَى الْقَوْمِ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ؕ فَدَمَّرْنٰهُمْ تَدْمِيْرًا ؕ۝۳۶ وَ قَوْمَ
نُوْحٍ لَّمَّا كَذَّبُوا الرُّسُلَ اَغْرَقْنٰهُمْ وَ جَعَلْنٰهُمْ لِلنَّاسِ اٰيَةً ؕ وَ اَعْتَدْنَا
لِلظّٰلِمِيْنَ عَذَابًا اَلِيْمًا ۚۖ۝۳۷ وَّ عَادًا وَّ ثَمُوْدَاۡ وَ اَصْحٰبَ الرَّسِّ وَ قُرُوْنًۢا
بَيْنَ ذٰلِكَ كَثِيْرًا ۝۳۸ وَ كُلًّا ضَرَبْنَا لَهُ الْاَمْثَالَ ۫ وَ كُلًّا تَبَّرْنَا تَتْبِيْرًا ۝۳۹ وَ
لَقَدْ اَتَوْا عَلَى الْقَرْيَةِ الَّتِيْۤ اُمْطِرَتْ مَطَرَ السَّوْءِ ؕ اَفَلَمْ يَكُوْنُوْا يَرَوْنَهَا ۚ
بَلْ كَانُوْا لَا يَرْجُوْنَ نُشُوْرًا ۝۴۰ وَ اِذَا رَاَوْكَ اِنْ يَّتَّخِذُوْنَكَ اِلَّا هُزُوًا ؕ
اَهٰذَا الَّذِيْ بَعَثَ اللّٰهُ رَسُوْلًا ۝۴۱ اِنْ كَادَ لَيُضِلُّنَا عَنْ اٰلِهَتِنَا لَوْ لَاۤ اَنْ
صَبَرْنَا عَلَيْهَا ؕ وَ سَوْفَ يَعْلَمُوْنَ حِيْنَ يَرَوْنَ الْعَذَابَ مَنْ اَضَلُّ
سَبِيْلًا ۝۴۲ اَرَءَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ ؕ اَفَاَنْتَ تَكُوْنُ عَلَيْهِ وَكِيْلًا ۙ۝۴۳
اَمْ تَحْسَبُ اَنَّ اَكْثَرَهُمْ يَسْمَعُوْنَ اَوْ يَعْقِلُوْنَ ؕ اِنْ هُمْ اِلَّا كَالْاَنْعَامِ
بَلْ هُمْ اَضَلُّ سَبِيْلًا ۝۴۴ ع

ع ۴ ۲

۽ اسان موسىٰ عليه السلام کي ڪتاب عطا ڪيو ۽ ان جي ڀاءُ هارون عليه السلام کي ان سان گڏ ان جو وزير مقرر ڪيو.(35) پوءِ انهن کي چيو تہ اوهان ٻئي ڳڇي انهن ماڻهن ڏانهن وڃو، جن ماڻهن اسان جي آيت جي تڪذيب (ڪوڙو چوڻ) وارو عمل ڪيو آهي. آخر ڪار اسان هنن (فرعونين) کي هلاڪ ڪري ڇڏيو (36) ۽

نوح ﷺ جي قوم به پيغمبرن کي ڪوڙو قرار ڏنو ته اسان هنن کي غرق ڪري ڇڏيو ۽ ٻين ماڻهن لاءِ عبرت جو نشان بڻائي ڇڏيو ۽ ظالمن لاءِ اسان دردناڪ عذاب تيار رکيو آهي. (37) ۽ قومِ عاد، قومِ ثمود ۽ اصحاب الرس (کوهه وارا) ۽ انهن جي درميان ٻين بهترين قومن کي اسان هلاڪ ڪيو آهي. (38) ۽ هر هڪ قوم کي پوين قومن جا حوالا ڏئي سمجهايو. آخرڪار انڪار سبب اسان هنن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو. (39) هي قريش قوم جا ماڻهو ان آباديءَ مان گذريا به آهن، جنهن تي بري طرح پٿر وسايا هئا، ڇا هي ماڻهو اهو ڪو نه ٿا ڏسن، جو هن مان عبرت حاصل ڪن، پر هو بعث بعد الموت تي يقين نٿا رکن ۽ هي ماڻهو غور و فڪر ڪئي بغير انڌن وانگر گذري وڃن ٿا.(40) هي ماڻهو جڏهن به توکي ڏسن ٿا ته توسان مسخري ۽ ٺٺول ڪن ٿا ۽ چون ٿا ته هي آهي اهو شخص، جنهن کي الله رسول ڪري موڪليو آهي.(41) عين ممڪن هو ته هي شخص اسان کي اسان جي معبودن کان ورغلائي ڇڏي ها، جيڪڏهن اسان پنهنجي عقيدي تي ثابت قدم نه رهون ها. عنقريب جڏهن هو عذاب ڏسندا ته پوءِ کين معلوم ٿي ويندو ته ڪير سڌي رستي کان ڀٽڪيل هيو. (43) ڇا توهان ان شخص کي ڏٺو آهي، جنهن پنهنجي نفس جي خواهش کي پنهنجو معبود (الله) بنائي ڇڏيو آهي. ڇا اي نبي رحمت خاتم النبيين ﷺ! تون اهڙي نا فرمان ماڻهوءَ جي ذميداري کڻي سگهين ٿو. (43) يا تون ائين سمجهين ٿو ته ڇا هنن مان اڪثر ٻڌن ٿا ۽ سمجهن ٿا، ائين بلڪل ناهي، هو جانورن وانگر آهن، يا ان کان به وڌيڪ ڀٽڪيل آهن.(44)

---

حق ۽ باطل جي ڪشمڪش جو هي سلسلو ڪو نئون ناهي. هي شروع کان ئي هلندو اچي. هڪ طرف ايمان وارن جي جماعت آهي ته ٻئي طرف وري شيطاني لشڪر ۽ ڪفر جا علمبردار آهن، جنهن جو مثال موسىٰ ﷺ کي توريت ڏئي فرعون جهڙي

سرڪش، متڪبر ۽ ظالم بادشاهہ ڏانهن موڪليو ۽ هارون ؑ کي سندس معاون وزير ڪري گڏ موڪليو، جنهن مهم لاءِ هنن جو انتخاب ڪيو ويو هو، اها تمام سخت هئي، جنهن لاءِ وڏي عزم ۽ ارادو درڪار هيو تہ هو فرعون آڏو اسلام جي دعوت پيش ڪن. ”وَزِيْر“ جو لفظ وِزْرُ (بوجهہ/بار/ وزن) لاءِ ايندو آهي. ”تَزِرُ وَازِرَةٌ وِزْرَ“ يعني ڪنهن سان گڏجي بار ڪڻڻ وارو يا مددگار. اسان هنن ٻنهي کي حڪم ڪيو تہ هو ٻئي گڏجي ان قوم ڏانهن وڃن، جن اسان جي آيتن، حڪمن، هدايتن ۽ نصيحتن کي نڪرايو آهي ۽ ان جي کلي عام مخالفت، سرڪشي ۽ زور زبردستي ڪري رهيا آهن. هنن جي پوري ڪوشش ۽ ڪاوش اها آهي تہ هو حق جي آيتن کي ڪوڙو قرار ڏئي، پنهنجي ظالماڻي نظام کي قائم رکن. الله جي حڪم جي تعميل ڪندا، هو ٻئي هن قوم ڏانهن ويا، سخت ڪشمڪش ٿي، ڪفر پنهنجي پوري قوت ۽ طاقت سان حق کي شڪست ڏيڻ لاءِ نڪري آيو ۽ الله جي آيتن جو صريحًا انڪار ڪيو. فرعون جنهن جا مالي ذريعا، افرادي قوت، سلطنت ۽ طاقت گهڻي موجود هئي. ان سان ٻن خدا جي نبين جو مقابلو ٿيو. هي ٻئي بي سرو ساماني، رحم جوڳي حالت ۽ افراد يا نفريءَ جي مدد کان محروم، اڪيلا الله جي پيغام جي قوت، استقامت ۽ استطاعت سان معرڪہءِ حق و باطل ۾ حق جا علمبردار ٿي مقابلي لاءِ آيا ۽ الله جون آيتون ۽ احڪام فرعون آڏو پيش ڪيا، جنهن انهن جو انڪار ڪيو، هن معرڪي ۾ بہ اسان حق کي ڪامياب ڪيو ۽ باطل کي تهس نهس ڪري ڇڏيو، نتيجي ۾ نہ رهيو فرعون ۽ نہ رهي فرعونيت، پر الله جي حڪمت ۽ قدرت سوياري ٿي.

اهڙيءَ طرح نوح ؑ کي اها ساڳي ذميداري ڏئي هڪ بگڙيل قوم ڏانهن رسول ڪري موڪليو، جنهن ساڍا نو سؤ سال پنهنجي قوم (برادري) کي حق جي پيغام سان روشناس ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي ۽ هن جي پيغام کي ڪوڙو قرار ڏنو تہ اسان انهن کي غرق ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح هنن جي انجام کي ٻين ماڻهن لاءِ مڪافات عمل جي چٽي نشاني بڻايو تہ جيئن انهن کي معلوم ٿي وڃي تہ هڪ ظالم ٽولو جڏهن ڪمزور ماڻهن تي بي جا ظلم تي ظلم جا وار جاري رکندو آهي تہ انهن کي هن طرح واري الم انگيز عذاب ۾ مبتلا ڪيو ويندو آهي. هت آيت ۾ ”كَذَّبُوا الرُّسُلَ“ ۾ دراصل هڪ رسول (ياءُ سميت) جي بعثت ٿي هئي. پر جيڪڏهن اهڙا ٻيا گهڻا رسول بہ ساڳيو پيغام کڻي اچن ها تہ انهن کي بہ ڪوڙو ڪوٺيو وڃي ها، ان ڪري ”اَلرُّسُلُ“ رسول جو جمع آيو

آهي. ياد رهي تہ پيغمبرن جي شدت سان مخالفت ڪرڻ وارن ڪافرن ڪي هن دنيا ۾ ئي نقد انجام الم ناڪ عذاب جي صورت ۾ ڏنو ويندو، مگر اصل عذاب يعني آخرت جو عذاب انهن جو استقبال ڪندو، جيڪو نهايت بي حد دردناڪ ۽ تڪليف ده هوندو. اهڙي طرح عاد جي قوم ۽ ثمود جي قوم ۽ اصحاب رس (کوهہ وارا) ۽ ٻين ڪيترين ئي اهڙين نافرمان قومن کي جيڪي انهن درميان يا اڳي پنتي آيون آهن، ڪين انهيءَ عذاب جي ميزبانيءَ سان نوازيو ويو آهي. هنن سمورين قومن جي آڏو تاريخي شهادتون پيش ڪري ڪين وقت بہ وقت آگاهہ ڪندا رهياسون ۽ ڪين صاف صاف ٻڌائي ڇڏيو هيو تہ خدا جي حڪمن ۽ قانون کان سرڪشي ۽ نافرماني ڪرڻ جو آخرڪار ڪهڙو انجام هوندو آهي. پر هنن هن سود مند نصيحت تي ڪو بہ توجه نہ ڪيو ۽ پنهنجي غلط روش تي اڙيا رهيا تہ آخرڪار اسان جو مڪافات عمل وارو قانون حرڪت ۾ آيو ۽ اهي سڀ جا سڀ تباهہ ٿيندا رهيا. ياد رهي تہ ان وقت اجان توريت نازل نہ ٿيو هيو، توريت تہ ان فرعون جي وفات کان پوءِ نازل ٿيو، پر ان وقت بہ نبي پنهنجي پالڻهار جون نشانيون پيش ڪري رهيو هو.

هنن قومن جي هلاڪت جا داستان ڪٽي هنن ماڻهن لاءِ درد جا داستان هجن، پر هنن عرب قبيلن ۽ قوم لاءِ حضرت لوط ؑ جي قوم جي هلاڪت جو احوال تہ موجود آهي ۽ هو شام جي سفر دوران انهيءَ مقام کان گذرندا رهن ٿا، ڏسندا ٻڌندا رهن ٿا تہ هن فحاش ماڻهن تي پٿرن جي برسات وسائي، ڪين برباد ۽ هلاڪ ڪيو ويو. پر هي ان اکين ڏٺي عبرت ناڪ انجام مان ڪا نصيحت پرائڻ لاءِ تيار نہ آهن ۽ مخالفت، دشمني جي روش تي اڙيا بيٺا آهن. ان ڪري ڪين اهڙي دردناڪ ۽ هيبت ناڪ عذاب جو نشانو بنايو ويو ۽ سمورن کي تباهہ ۽ برباد ڪيو ويو، جن جو اڄ نالو نشان بہ ناهي. سواءِ انهن تباهہ ٿيل بستين جي آثار قديمہ جي نشانيءَ بدران. ڇا هي اهي مناظر نٿا ڏسن، پر هنن جي سڌرڻ جي ڪا بہ اميد ناهي، ڇو تہ هو آخرت جا انڪاري آهن، ان ڪري ان لاءِ ثمر گڏ ڪرڻ کان آجا ٿي دنياوي عيش و عشرت جا خوهان آهن. اهو ئي سبب آهي جو هي ماڻهو جڏهن توکي ڏسن ٿا تہ توکي مذاق ۽ ٺٺول جو نشانو بڻائين ٿا. اهڙي انداز ۽ الفاظن سان هو تنهنجي تحقير ڪن ٿا، جنهن ۾ طعنن، ٽنڪن ۽ قابل مؤاخذه الفاظ جو استعمال آهي. هو ڪڏهن بہ سنجيده ٿي تنهنجي نصيحت ٻڌڻ جا قائل نہ آهن ۽ هرحال ۾ مخالفت جا تير

وسائيندا رهن تا ۽ حقارت سان چون ٿا تہ هي شخص آهي، جو نبي ٿي آيو آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجي مستقل مزاجيءَ جو مظاهرو ڪندي پنهنجي دين، ڌرم ۽ رسم تي مضبوطيءَ سان ثابت قدم نہ رهون ها تہ هي اسان کي پنهنجن معبودن کان ٻهڪائي ڇڏي ها. هينئر هي ذاتي ضد ۽ عناد جي سرڪش گهوڙي تي سوار آهن، پر جڏهن هنن جي بڇڙن ڪمن جي حوالي سان اتمام حجت جو وقت پورو ٿي ويندو، تڏهن هنن کي سڌ پوندي تہ ڪير راهہ راست تي هيو ۽ ڪير گمراهي، ضلالت ۾ گرفتار ۽ پليل هو. ڇا تو ان شخص کي ڏٺو آهي، جنهن پنهنجي خواهش کي پنهنجو الٰہ بنائي ڇڏيو آهي ۽ هي ان جي پوري ڪرڻ لاءِ هر جائز ناجائز ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهي. شرڪ رڳو قبرن، بتن جي پوڄا ڪرڻ ۽ غير الله آڏو جهڪي ڪلم ڪلا انهن جي عبادت ڪرڻ ۽ انهن کي خوش رکڻ لاءِ سندن نانءُ تي نذر و نياز ڪرڻ جو نالو نہ آهي، پر الله جي حڪمن خلاف ٻين جي حڪمن کي ترجيح ڏيڻ، ان تي عمل پيرا ٿيڻ ۽ پنهنجي خواهش جي ناجائز تعميل ڪرڻ بہ شرڪ آهي. (المائده: 44/5 کان 47 تائين) حديث شريف ۾ آهي: ”جَاهِدُوْا اَهْوَآئَكُمْ كَمَا تُجَاهِدُوْنَ اَعْدَآئَكُمْ“ توهان پنهنجن خواهشن خلاف اهڙو جهاد جاري رکو، جهڙو جهاد دشمن خلاف ڪندا آهيو. انسان جو نفس اماره هميشہ هر وقت اهڙين خواهشن، آروزئن ۽ اميدن تي اڀاريندو رهندو آهي، جنهن ۾ هو پنهنجي ذاتي مفاد خاطر ناحق کي حق ۽ ناجائز کي جائز قرار ڏئي پنهنجي خواهش کي پورو ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪو الله جي صريح حڪمن کي ڄاڻي واڻي پسِ پشت ڪري پنهنجي نادان نفس جي خواهش پوري ڪندو تہ اهو بہ شرڪ جي نشانين مان هوندو. (المائده: 44/5 کان 47 تائين) ياد رهي تہ شرڪ ”ظلم عظيم“ آهي، ان ڪري ان جي ظاهري ۽ مخفي حملن کان پاڻ کي بچائي، پنهنجي خواهشن تي ڪنٽرول ڪرڻ گهرجي.

اي رسول الله ﷺ! ڇا تون اهڙي شخص جي ذميداري کڻي سگهين ٿو تہ هو جهنم جو ٻارڻ نہ ٿئي. هر گز نہ، هي خواهش جو غلام حق ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي ۽ گمراهي جون سڀ حدون پار ڪري چڪو آهي. ڇا تون سمجهين ٿو تہ اهڙا ماڻهو دليل ۽ برهان جي ڳالهہ ٻڌڻ ۽ ان تي توجه ڏيڻ ۽ هوش و حواس ۽ عقل و خرد کان ڪم وٺڻ لاءِ آماده آهن. هو اڃان حيواني سطح جي زندگي بسر ڪري رهيا آهن ۽ انساني شڪل ۾ جانور صفاتي

بوتا آهن. هي جانورن کان وڌيڪ غلط راهه تي هلندڙ آهن. جانور تہ فطرت جي قانون جا پابند آهن، پر انسان کي تہ عقل و شعور، سمجهہ ۽ سوچ جي قوت سان نوازيو ويو آهي، هو انهن صلاحيتن کان صحيح ڪم وٺڻ بدران غلط ڪم ڪرائي رهيو آهي ۽ جذبات جي رو ۾ اچي، انسان هر گهڙي پنهنجي روش ۽ خواهش بدليندو ٿو رهي.

اَلَمْ تَرَ اِلٰى رَبِّكَ كَيْفَ مَدَّ الظِّلَّ ۚ وَ لَوْ شَآءَ لَجَعَلَهٗ سَاكِنًا ۚ ثُمَّ جَعَلْنَا
الشَّمْسَ عَلَيْهِ دَلِيْلًا ﴿۴۵﴾ ثُمَّ قَبَضْنٰهُ اِلَيْنَا قَبْضًا يَّسِيْرًا ﴿۴۶﴾ وَ هُوَ الَّذِيْ
جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ لِبَاسًا وَّ النَّوْمَ سُبَاتًا وَّ جَعَلَ النَّهَارَ نُشُوْرًا ﴿۴۷﴾ وَ هُوَ
الَّذِيْٓ اَرْسَلَ الرِّيٰحَ بُشْرًۢا بَيْنَ يَدَيْ رَحْمَتِهٖ ۚ وَ اَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ
مَآءً طَهُوْرًا ﴿۴۸﴾ لِّنُحْیِۦَ بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا وَّ نُسْقِيَهٗ مِمَّا خَلَقْنَآ اَنْعَامًا وَّ اَنَاسِيَّ
كَثِيْرًا ﴿۴۹﴾ وَ لَقَدْ صَرَّفْنٰهُ بَيْنَهُمْ لِيَذَّكَّرُوْا ۖ فَاَبٰۤى اَكْثَرُ النَّاسِ اِلَّا كُفُوْرًا ﴿۵۰﴾

ڇا تو پنهنجي رب جي قدرت نہ ڏٺي آهي تہ هو ڪهڙي طرح پاڇا پکيڙي ٿو ۽ جيڪڏهن هو چاهي ها تہ ان کي هڪ هنڌ بيهاري ڇڏي ها، پوءِ سج کي اسان ان لاءِ دليل بڻايو آهي. (45) پوءِ ان (پاڇي) کي اسان ڌيري ڌيري پاڻ ڏانهن ويڙهڻ گهرون ٿا. (46) ۽ هي اهو ئي پروردگار آهي، جنهن رات کي اوهان لاءِ پرده پوش ڪري ان ۾ ننڊ کي راحت جو ذريعو بڻايو ۽ ڏينهن کي اٿاري بيدار ڪرڻ جو وقت ڪيو. (47) ۽ هي اهو ئي رب رحيم آهي، جيڪو هوائن کي هلائي ٿو پنهنجي رحمت جي آڏو بشارت بنائي ٿو ۽ اسان آسمان طرفان پاڪ پاڻي برسات جي صورت ۾ وسايو. (48) تہ جيئن اسان غير آباد ۽ مرده زمين کي آباد ۽ زنده ڪريون ۽ اسان پنهنجي مخلوقات مان چوپاين ۽ انسانن کي سيراب

**ڪيون ٿا. (49) اسان هن گردشِ ايام کي هير ڦير جي معين نظام طور هنن جي درميان حرڪت ۾ آڻيون ٿا، جيڪن ماڻهو ان مان نصيحت حاصل ڪري پاڻ سڌاري سگهن، پر اڪثر انسان ناشڪرا آهن. (50)**

ڪائنات جي وسعتن ۾ ڏسو حيوانات هجي، يا نباتات هجي يا جمادات هجي، اهي الله جي هڪ قانون جا پابند آهن. حيوانات ته ڇا پر خارجي ڪائنات ۾ بي جان، جامد ۽ سڪونت واريون شيون به هڪ ئي روش تي روان دوان آهن، جيڪي قانون جاندار شين ۾ ڪارفرما آهن، اهي قانون بي جان شين تي ظهور پذير آهي. ڪڏهن هن تي غور ڪيو آهي ته خدا جو قانون ڪائنات ڪهڙي سائي کي ڊگهو ڪري ٿو ۽ سج جو اوڀر کان نڪرڻ سان اوهان طرف پاڇو وڏ مان وڏ ڊگهو هجي ٿو، جيڪو سج جي مٿي اچڻ سان پاڇو گهٽبو وڃي ٿو ۽ عين وچ ڏينهن يعني زوال ڪان ٿورو اڳ گهٽ مان گهٽ تي اصل شيءِ جي پيرن هيٺ پهچي وڃي ٿو ۽ وري سج جي اولهه طرف وڃڻ سان پاڇو اوڀر طرف سج جي رفتار مطابق وڌندو وڃي ٿو ۽ سج لهڻ تائين اوترو ئي ڊگهو تي وڃي ٿو، جيترو سج ايرڻ مهل اولهه طرف پکڙيل هيو. انهيءَ پاڇي تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته هي صبح جو وقت آهي ۽ هي شام جو وقت آهي ۽ انهيءَ پاڇي جي گهٽجڻ وڌڻ سان ڏينهن جي جدا جدا حصن جو علم ٿئي ٿو. اهو سايو سج جي ايرڻ لهڻ جي وچ واري وقت ۾ رونما ٿئي ٿو، جيڪڏهن خدا جي قانون ۾ سج ۽ زمين جي گردش جو هڪ مضبوط نظام نه هجي ۽ سج گردش نه ڪري، يا هميشه رات هجي يا هميشه ڏينهن هجي، هن پاڇي جو وڌڻ، گهٽجڻ لاءِ سج هڪ دليل آهي. هي روزمره جو منظر آهي، جيڪو ٻڌائي ٿو ته جڏهن بي جان شين جي حرڪت ۽ گهٽجڻ وڌڻ، هڪ قانون هيٺ آهي ته پوءِ جاندار شيون ۽ خاص طور تي انسان ان فطري قانون ڪان الڳ ڪيئن هوندو. قانون ساڳيو آهي، پر انسان کي عقل، شعور ۽ فهم فراست جي نعمتن سان نوازيو آهي. ان ڪري ڪيس ارادي ۽ اختيار ۽ ان قانون موجب زندگي گذارڻ يا نه گذارڻ جا ٻئي موقعا ڏنا ويا آهن، پر قانون الاهي ئي ان جو معيار ۽ ميزان هوندو، انسان ڪانسواءِ باقي دنياوي شيون جاندار يا بي جان سڀ خدا جي ان قانون فطرت جا پابند آهن. اهڙيءَ طرح روان آفتاب سان گڏ پاڇا به اوڀر طرف وڌڻ

شروع ڪن ٿا، ڏيري ڏيري ڏکيا ٿيندا وڃن، جيڪي سج لهڻ سان غائب ٿي وڃن ٿا، ائين نہ هجي ها تہ پوءِ هميشہ رات جي هجڻ يا هميشہ ڏينهن جي هجڻ کي ڪير روڪي سگهي ها. اهو ساڳيو ڪائناتي قانون رات ۽ ڏينهن جي هڪ ٻئي پٺيان اچڻ واري نظام ۾ ڪارفرما آهي. جنهن قانون موجب خدا رات کي پرده پوشي ڏئي، مخلوقات ۽ خاص طرح انسان لاءِ هن رات جي سڪون وارو وقت بنايو، جنهن ۾ هو آرام ڪري ٿو ۽ سڄي ڏينهن جي محنت ۽ ڊڪ ڊوڙ سبب پهتل ٿڪاوٽ دور ٿئي ٿي. ننڊ دوران انساني شعور وقتي طور معطل ٿي وڃي ٿو ۽ ماڻهو مئل تصور ٿئي ٿو ۽ اهڙي طرح انساني اعصاب سڪون حاصل ڪن ٿا ۽ انسان تازه توانا ٿي، وري ڏينهن جي وقت ۾ اوهان ننڊ کان بيدار ٿي پنهنجي معمولات ۽ مصروفيات کي شروع ڪيو ٿا تہ جيستائين وري رات اچي. الله جي انهيءَ اٽل قانون موجب هو پوري مخلوقات لاءِ اسبابِ حيات پيدا ڪرڻ لاءِ برسات جو انتظام ڪري ٿو، جنهن سبب سمنڊن جو پاڻي بخارات بڻجي، آسمان طرف رخ رکي ٿو، جنهن کي فضا ۾ بادل بنائي هوائن جي ذريعي انهن بادلن کي تہ بہ تہ ڪري پاڻي جي اڻ کٽ خزانن سان خشڪ ۽ ويران زمين کي تازگي ۽ نرمي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت ڏئي جهنگ ۾ منگل ۽ برن ۾ بازارون ڪري ٿو. ڏڪر کي سڪر ۾ تبديل ڪري انسانن، جانورن، جيتن جڻن لاءِ زندگيءَ جا وسيلا مهيا ڪري ٿو ۽ پاڻيءَ جي برڪت سان نظامِ حيات جو مضبوط، مربوط ۽ پائدار انتظام ڪيو آهي. هي سمورو ڪاروبار ان ڪائناتي قانون جي مرهون منت آهي، جنهن کي الله تعاليٰ پنهنجي قدرت ۽ ڪنٽرول ۾ رکي ڪاميابيءَ سان هلائي رهيو آهي.

مطلب هي حقيقت آهي تہ جيڪي دنيا جي گوشي گوشي ۾ هي حڪمتون ۽ قدرتون نمايان آهن، ڇا بنا خالق جي خود بخود وجود ۾ اچي ويون آهن ۽ آسمان کان زمين تائين بادل، هوا، بارش، رات ڏينهن جي گردش، پاڇي جو گهٽجڻ وڌڻ، آسمان جو نظام شمسي خودڪار آهن يا خالق جي مخلوقات ۽ ان جي مثبت پروگرام هيٺ مشيت خداوندي تحت ڪارفرما آهن. يا خودبخود پيدا ٿيا ۽ خودبخود پنهنجي پنهنجي طور طريقي سان پاڻ پرا آهن. معلوم ٿيندو تہ هن سمورن اشياءِ عالم جو انتظام خدا جي قانون ۽ قدرت جي ڪامل ۽ مڪمل طريقي تي هلي رهيا آهن ۽ هر شيءِ الله جي حاڪميت ۽ بادشاهيت جي گواهي ڏئي رهي آهي.

هر گیاہے که از زمین روید
وحده لا شریک له گوید

اسان هن قرآن کي هنن ماڻهن لاءِ طرح طرح جي پيرائي سان بيان ڪيو آهي ته جيئن هو ڪنهن هڪ آيت جي مفهوم کي سمجهڻ ۾ قاصر هجن ته ساڳي مضمون کي ٻين جاين تي بيان ڪري، آيت جي اصل معنىٰ ۽ مفهوم کي سمجهڻ جي سهوليت مهيا ڪئي آهي. خدا جي رحمت ۽ ربوبيت جو دليل نوع انسان جي رهبري لاءِ ڀرپور طريقي سان پيش ڪيو آهي ته انسان ڏسي ته جڏهن اشياءِ ڪائنات خدا جي قانون جي اتباع ڪري، مثبت ۽ تعميري نتيجا مرتب ڪري رهي آهي ته پوءِ ثابت ٿيو ته انسان ان قانون مطابق زندگي گذاري، خوشگواري، سڪون ۽ امن حاصل ڪري سگهي. هنن واضح دليلن ۽ هدايتن جي باوجود خود غرض انسانن جو اهو حال آهي، جو اهي هن قانون جا انڪاري ۽ مخالف آهن، قرآن ته هنن کي بار بار دعوت ڏئي رهيو آهي ته جيئن هر طبقو ۽ هر گروهه ان مان فائدو حاصل ڪري سگهي.

وَ لَوْ شِئْنَا لَبَعَثْنَا فِيْ كُلِّ قَرْيَةٍ نَّذِيْرًا ﴿٥١﴾ فَلَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَ جَاهِدْهُمْ بِهٖ
جِهَادًا كَبِيْرًا ﴿٥٢﴾ وَ هُوَ الَّذِيْ مَرَجَ الْبَحْرَيْنِ هٰذَا عَذْبٌ فُرَاتٌ وَّ هٰذَا مِلْحٌ
اُجَاجٌ ۚ وَ جَعَلَ بَيْنَهُمَا بَرْزَخًا وَّ حِجْرًا مَّحْجُوْرًا ﴿٥٣﴾ وَ هُوَ الَّذِيْ خَلَقَ مِنَ
الْمَآءِ بَشَرًا فَجَعَلَهٗ نَسَبًا وَّ صِهْرًا ؕ وَ كَانَ رَبُّكَ قَدِيْرًا ﴿٥٤﴾ وَ يَعْبُدُوْنَ مِنْ
دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنْفَعُهُمْ وَ لَا يَضُرُّهُمْ ؕ وَ كَانَ الْكَافِرُ عَلٰى رَبِّهٖ
ظَهِيْرًا ﴿٥٥﴾ وَ مَاۤ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ﴿٥٦﴾ قُلْ مَاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ
اَجْرٍ اِلَّا مَنْ شَآءَ اَنْ يَّتَّخِذَ اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيْلًا ﴿٥٧﴾ وَ تَوَكَّلْ عَلَى الْحَيِّ الَّذِيْ

مع عند المتقدمين

لَا يَمُوْتُ وَ سَبِّحْ بِحَمْدِهٖ ؕ وَ كَفٰى بِهٖ بِذُنُوْبِ عِبَادِهٖ خَبِيْرًا ۚۛ ﴿۵۸﴾ الَّذِيْ
خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ وَ مَا بَيْنَهُمَا فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى
الْعَرْشِ ۛۚ اَلرَّحْمٰنُ فَسْئَلْ بِهٖ خَبِيْرًا ﴿۵۹﴾ وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمُ اسْجُدُوْا لِلرَّحْمٰنِ
قَالُوْا وَ مَا الرَّحْمٰنُ ۗ اَنَسْجُدُ لِمَا تَاْمُرُنَا وَ زَادَهُمْ نُفُوْرًا ﴿۶۰﴾ السجدة

السجدة ٧ ع ٥

۽ جيڪڏهن اسان گهرون ها (قانون مشيت مطابق) تہ هر بستي ۾ هڪ نذير (نبي) موڪلي ڏيون ها. (51) اي نبي محترم ﷺ! ان ڪري تون هنن جي اعتراضن تي توجه نہ ڏي ۽ هن قرآن جي ذريعي هنن سان فيصله ڪُن جهاد جاري رک. (52) هي اهو الله آهي، جنهن ٻن دريائن کي هڪ ٻئي جي پرسان اهڙي طرح ملايو آهي، جو هڪ ٻئي جي پرسان هجڻ باوجود الڳ الڳ آهن، هڪ جو پاڻي منو ۽ نهايت خوش ذائقہ آهي ۽ ٻيو پاڻي کارو ۽ نهايت ڪوڙو آهي. هنن ٻنهي جي درميان هڪ آڙ (رڪاوٽ) رکي آهي. (53) هي اهو الله آهي، جنهن پاڻيءَ مان انسان پيدا ڪيو، جنهن هن جو نسب (ابن ڏاڏن وارو) ۽ سسرالي خاندان وارو رشتو جوڙيو آهي. (54) هي ماڻهو الله کي ڇڏي اهڙي شيءِ جي پرستش ڪن ٿا، جيڪا نہ هنن کي نفعو ڏئي سگهي ۽ نہ نقصان پهچائي سگهي ٿي ۽ ڪافر الله جا حريف بڻجي ويا آهن. (55) اي رسولِ حق ﷺ! اسان توکي بشارت ڏيندڙ ۽ خبردار ڪندڙ ڪري موڪليو آهي. (56) هنن کي چئو تہ مان هن ڪم جو اوهان کان اجورو ڪو نہ ٿو وٺان. هاڻي هي اوهان تي ڇڏيل آهي تہ اوهان گهرو تہ پنهنجي رب جي راهہ اختيار ڪيو. (57) تون سدا حيات (الحيّ) خدا تي ڀروسو رک، جو ڪڏهن بہ مرڻ وارو ناهي ۽ ان جو حمد ۽ تسبيح ڪندا رهو. هو پنهنجي ٻانهن جي گناهن

ڪان پوري طرح آگاهه آهي. (58) جنهن آسمانن، زمين ۽ جو ڪجهه به انهن جي درميان آهي، (تمام مخلوقات) کي ڇهن ڏينهن (ادوار) ۾ پيدا ڪيو آهي ۽ پوءِ ڪائنات جي مرڪزي نظام پنهنجي دست قدرت ۾ رکيو آهي، جيڪو وڏو رحم ڪرڻ وارو رحمان رب آهي، سو توهان هن جي اعلىٰ شان ۽ برتر بالا مقام جو علم نٿا رکو ته پوءِ اهڙي شخص کان پڇو جيڪو وحي خداوندي جي روشني ۾ عقل و بصيرت ۽ فهم و فراست کان ڪم وٺندي اسرار ۽ رموز ڪائنات جي آگاهي رکي ٿو (يا توکي جو ڪجهه گهرڻو آهي، تون انهيءَ الله عليم خبير کان طلب ڪر، جيڪو ڄاڻي ٿو ته ڪنهن کي ڪيتري ضرورت آهي ۽ تنهنجي طلب انهيءَ کان ئي پوري ٿيندي).(59) ۽ جڏهن انهن ڪافرن کي چيو ويندو آهي ته رحمان کي سجدو ڪريو ته چون ٿا رحمان ڪير آهي؟ ڇا اسان ان کي سجدو ڪريون، جنهن جو تون حڪم ڏئي رهيو آهين؟ ۽ انهيءَ روش هنن کي نفرت ۾ اجان وڌائي ڇڏيو آهي. (60)

---

هنن ڪافرن جو ٻيو اعتراض اهو هيو ته اسان جا جدا جدا قبيلا آهن، انهن مان هر هڪ قبيلي لاءِ الڳ نبي ڇو نه موڪليو ويو آهي، جهڙي طرح هن کان اڳ ٿيندو رهيو آهي، جنهن ۾ هر نبيءَ کي ٿوري ٿوري علائقي ۽ قوم جي ذميداري ڏني وئي هئي، پر هن ڀيري ماضي جي روايتن کي ڇڏي، رڳو هڪڙي رسول کي ايڏو وڏو ڪم سونپيو آهي، جنهن ۾ هن کي سمورن قبيلن جو خيال ڪرڻو پوندو ۽ انهن جو ذمو ۽ بار کڻڻو پوندو. پر هاڻي جڏهن ته اسان جي مشيت جي مطابق اهو دور اچي ويو آهي، جنهن ۾ رسالت کي قومي سطح جي نه، پر عالمگير هئڻ گهرجي. جهڙي طرح ڪائنات ۽ قانون به عالمگير آهن ۽ ان ۾ رزق جو سامان به عالمگير آهي، ان ڪري اسان هن قرآن کي تمام نوع انسان لاءِ ضابطهءِ حيات ڪيو آهي. (الفرقان: 1/25) "وَلِكُلِّ قَوْمٍ هَادٍ" (الرعد: 7/13) هر قوم لاءِ الڳ هادي ۽ رسول موڪليو ويو آهي. "وَمَا كَانَ رَبُّكَ مُهْلِكَ الْقُرَىٰ حَتَّىٰ يَبْعَثَ فِي أُمِّهَا رَسُولًا" (القصص: 28/59) ۽ توهان جو رب تيستائين بستين کي هلاڪ ڪرڻ وارو ناهي، جيستائين انهن

بستين ۾ پنهنجو رسول موڪلي. اي رسول محترم ﷺ! تون هنن حق جي انڪار ڪندڙن جي اهڙي بيجا اعتراض تي ڌيان نہ ڏي، هي اهڙا سوال ڪري رهيا آهن، جيڪي الله جي قدرت ۽ حڪمت وارن فيصلن جي ابتڙ آهن. هنن جي خواهش تي هاڻي هر قبيلي لاءِ جدا نبي موڪلڻ جي ضرورت نہ رهي آهي. هي الله جل شانه جو فيصلو آهي، ان ڪري هنن جي اهڙي هر دعویٰ کي ٺڪرائي ڇڏ. نہ رڳو ايترو، پر هنن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ سر ڌڙ جي بازي لڳائي ڇڏ ۽ اها ڪوشش جاري رک، جيڪا آخرڪار هنن تي غالب ٿي وڃي.

ياد رهي تہ مڪي مڪرمه ۾ ان وقت حالات سنگين هيا. هڪ طرف الله جل شانه جو رسول تن تنها پنهنجي ڳالهہ تي مضبوطيءَ سان عمل پيرا هيو ۽ سندس پاءِ استقامت ۾ ذرا پر لرزش نہ هئي، جنهن ڪري حضور ﷺ ۽ ان جي ننڍڙي جماعت هر ظلم زيادتيءَ جو نشانو هئي، حضور ﷺ کي چيو ويو تہ تون ڪجهہ لچڪ پيدا ڪر تہ ڪنهن درمياني راهہ اختيار ڪري ملڪ مان بي چيني ۽ عدم سلامتي جي فضا ۾ ٺهراءُ اچي وڃي. (بني اسرائيل: 17/74-73) مخالفين تہ هن فتني کي هوا ڏئي رهيا هئا تہ ڪنهن بہ صورت رسول خدا ﷺ کي سندس موقف کان هٽايو وڃي. ان ڪري الله تبارڪ و تعالیٰ ڪافرن خلاف ڪيس سخت کان سخت جهاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو تہ جيئن دين اسلام جو پيغام هن باطل پروپيگنڊا خلاف غلبو حاصل ڪري وٺي. ان ڪري صبر، استقامت ۽ استقلال کان ڪم وٺي ڪفر ۽ شرڪ خلاف پنهنجو جهاد جاري رکو ۽ اهو خيال دل ۾ نہ اچي تہ هي سمورا ماڻهو ايمان جو نٽا آڻين. توکي معلوم هئڻ گهرجي تہ هن جهان ۾ ٻنهي قسمن جا ماڻهو موجود آهن، حق کي قبول ڪرڻ وارا بہ ۽ حق کان سرڪشي ڪرڻ وارا پڻ. جهڙي طرح الله عزو جل جي ڪائناتي قانون موجب بعض جاين تي مٺي ۽ ڪاري پاڻي جي درياهہ ۾ وهڪرا گڏ گڏ هلندا رهندا آهن. (فاطر: 12/35) پر پاڻ ۾ گڏجي نٽا وڃن ۽ هن جي درميان هڪ آڙ يا رڪاوٽ آهي، جيڪا کين جدا رکي ٿي. اهڙي طرح هڪ هنڌ رهڻ وارا انسان شڪل شباهت ۾ تہ هڪ جهڙا لڳن ٿا، پر هنن جي ذهنن ۽ سوچن ۾ وڏيون دوريون آهن. سو هت بہ حق جي پرچار ڪندڙن سان حق خلاف ڪم ڪرڻ وارا موجود آهن. ان ڪري هن ڳالهہ جو خيال ڪرڻ درست ناهي، جهڙي طرح هڪ غير مرئي قوت اتي ڪم ڪري رهي آهي تہ هتي بہ غيبي مدد تنهنجو ساٿ ڏئي رهي آهي. باقي رهيو انساني رشتن ۾ هڪ قبيلو ۽ هڪ قوم جو سوال، سو بہ خاص اهميت وارو ناهي. خدا جي تخليق واري قانون

سان انسان جي اصل پيدائش پاڻي مان آهي يا توليد جو سلسلو به پاڻيءَ جي هڪ قطري مان آهي، يعني نوع انسان جي تخليق ۽ توليد يڪسان آهي، هڪ انسان جو ٻئي انسان سان ڪو فرق ناهي، ان بعد معاشرتي ضرورتن بعد انسان جا الڳ الڳ رشتا قائم ٿي وجن ٿا، يعني ڏاڏاڻا ۽ ناناڻا. پيءُ طرف نسبي رشتا ڏاڏاڻا آهن ۽ ماءُ طرفان رشتا ناناڻا، يعني هڪ طرف نسبي رشتا ته ٻئي طرف سسرالي رشتا آهن. هن ٻن مختلف رشتن سان انسان جي انساني وحدت تي ڪو فرق نٿو پوي. رشتن جي هي لڪير به ان وقت ڪي ختم نٿي ڪري. ان ڪري قبائلي، خانداني ۽ لساني امتياز جو مطلب چا آهي. (النور: 45/24، الحجرات: 13/49) ان ڪري انهن ٻن هڪٻئي جي مختلف شين ڪي خدا جي عالمگير ربوبيت ۾ قانونِ خداوندي مطابق انساني وحدت انهن مقرر ڪيل پيمانن موجب هئڻ گهرجي، نه ڪه انسان جي خودساخته معيارن موجب. خدا جي وحدت ۽ انساني وحدت جو تقاضا آهي ته خدا جي يڪسان عالمگير ضابطه حيات يا قانونِ خداوندي ڪي پس پشت ڪري منهن موڙي، جدا جدا قبائلي بتن، رئيس، وڏيرن، چوڌرين ۽ خانن جي اطاعت ۾ سر جهڪائي، هڪ خدا جي عبادت واري توحيدي نظام ڪي نقصان رسائجي ٿو. هنن مثالن مان مراد آهي پاڻيءَ جا به وهڪرا ۽ منا ڪوڙا الڳ الڳ آهن، ڏاڏاڻا ۽ ناناڻا خاندان به به اڪايون آهن، رات ڏينهن به بظاهر هڪ ٻئي جا ضد آهن، پر اهي سڀ خدائي وحدت واري قانون ۾ هر طرح ئي عمل پيرا آهن. ان ڪري ايمان وارن ۽ انڪار وارن ڪان به هڪ وحدت جي تقاضا آهي. هي ماڻهو پلي پنهنجي ڪم عقليءَ جي ڪري قبائلي عصبيت جا شڪار آهن، يا پنهنجن ريتن ۽ رسمن جا غلام آهن، ته پلي هجن، توکي انهيءَ ڪري رسول بنائي موڪليو ويو آهي ته تون هنن ڪي خدا جي قانون طرف وٺي اچين ۽ ان جي خوشگوار نتيجن جي خوشخبري ڏيڻ ۽ ان جي مخالفت وارن ڪي تباهه ڪُن نتيجن ڪان خبردار ڪرين، جنهن ۾ هو توحيدِ خداوندي جي وحدت واري پروگرام تي عمل ڪري، انساني وحدت ۽ ملت جي شيرازي ۾ هم خيال ۽ هم آواز ٿين. تون هنن ڪي چئو ته مان توهان جو خيرخواهه آهيان ۽ اوهان ڪي بداعمالن جي برن نتيجن ڪان آگاهه ڪرڻ گهران ٿو. هن ۾ منهنجي ڪا به ذاتي غرض يا لالچ ناهي. هن محنت جو اجورو به نٿو گهران، منهنجي رڳو اها دلي خواهش آهي ته توهان پنهنجي رضا خوشي سان خدا ڏانهن وٺي وڃڻ

وارو رستو اختيار ڪريو. بس منهنجو اهو ئي اجورو ۽ معاوضو آهي. (سبا: 47/34، الشوریٰ: 42/ 13) هن ڪان پوءِ تون پنهنجي الله جي اٽل قانون ۽ ان جي غير متبادل نتيجن تي پورو پروسو رک. جيڪو خدا اوهان کي ڏوڪو نہ ڏيندو، پر پنهنجن وعدن کي هر حال ۾ پورو ڪندو، جيڪو الحيّ يعني پاڻ بہ هميشہ رهڻ وارو آهي ۽ جنهن کي موت نٿو اچي، حالانڪہ توهان جا معبود مرده جا مرده آهن. هن تسبيح ۽ تحميد سان هن جي قانون ۽ نظام جي قيام لاءِ جدوجهد جاري رکو ۽ ان جا خوشگوار نتيجا ڏسي، زبان حال سان اقرار ڪريو تہ واقعي اهو الله هر قسم جي حمد ۽ ستائش جو مستحق آهي. (الفاتحه: 1) هي اهو الله جل شانه آهي، جيڪو آسمانن ۽ زمين تي مشتمل اشياءِ عالم يعني پوري ڪائنات ۽ مخلوقات جو واحد ڪار ساز آهي. ان کي ڇهہ مراتب، تنزلات ۽ تنوّعات ذريعي اپايو آهي، جنهن بعد زمين ان قابل ٿي تہ ان تي زندگيءَ جو ظهور ٿيو ۽ زمين کي بيشمار نعمتون وديعت ڪيون. آسمانن ۾ شمسي ۽ فلڪي نظام چالو ڪيو، جنهن جي ربوبيت ۽ رحمت سان هر شيءِ ارتقا طرف مائل آهي، جنهن جو مرڪزي ڪنٽرول هن جي دست قدرت حوالي آهي.

اي مخاطب! جيڪڏهن تون رب رحمٰن بابت ڄاڻ وٺڻ گهرين ٿو، اهڙي شخص ڪان معلوم ڪر جيڪو خدا جي وحيءَ جي روشني ۾ عقل و بصيرت ڪان ڪم وٺندي ڪائنات جا اسرار ۽ رموز تائين معلوم حاصل ڪري سگهي، جيڪو تنهنجو محافظ آهي. (آل عمران: 3/189-188، فاطر: 28/35، الفتح: 3/48) يا جو ڪجهہ گهرڻو آهي، ان رب رحمان ڪان گهر، جنهن کي پوري خبر آهي تہ ڪنهن شيءِ جي ڪهڙي اهميت آهي. (الرحمٰن: 55/29-28) توهان جي هر خواهش هر طلب ان عليم خبير ڪان ملندي. هن انڪاري ٽولي جو اهو حال آهي، جو جڏهن کين چيو ٿو وڃي خدا رحمان جي قانونن ۽ حڪمن جي پيروي ڪريو ۽ ان جي آڏو سر تسليم خم رکو تہ چون ٿا تہ هي رحمٰن ڪٿان اچي ويو، هن ڪان اڳ تہ اسان کي هن نالي نشان جي ڪا بہ خبر نہ هئي، ان ڪري هي اوپرو نالو آهي، جنهن کي اسان نٿا سڃاڻو. جنهن جو اسان کي اتو پتو ناهي تہ ڇا تنهنجي چوڻ تي اسان پنهنجو دين مسلڪ ۽ مذهب ڇڏي تنهنجي چوڻ تي هڪ اڻ ڏٺي حقيقت آڏو جهڪي پئون ۽ پنهنجي عاقبت خراب ڪريون، ان ڪري تنهنجو حڪم ڇو مڃون؟

تَبٰرَكَ الَّذِيْ جَعَلَ فِي السَّمَآءِ بُرُوْجًا وَّ جَعَلَ فِيْهَا سِرٰجًا وَّ قَمَرًا
مُّنِيْرًا ﴿۶۱﴾ وَ هُوَ الَّذِيْ جَعَلَ الَّيْلَ وَ النَّهَارَ خِلْفَةً لِّمَنْ اَرَادَ اَنْ يَّذَّكَّرَ اَوْ
اَرَادَ شُكُوْرًا ﴿۶۲﴾ وَ عِبَادُ الرَّحْمٰنِ الَّذِيْنَ يَمْشُوْنَ عَلَى الْاَرْضِ هَوْنًا وَّ اِذَا
خَاطَبَهُمُ الْجٰهِلُوْنَ قَالُوْا سَلٰمًا ﴿۶۳﴾ وَ الَّذِيْنَ يَبِيْتُوْنَ لِرَبِّهِمْ سُجَّدًا وَّ
قِيَامًا ﴿۶۴﴾ وَ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا اصْرِفْ عَنَّا عَذَابَ جَهَنَّمَ ۖ اِنَّ عَذَابَهَا
كَانَ غَرَامًا ﴿۶۵﴾ اِنَّهَا سَآءَتْ مُسْتَقَرًّا وَّ مُقَامًا ﴿۶۶﴾ وَ الَّذِيْنَ اِذَآ اَنْفَقُوْا لَمْ
يُسْرِفُوْا وَ لَمْ يَقْتُرُوْا وَ كَانَ بَيْنَ ذٰلِكَ قَوَامًا ﴿۶۷﴾ وَ الَّذِيْنَ لَا يَدْعُوْنَ مَعَ
اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ وَ لَا يَقْتُلُوْنَ النَّفْسَ الَّتِيْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ وَ لَا
يَزْنُوْنَ ۚ وَ مَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ يَلْقَ اَثَامًا ﴿۶۸﴾ يُّضٰعَفْ لَهُ الْعَذَابُ يَوْمَ
الْقِيٰمَةِ وَ يَخْلُدْ فِيْهٖ مُهَانًا ﴿۶۹﴾ اِلَّا مَنْ تَابَ وَ اٰمَنَ وَ عَمِلَ عَمَلًا صَالِحًا
فَاُولٰٓئِكَ يُبَدِّلُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِهِمْ حَسَنٰتٍ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۷۰﴾

تمام گهڻي با برڪت آهي اها ذات گرامي، جنهن آسمان ۾ برج (مضبوط قلعا) بڻايا، جنهن ۾ هڪ روشن چراغ ۽ چمڪندڙ چنڊ بہ رکيا. (61) ۽ هي اهو الله جل شانه آهي، جنهن رات ۽ ڏينهن کي هڪ ٻئي جي پويان ايندڙ ڪيو آهي. هاڻي هن مان نصيحت حاصل ڪرڻ واري ۽ شڪر ادا ڪرڻ واري لاءِ نصيحت جو سامان موجود آهي. (62) رحمان جا ٻانها اهي آهن، جيڪي زمين تي عاجزي ۽ انڪساريءَ سان هلن ٿا ۽ جاهل ماڻهو جڏهن هنن سان مخاطب

ٽيندا آهن تہ انهن کي سلام ڪري الڳ ٿي ويندا آهن. (63) هو پنهنجون راتيون قيام ۽ سجدا ڪندي گذاريندا آهن. (64) ۽ هو دعا گهرندا رهندا آهن تہ اسان جا پروردگار! اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچائي رک، جيڪو عذاب سخت گير جان ليوا آهي. (65) يقينًا اها بري جڳه آهي مستقل رهڻ يا عارضي رهڻ واسطي. (66) ۽ جڏهن هو خرچ ڪن ٿا تہ نہ فضول خرچي ڪن ٿا ۽ نہ وري بخل ڪن ٿا، درميانو متوازن طريقو اختيار ڪن ٿا. (67) هو اهي آهن، جيڪي الله سان گڏ ٻئي ڪنهن کي نٿا پاڏائين ۽ ڪنهن کي ناحق قتل ڪرڻ، جنهن جو قتل الله حرام (ممنوع) قرار ڏنو آهي، نٿا ڪن ۽ زنا نٿا ڪن، جيڪو هي ڪم ڪندو اهو سخت گناهہ جو مرتڪب هوندو. (68) قيامت جي ڏينهن ان کي ٻيڻو عذاب ڏنو ويندو ۽ هو هميشہ ذلت ۽ خواري ۾ رهندا. (69) مگر جنهن توبه ڪئي ، ايمان آندو ۽ عمل صالح ڪيا تہ اهڙن ماڻهن جا گناهہ نيڪيءَ ۾ تبديل ٿي ويندا. الله جل شانه تہ بخش ڪرڻ وارو، حفاظت ڪرڻ وارو، هميشہ رحم ڪرڻ وارو رحيم رب آهي. (70)

---

الله تعاليٰ حق جي طلبگارن لاءِ سندن رهبريءَ واسطي ڪائنات کي روشن نشانين سان سينگاري ڇڏيو آهي. جنهن آسمان ۾ برج ۽ مضبوط قلعا بنايا آهن، جتي الله جا فرشتا چوڪي ڏيندا رهن ٿا. (الاحزاب: 47/46، الملڪ: 5/67) ۽ جنهن الله جل شانه ڪائنات ۾ طبعي روشني پيدا ڪرڻ ۽ فضا (آسمان) ۾ اجرام فلڪي (آسماني بتيون) هر طرف پکيڙي رکيون آهن، ستارا پنهنجي قنديلن ۾ چمڪي رهيا آهن تہ سج هڪ روشن چراغ آهي، جنهن سان زمين جا انڌيرا ختم ٿي وڃن ٿا ۽ جنهن جي روشني سان سارو جهان منور ٿي وڃي ٿو ۽ چنڊ کي پر نور بنائي ڪائنات ۾ روشني رکي آهي. ان الله انسان جي قلبي ۽ ذهني روشني لاءِ وحي الاهي جو انتظام بہ ڪيو آهي. هن بابرڪت ذات خارجي دنيا ۾ انهي سج چنڊ ۽ زمين جي گردش سان رات ۽ ڏينهن کي هڪ ٻئي جي پنيان اچڻ جو متوازن ۽ مضبوط انتظام ڪيو آهي. رات جا انڌيرا غائب ڪرڻ لاءِ ڏينهن

اڇي ٿو تہ دنيا پنهنجي ڪاروبار ۾ لڳي وڃي ٿي ۽ سارو ڏينهن ڪم ڪرڻ جي ٿڪاوٽ، سستي ۽ ڪاهليءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ رات جي راحت کي آڻي ٿو. اهڙي طرح نظام ربوبيت ۾ رحمت ڪار فرما آهي. انهن الله جل شانه جي نيڪ ۽ فرمانبردار ٻانهن جي اها خاصيت ۽ خصلت آهي تہ هو زمين تي اڪڙجي نٿا هلن. پر نهايت عاجزي، انڪساري ۽ نرمي واري نموني سان زمين تي هلن ٿا. هنن کي اختيار ۽ اقتدار ملي ٿو تہ هنن جي حڪومت ظلم ۽ استبداد واري نہ هوندي آهي، پر ٻين کي سڪون ۽ قرار بخشين ٿا. هو هنن سان هنن جي بدزباني ۽ عصبيت جو امن ۽ سلامتي سان جواب ڏين ٿا. ( آل عمران: 139/3، لقمان: 31/18-17، الحج: 22/ 41) عاجز ٻانهن ۽ مغرور سرڪشن انسانن ۾ فرق آهي تہ اهي متڪبر انسان جڏهن هيڏي هوڏي وڃن ٿا تہ آڪڙجي غرور ۽ غصي ۾ پنهنجي وڏ ماڻهپ ڏيکارڻ لاءِ زمين کي پنهنجن پيرن سان ڪنبائيندا رهن ٿا ۽ دهشت پکيڙين ٿا. ان جي برعڪس الله جل شانه جا ٻانها، آهستي آهستي قدم کڻي عاجزي ۽ انڪساري جو رويو اختيار ڪن ٿا. (بني اسرائيل: 37/17، لقمان: 31/ 18-19) هو ڪنهن جاهل سان بحث مباحثي ۾ الجهڻ بدران ان سان گفتگو نٿا ڪن ۽ ڪيس سلام ڪري پري هليا وڃن ٿا، جو تہ هو ڪنهن لغو ۽ بيهوده گفتگو ۾ شريڪ ڪار نٿا ٿين، پر منهن موڙي هليا وڃن ٿا. (المؤمنون: 3/23) جو تہ فضول، بي هوده ۽ لغو بحث مباحثن يا گفتگو ڪرڻ ۾ الجهڻ کان پنهنجو پاڻ کي بچائي رکن ٿا ۽ سمجهن ٿا تہ انهن متڪبر انسانن جي دل بندگي جي شعور کان خالي آهي ۽ سندن دل ۾ الله جي عظمت جو ڪو بہ تصور ناهي. هنن جون راتيون خراب غفلت ۾ نٿيون گذرن، پر راتين جو اٿي نماز ۾ سجده ۽ قيام ۾ رهن ٿا. الله سان تعلق قائم ڪرڻ لاءِ بارگاهہ ربي ۾ سجده ريز ٿين ٿا. (آل عمران: 19/3) اهڙي طرح هو نفساني خواهشن تي قابو پائي روحاني قوتن جي نشو و نما ڪري ”اَلصَّلٰوۃُ مِعۡرَاجُ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ“ جو مظهر ٿين ٿا. هن سموري اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ هنن جي هميشہ اها آرزو هوندي آهي تہ هو باطل نظام جي هاڃيڪار نتيجن کان پاڻ کي بچائي سگهن، جيڪي هر غلط ڪار انسان جو پيڇو ڪري رهيا آهن ۽ هر وقت بارگاهہ الاهي ۾ درخواست گذار آهن تہ اسان جا رب! اسان کي جهنم جي عذاب کان محفوظ رک، بيشڪ جهنم جو عذاب چنبڙي پوي ٿو ۽ الڳ نٿو ٿئي پرسخت تڪليف ۽ ايذا ۽ ڇچلائيندڙ

رهي ٿو. ”يَخَافُوْنَ يَوْمًا تَتَقَلَّبُ فِيْهِ الْقُلُوْبُ وَ الْاَبْصَارُ“ (النور: 37/24) هو ان ڏينهن کان ڊڄن ٿا، جنهن ڏينهن ۾ دل ۽ نگاهون ٿرٿرائجڻ سان دهلجي وينديون. ان دوزخ جي عذاب ۾ ڪو مستقل رهائش اختيار ڪري يا عارضي قيام رکي تہ اها نهايت بري قيام گاهہ آهي، جيترو وقت هن دنيا ۾ آهي، اهو سمورو وقت جيڪو عارضي ٽڪاڻو آهي ۽ مستقل طور آخرت جي زندگي آهي. ان ۾ عذاب اهڙي طرح چنبڙيل هوندو، جو هو بدن کان ڌار ٿي نہ سگهندو، پر هميشہ عذاب ۽ اذيت ڏيندو رهندو. مطلب تہ جهنم هڪ اهڙي هولناڪ جڳهہ آهي، جتي مستقل رهڻ تہ درڪنار پر هڪ عارضي منزل جي حيثيت ۾ بہ اها قابل قبول ۽ برداشت ناهي. هي اهي انسان آهن، جن کي الله جل شانه جيڪڏهن ڌن دولت جي فراواني بخشي آهي تہ هو ان کي فضول خرچيءَ ۾ ضايع نٿا ڪن ۽ نہ اهڙن ڪمن ۾ استعمال ڪن ٿا، جن جي ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي ۽ اسراف جا مرتڪب ٿي، ڪنگال ٿي وڃن ٿا ۽ نہ وري انساني ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ پنهنجي ضرورت لاءِ بہ پنهنجا هٿ بند رکن ٿا، ڪنجوسي ۽ بخل جو مظاهرو ڪن ٿا. هو هميشہ درمياني اعتدال جو رستو اختيار ڪري متوازن زندگي گذارين ٿا. (بني اسرائيل: 17/30-29) هي اهي نيڪوڪار ۽ فرمانبردار انسان آهن، جيڪي الله ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي کي معبود سمجهي ان کي نٿا ٻاڏائين ۽ هو خدا جي قانون ۽ اقتدار کي ڇڏي، ڪنهن ٻئي ايري غيري جي قانون ۽ اختيار کي تسليم نٿا ڪن ۽ غيرالله جي عبادت ۽ اطاعت نٿا ڪن ۽ پنهنجي انساني عزت ۽ وقار کي داءَ تي نٿا لڳائين.

وہ ایک سجدہ جسے تو گراں سمجھتا ہے
ہزار سجدوں سے دیتا ہے آدمی کو نجات

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

اهي ڪنهن جو قتل ناحق نٿا ڪن، يعني جنهن انسان کي الله جل شانه محترم بڻايو آهي، ”وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيْٓ اٰدَمَ“ ان جو احترام ڪن ٿا ۽ زنا جهڙي گناهہ ۽ خراب ڪم، جنهن سان معاشرو گندگي ۽ غلاظت جو ڍير بڻجي وڃي ٿو، ان کان پاڻ بچائي رکن ٿا. اهڙن ڪبيره گناهن کان بچڻ وارن لاءِ سورة النساءِ: 31/4 ۾ معافي جي نويد ڏني وئي آهي ۽ کين عزت واري مقام تي رکيو ويندو ۽ کيس هر طرح جي خوشگوار ۽ سدا بهار زندگيءَ جي بشارت ۽ نويد ڏني ويندي، پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهڙا بد ڪم ڪندو تہ اهو

ان جي سزا ضرور حاصل ڪندو. هو هن دنيا ۾ بہ ذلت ۽ خواريءَ جي زندگي گذاريندو تہ آخرت جي ڏينهن هو ٻيڻي عذاب جو مستحق هوندو. هو قبر توڙي حشر وقت ۾ ذلت ۽ خواريءَ جي زندگي گذارڻ تي مجبور هوندو، جتي هو هميشہ لاءِ رهندو، اتان نڪرڻ يا ڀڄي وڃڻ جو ڪو امڪان نہ هوندو ۽ ذلت ۽ خواري واري عذاب جي زندگي بسر ڪري رهيو هوندو. خدا جي نعمتن ۽ نوازشن کان ڪيس دور رکيو ويندو. پر جيڪڏهن ڪو فرد يا قوم مجموعي طور هن روش کي ترڪ ڪري توبه ڪري ٿو ۽ غلط راهہ کي ڇڏي، سڌي راهہ تي وڃڻ گهري ٿو ۽ ان تي هلي، عفت ۽ پاڪيزگيءَ واري زندگي اختيار ڪري ٿو ۽ اللّٰه تي پڪو پختو ايمان رکي ٿو ۽ جن جن شين تي ايمان آڻڻ جو ڪيس چيو ويو آهي، (البقره: 285/2) انهن تي پڪو پختو ايمان آڻي، آخرت جي زندگي جو يقين رکي ان لاءِ ثمر گڏ ڪري ٿو، جنهن سان هن جي انساني صلاحيتن کي وڌڻ ويجهڻ جو موقعو ملي ٿو ۽ گندي اعمال واري زندگيءَ کان ڇوٽڪارو ملي ٿو تہ خدا جو قانون مڪافات هن جي غلط روش جي پيدا ڪيل خرابين کي خوشگوار زندگيءَ ۾ بدلي ڇڏي ٿو. اللّٰه جي قانون ۾ اها گنجائش ۽ حڪمت موجود آهي تہ اللّٰه عزو جل نيڪيءَ طرف ايندڙن کي غلط راهہ روي جي نقصان رسائيندڙ نتيجن کان محفوظ ۽ مامون رکي، ان جي ذات جي نشو نما جا اسباب پيدا ڪري ٿو.

---

وَ مَنْ تَابَ وَ عَمِلَ صَالِحًا فَاِنَّهٗ يَتُوْبُ اِلَى اللّٰهِ مَتَابًا ﴿٧١﴾ وَ الَّذِيْنَ لَا
يَشْهَدُوْنَ الزُّوْرَ ۙ وَ اِذَا مَرُّوْا بِاللَّغْوِ مَرُّوْا كِرَامًا ﴿٧٢﴾ وَ الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِّرُوْا
بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ لَمْ يَخِرُّوْا عَلَيْهَا صُمًّا وَّ عُمْيَانًا ﴿٧٣﴾ وَ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا
هَبْ لَنَا مِنْ اَزْوَاجِنَا وَ ذُرِّيّٰتِنَا قُرَّةَ اَعْيُنٍ وَّ اجْعَلْنَا لِلْمُتَّقِيْنَ اِمَامًا ﴿٧٤﴾
اُولٰٓئِكَ يُجْزَوْنَ الْغُرْفَةَ بِمَا صَبَرُوْا وَ يُلَقَّوْنَ فِيْهَا تَحِيَّةً وَّ سَلٰمًا ۙ ﴿٧٥﴾
خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ حَسُنَتْ مُسْتَقَرًّا وَّ مُقَامًا ﴿٧٦﴾ قُلْ مَا يَعْبَؤُا بِكُمْ رَبِّيْ لَوْ لَا
دُعَآؤُكُمْ ۚ فَقَدْ كَذَّبْتُمْ فَسَوْفَ يَكُوْنُ لِزَامًا ﴿٧٧﴾ ع ٦ ١٧

۽ جيڪو توبه ڪري ٿو ۽ نيڪ عمل ڪري ٿو، بيشڪ اهو خدا طرف رجوع ڪري ٿو. (71) ۽ جيڪي ڪوڙي شاهدي نٿا ڏين ۽ انهن فضول ۽ لغو ڳالهين جي ماحول ڪان گذري رهيا آهن تہ هو وڏي وقار سان گذري وڃن ٿا.(72) ۽ انهن ماڻهن کي جڏهن سندن پروردگار جي آيتن ذريعي نصيحت ڪئي ويندي آهي تہ پوءِ هو هنن تي ٻوڙن ۽ انڌن وانگر نٿا ڪري پون. (73) اهي خدا ڪان دعا گهرن ٿا تہ اي اسان جا رب! اسان کي اسان جي زالن طرف ڪان دل جو سڪون ۽ اولاد کي اکين جي فرحت ۽ ٺار ڪر ۽ اسان کي خدا ترس متقي انسانن جو امام بڻائي ڇڏ. (74) هنن ماڻهن کي سندن صبر جي بدلي وڏا وڏا محل ڏنا ويندا ۽ اتي فرشتا ساڻن دعا ۽ سلام سان ڪيڪاري ملاقات ڪندا.(75) هو ان ۾ هميشہ رهندا ۽ اها مستقل يا عارضي رهڻ لاءِ تمام سٺي جڳهہ آهي. (76) هنن کي چؤ تہ جيڪڏهن اوهان الله کي نٿا ٻاڏايو تہ منهنجو پروردگار بہ اوهان ڪان بلڪل بي نياز ۽ بي پرواهہ آهي اوهان دين حق کي ڪوڙو ڪيو، سو ان جي سزا اوهان لاءِ لازم هوندي. (77)

جنهن ماڻهوءَ پنهنجي گناهن تي ندامت ۽ شرساري جو اظهار ڪيو ۽ پنهنجي غلطي کي تسليم ڪيو ۽ ان گناهہ جي زندگي ڪان باز آيو، يعني توبه ڪئي، گناهن ڪان ڪناره ڪش ٿي ويو ۽ خدا جي پڪڙ ڪان بچڻ وارو رستو اختيار ڪيو، تقوىٰ ۽ پرهيزگاريءَ کي پنهنجي زندگي جو معمول بڻايو تہ اها ئي اصل توبه يعني ”تَوْبَةً نَّصُوْحًا“ آهي. هن آيت ۾ سچي توبه ڪرڻ وارن لاءِ بشارت آهي تہ انهن کي هر هنڌ خدا جي مَعيت (ساٿ) ۽ سرپرستي نصيب ٿيندي. هو پاڻ پنهنجو ايترو خيال نہ ڪندو، جيترو الله رحمٰن رحيم هنن جي حفاظت جا اسباب پيدا ڪندو.

ڪار سازِ ما بفکرِ ڪارِ ما ڪارِ ما در فکرِ آزارِ ما

حديث شريف ۾ آهي: ”مَنْ اَصْلَحَ فِيْمَا بَيْنَهٗ وَبَيْنَ اللهِ فَاَصْلَحَ اللهُ فِيْمَا بَيْنَهٗ وَبَيْنَ الْخَلْقِ“

(جيڪو ماڻهو الله سان پنهنجا تعلقات سنا بنائي رکي ٿو ته الله ان جا خلقِ خدا ۾ به سنا تعلقات پيدا ڪري ٿو. ) هو ڪوڙي گواهي نٿا ڏين يعني خدا جا نيڪ ٻانها اهڙي هنڌ ويهڻ ۽ وڃڻ ڪي پسند نٿا ڪن، جتي ڪوڙ ڳالهايو ٿو وڃي يا ڪوڙ تي ڪاروبار ٽئي ڪيو ٿو وڃي. هو چالبازي ۽ فريب ڪاريءَ جي ڏنڌن ۾ نٿا اچن. جيڪڏهن اتفاقًا سندن اهڙي جڳهه کان گذرٽو پوي ٿو، جتي لغو، بيهوده ۽ بي مطلب ڳالهيون تي رهيون هجن ته هو ان ۾ شرڪت نٿا ڪن، پر شريفاڻي انداز ۾ پنهنجو دامن بچائي، اتان گذري وڃن ٿا. هي ماڻهو جذبات ۾ نٿا اچي وڃن، پر پنهنجو هر قدم چندبي ڦوڪي ڪڻن ٿا، ايتري قدر احتياط ڪن ٿا، جو جڏهن هنن جي آڏو آياتِ الاهي ۽ احڪام خداوندي اچن ٿا ته هو ان تي ٻوڙن ۽ انڌن وانگر ڪري نٿا پون، پر ان تي هو غور و فڪر، تدبر ۽ تحقيق ڪن ٿا يا ڪفار مڪه وانگر اکيون ٻوٽي بيجا مخالفت نٿا ڪن. الله جي نيڪ ماڻهن جو اهڙو منفي رويو ناهي، پر مثبت ۽ صحيح سوچ واور برتاءُ آهي. ”اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ اَمْ عَلٰى قُلُوْبٍ اَقْفَالُهَا“ ( محمد: 24/47)

ڇا هي ماڻهو قرآن جي آيتن ۽ حڪمن تي غور و فڪر ۽ تدبر نٿا ڪن، يا هنن جي دلين تي تالا لڳل آهن. هو پنهنجي گهري سڪون ۽ آرام لاءِ هميشه پنهنجي پروردگار کان اها دعا گهرندا رهندا آهن ته يا خدا! اسان جي زالن ڪي اسان جي دل جو سڪون ۽ آرام ڪر ۽ اسان جي اولاد ڪي اکين جو ٺار بڻاءِ. ياد رهي ته گهر جو ماحول پرسڪون هوندو ته انسان دل جي اطمينان سان پنهنجي فرض ادائگي ۾ مصروف هوندو، پر جيڪڏهن شريڪ حيات ۽ اولاد طرفان ڪيس آزار ۽ اهنج هوندو ته هو هميشه پريشان رهندو. هن جي ڪنهن به ڪم ۾ دل نه لڳندي، ان ڪري سڀ کان اول عائلي ۽ گهرو تعلقات ۾ بهتري جي دعا گهري ٿو ۽ معاشري ۾ ان جي حيثيت اهڙي هجي جو متقي ۽ ماڻهن جي اڳرائي ۽ امامت جو مستحق ٿئي، پر جيڪڏهن گهر ۾ جهڳڙا ۽ غلط فهميون هونديون ته هو پوري طرح ڪاميابي حاصل ڪري نه سگهندو، پر نيڪ انسان جي اها آرزو هوندي ته سندس گهر واري ۽ اولاد به هن وانگر براين کان بچيل ۽ نيڪ عملن جي تصوير هجي.

نیک نے نیک، بد نے بد جانا مجھے
جو تھا جیسا ایسا پہچانا مجھے

حديث شريف ۾ آهي: ”كُلُّكُمْ رَاعٍ وَكُلُّكُمْ مَسْئُوْلٌ عَنْ رَعِيَّتِهٖ“ (صحيحين) هر هڪ جي حيثيت هڪ ليڊر ۽ اڳواڻ واري آهي. اوهان کان پنهنجي رعيت بابت پڇاڻو ٿيندو. اهڙي طرح جو پنهنجي اهل و عيال جو سربراهه آهي، ان جي اهل خانه بابت پڇيو ويندو، ان ڪري نبي اڪرم ﷺ ڪي به حڪم ٿيو ته پنهنجن قريبي رشتيدار جي اصلاح کي شروعات ڪر. هي اهي خوشنصيب ماڻهو آهن، جن مصيبتن ۽ مشڪلاتن ۾ صبر کان ڪم ورتو ۽ خوشحاليءَ ۾ به پاڻ کي ضابطي ۾ رکي اعتدال جو رستو اختيار ڪيو. زندگي ۾ اهڙا بيشمار موقعا اچن ٿا، جڏهن هن جي آڏو گناهه ۽ نافرمانيءَ جا در کليل هوندا آهن ۽ دنياوي زيب و زينت پرڪشش نظر ايندي آهي ۽ انسان نفس جي خواهشن ۽ شيطان جي وسوسن جو شڪار ٿي، بديءَ طرف مائل ٿي ويندو آهي، زندگي جي اهڙي نازڪ موڙ تي گناهن کان منهن موڙي، استقامت ۽ استقلال سان قدم قدم تي هر گهڙي صبر جو سهارو وٺڻو پوندو آهي ۽ دنياوي عيش و عشرت ۽ لذتن ۽ شهوتن کان پاڻ بچائي رکڻ لاءِ پاڻ تي صبر کي مسلط ڪندا آهن، چو ته ڪين معلوم آهي.

صبر جنين جو سير تير نه گسي تن جو. (شاهه لطيف رحمة الله عليه)

اهڙي طرح مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾ به صبر جو دامن مضبوط پڪڙڻ ضروري هوندو آهي. (البقره: 2/ 151 کان 155) خدا جي دين ۾ نظام جي قيام، استقامت ۽ استحڪام لاءِ نهايت ثابت قدمي برداشت ڪرڻي پوي ٿي، جنهن جو نتيجو اهو نڪري ٿو ته ماڻهو زندگيءَ جي شاهراهه تي نهايت تيزيءَ سان بلند منزل ڏانهن وڌندو وڃي ٿو ۽ صبر جي سهاري هو شاداب ۽ خوشحال زندگيءَ جون موجون ماڻي ٿو. امن ۽ سلامتي جون صدائون هر طرف کان ان جو استقبال ڪن ٿيون. هي هنن کي صبر جي صلي ۽ آرام ده بالاخانه (فليٽ) ۾ رکيو وڃي ٿو ۽ ڪيس سلامن خوش آمديد ۽ مرحبا سان فرشتن پاران استقبال ڪيو وڃي ٿو. هن جي دنياوي زندگي ۽ اخروي حيات خوشگوار ۽ سدابهار رهي ٿي. هي اهو مقام آهي، جتي ماڻهو مستقل رهائش پذير ٿئي يا عارضي طور خيما کوڙي ته هو خوشگواريءَ کان ضرور بهره آور ٿيندو آهي. (العنڪبوت: 28/159-158، سبا: 34/37، الزمر: 39/21) اهڙي هوندي خدا جي هنن نيڪ ٻانهن جي زندگي خوشحال ۽ شاداب . هو هميشه خدا جي

رحمتن ۽ نوازشن جا مزا ماڻي رهيا هوندا.

اي رسول مڪرم ﷺ! هنن مخالفن کي چئو ته هي آهي منهنجي دعوت، جنهن لاءِ مون کي رسول ڪري موڪليو ويو آهي. جيڪڏهن هن مخلصانه ۽ خيرخواهي واري دعوت ۾ منهنجو ساٿ نه ڏيو ته پلي نه ڏيو. هن ۾ سراسر اوهان جو نقصان آهي. خداوند تعالىٰ کي اوهان جي انڪار سان ڪا به پرواهه ناهي. هن وٽ اوهان جي انڪار ڪرڻ سان ڪو فرق نٿو پوي. توهان هن دعوت کي ڪوڙو سمجهو ٿا ته ان سان الله جو ڪجهه نٿو بگڙي، پر الٽو اوهان تباهه و برباد ٿيندا ۽ يقين ڪريو ته اها تباهي پري ناهي، پر اوهان کي جيڪا مهلت مليل آهي ۽ اتمام حجت ٿي وڃي ته يقينًا هن جا هولناڪ نتيجا اوهان جي آڏو اچي ويندا. ”وَمَا كُنَّا مُعَذِّبِيْنَ حَتّٰى نَبْعَثَ رَسُوْلًا“ (بني اسرائيل: 15/17) جيستائين ڪنهن قوم ۾ رسول موڪلي، اتمام حجت نٿا ڪريون، تيستائين ان قوم کي عذاب نٿا موڪليون. هت پاڻ ڪريمن ﷺ جي ذريعي ڪافرن کي ٻڌايو وڃي ٿو ته جيڪڏهن اوهان جي هدايت لاءِ رسول موڪلڻ مشيت الاهي جي اٽل قانون ۾ ضروري نه هجي ها ته منهنجي پروردگار کي اوهان جي ڪا به پرواهه ناهي. جيڪڏهن هن جي عبادت ۽ اطاعت ڪريو ٿا ته ان جو فائدو به اوهان کي هوندو، پر جيڪڏهن انڪار ڪيو ٿا ۽ گناهه ۽ غفلت جو رستو اختيار ڪيو ٿا ته ان ۾ رڳو اوهان جو نقصان آهي. الله کي اوهان جي عبادت ۽ اطاعت جي ضرورت نه آهي. اهو عذاب ضرور ايندو، جنهن کان جان ڇڏائڻ ناممڪن هوندي. ياد رهي ته خدا جي اهڙن نيڪ انسانن جو قرآن ۾ هر هنڌ ذڪر موجود آهي، پر ڪجهه خاص آيتن جي نشاندهي هن طرح آهي. (البقره: 4/2، بني اسرائيل: 23/17 کان 40، المؤمنون: 1/23 کان 11، الفرقان: 25/ 63 کان 76، لقمان: 31/ 13 کان 19، المعارج: 70/ 22 کان 35)

---

الحمد لله وله الشكر كثير جو اڄ 27 شوال 1444 هه مطابق 17 مئي 2023 ع رات سورة الفرقان جو ترجمو ۽ تفسير الله جي توفيق ۽ اعانت سان لکي پورو ڪيو آهي. الله در دستِ دعا آهيان ته منهنجي هن نماڻي ڪوشش کي قبول فرمائي، منهنجي لاءِ راهِ نجات ۽ پڙهندڙن لاءِ قرآن فهميءَ جو ذريعو بڻائي. آمين

بارک الله لي ولكم في القرآن العظيم ونفعني و اياكم بالآيات والذكر الحكيم

# سُوۡرَةُ الشُّعَرَآءِ

سورة الشُّعرآءِ مڪي سورتن ۾ وڏي سورت آهي. هن ۾ 227 آيتون آهن، جڏهن تہ سورت الاعراف ۾ 207 آيتون آهن. هن جو نالو لفظ ”اَلشُّعَرَآءُ“ مان ورتو ويو آهي، جنهن جو ذڪر آيت 124 ۾ آيو آهي. هي قرآن حڪيم جي ترتيب ۾ 26 سورت آهي. نزول جي حساب سان هن جو شمار 56 لکيو ويو آهي. يعني 55 سورتون هن کان اڳ مڪي ۾ نازل ٿي چڪيون هيون ۽ 34 سورتون هن کان بعد مڪي ۾ نازل ٿيون. هن سورت جي شروعات حروف مقطعات سان شروع آهي، ان وقت ۾ ڪافر نبي ڪريم ﷺ کي خدا جو رسول تسليم ڪرڻ تي انڪار ڪندا هيا ۽ بار بار نبي هجڻ جي ثبوت لاءِ نشانيءَ طور معجزي جي گهر ڪندا هيا، انهن کي شروعات ۾ ئي آيت نمبر 2 ٻڌايو ويو آهي تہ هي آيتون قرآن مبين جون آيتون آهن. هن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو معجزو گهرو ٿا. هنن کي قرآن ٻڌڻ بعد تسليم ڪرڻ گهرجي تہ هي قرآني پيغام خدا تعالىٰ طرفان رسول الله ﷺ تي نازل ٿيو آهي. هي قرآن پاڻ بار بار بيان ڪري ٿو تہ جيڪو هن کي سوچي سمجهي پڙهندو، اهو يقينًا راهہ راست تي اچي ويندو.

هن سورت جو وڌو حصو رسول سڳورن ۽ قومن جي واقعن تي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي، جنهن جو هن کان اڳ سورة الاعراف ۽ سورة هود ۾ بہ انهن نبين جو ذڪر آهي. حضرت ابراهيم عليه السلام جو ذڪر اضافي آهي. سڀ کان اول حضرت موسىٰ جو ذڪر آهي، آخر ۾ حضور اڪرم ﷺ کي خطاب ڪندي مؤمن مسلمانن کي هدايت جو درس آهي. ڪافرن ۾ وڏا وڏا اديب ۽ شاعر هيا، جيڪي نبي ڪريم ﷺ جي گلاءِ ۽ هجو زور شور سان بيان ڪندا هيا، جنهن جو جواب حضرت حسان بن ثابت رضي الله تعالىٰ عنه شاعري ۾ جواب ڏيندو هو، جنهن کي نبي اڪرم ﷺ گهڻو پسند ڪندا هيا ۽ پاڻ فرمائيندا هيا تہ اي حسان! تنهنجا شعر ڪافرن لاءِ تير و نشتر جو ڪم ڪندا آهن. نبي ڪريم ﷺ جو قول آهي تہ سٺو شعر سٺي ڪلام وانگر آهي يعني سٺي گفتگو جهڙيءَ طرح سٺي آهي، اهڙي طرح سٺو شعر بہ سٺو آهي.

آيتون ٢٢٧ | سُوۡرَةُ الشُّعَرَآءِ (مکي سورت) | رڪوع ١١

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

طٰسٓمّٓ ۝١ تِلۡكَ اٰيٰتُ الۡكِتٰبِ الۡمُبِيۡنِ ۝٢ لَعَلَّكَ بَاخِعٌ نَّفۡسَكَ اَلَّا يَكُوۡنُوۡا
مُؤۡمِنِيۡنَ ۝٣ اِنۡ نَّشَاۡ نُنَزِّلۡ عَلَيۡهِمۡ مِّنَ السَّمَآءِ اٰيَةً فَظَلَّتۡ اَعۡنَاقُهُمۡ
لَهَا خٰضِعِيۡنَ ۝٤ وَ مَا يَاۡتِيۡهِمۡ مِّنۡ ذِكۡرٍ مِّنَ الرَّحۡمٰنِ مُحۡدَثٍ اِلَّا كَانُوۡا
عَنۡهُ مُعۡرِضِيۡنَ ۝٥ فَقَدۡ كَذَّبُوۡا فَسَيَاۡتِيۡهِمۡ اَنۡۢبٰٓؤُا مَا كَانُوۡا بِهٖ
يَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ۝٦ اَوَ لَمۡ يَرَوۡا اِلَى الۡاَرۡضِ كَمۡ اَنۡۢبَتۡنَا فِيۡهَا مِنۡ كُلِّ زَوۡجٍ
كَرِيۡمٍ ۝٧ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَمَا كَانَ اَكۡثَرُهُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ ۝٨ وَ اِنَّ رَبَّكَ
لَهُوَ الۡعَزِيۡزُ الرَّحِيۡمُ ۝٩ ع

ع ٩ ٥

الله جي نالي سان شروع جو نهايت مهربان ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي.

طا سين ميم يا خدائي ذي الطول (وڏين قوتن وارو) وسميع و عليم جو ارشاد
گرامي آهي. (1) هي روشن ڪتاب جون آيتون آهن.(2) اي نبي ڪريم ﷺ!
شايد تون پاڻ کي هلاڪ ڪري وجهين، هن صدمي سبب تہ هي (ڪافر) ايمان
نٿا آڻين.(3) جيڪڏهن اسان جي اهڙي مشيت هجي تہ آسمان کان اهڙي
نشاني نازل ڪيون، جنهن سان هنن جا گردن جهڪي پون.(4) ۽ هنن ڏانهن
رحمان جي طرف کان ڪا بہ نئين نصيحت نٿي اچي، پر هو ان کان منهن موڙڻ

وارا هوندا آهن. (5) هاڻي جڏهن هو ڪوڙو قرار ڏئي چڪا تہ انهن ڏانهن اهي خبرون پهچي وينديون، جن جي هي ٺٺولي ڪن ٿا. (6) ڇا هي ماڻهو زمين ڏانهن نظر نٿا ڪن، جنهن ۾ اسان هر قسم جون ڪيتريون ئي شيون اپايون آهن. (7) يقينًا ان ۾ هڪ وڏي نشاني آهي، پر انهن جي اڪثريت ايمان آڻڻ واري نہ آهي. (8) ۽ يقينًا تنهنجو رب نهايت غالب ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي. (9)

---

طا سين ميم. غوث الحق، حضرت مخدوم نوح سرور رحمة الله عليه هن جو ترجمو ڪيو آهي: "بحق طول وسنا وملک من" يعني مان (الله) پنهنجي طاقت، بزرگي، بادشاهي ۽ بلنديءَ جي حق سان چوان ٿو تہ هي روشن ڪتاب جون آيتون آهن، جيڪي هر شيءِ جي پوري وضاحت سان بيان ڪن ٿيون، جنهن ڪري سندن مدعا چٽو ٿي وڃي ٿو، جنهن ۾ حضور خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم جي تسلي لاءِ جيڪو مضمون اڳتي اچڻ وارو آهي، هيءَ ان جي تمهيد آهي. يعني قرآن جي هر آيت اهڙي واضح ۽ صاف بيان ڪئي وئي آهي، جو ان جي ثبوت لاءِ ڪنهن خارجي شهادت جي ضرورت ناهي. هو پنهنجو پاڻ دليل آهي، ان ڪري هي ڪافر جيڪي نشانيون ۽ معجزا گهري رهيا آهن، ان جي تون ڪا پرواهہ نہ ڪر. اي رسول خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم! ائين محسوس ٿئي ٿو تہ تون هنن جي ايمان نہ آڻڻ جي صدمي ۾ پاڻ کي هلاڪ ڪري وجهين، ان ڪري هنن جي ايمان نہ آڻڻ تي تون ايڏو فڪرمند نہ ٿيءُ، تنهنجو ڪم هنن آڏو پيغامِ حق کي پهچائڻو آهي، جيڪو تو چٽي طرح پهچائي ڇڏيو آهي، باقي ان تي عمل ڪرڻ ڪرائڻ لاءِ تون ذميوار نہ آهين. (3) جيڪڏهن هنن کي زوري ايمان قبول ڪرڻ مطلوب هجي ها، تہ پوءِ اسان اهڙي آيت (نشاني) نازل ڪرڻ فرمايون ها، جو جنهن کي ڏسڻ شرط هنن جا گردن جهڪي وڃن ها، پر "لَآ اِكْرَاهَ فِى الدِّيْنِ قَدْ تَّبَيَّنَ الرُّشْدُ مِنَ الْغَيِّ" (البقره: 256/2) دين ۾ اڪراهہ ۽ زور زبردستي ناهي. هي رضا جو سودو آهي. هنن جي سامهون گمراهيءَ کان حق نروار ٿي نڪتو آهي، حالانڪ اهڙي نشاني ڏيکارڻ اسان جي قدرت کان ٻاهر ناهي، پر هڪ خاص حڪمت ۽ مشيت سبب اسان ائين نہ ڪري رهيا آهيون، جنهن ۾ هنن کي عقل و شعور استعمال ڪري، ارادي ۽ اختيار جو موقعو ڏنو آهي، پر اهڙي قسم سان ڪنهن جي ذهن ۽ سوچ کي بي اثر بنائي، ايمان قبول

ڪرائڻ ايمان نہ آهي. ايمان تہ زبان جي اقرار کي دل جي گهراين سان تصديق ڪري عمل پيرا ڪرڻ جو نالو آهي. جڏهن ڪنهن جي ارادي ۽ اختيار جو امتحان مقصود هجي تہ پوءِ اڪراهہ جي گنجائش باقي نٿي رهي. جڏهن اسان جبر ڪري ارادو ۽ اختيار سلب ڪرڻ نٿا گهرون ۽ ڪين سندن مرضيءَ تي ڇڏي ٿا ڏيون تہ پوءِ هنن وٽ جنهن وقت بہ نئون حڪم اچي ٿو، جيڪو هنن جي مذهب ۽ مسلڪ يا ريتن رسمن ۾ موجود ناهي تہ هو ان کي مڃڻ کان انڪار ڪن ٿا (الانبياء: 2/21) ۽ ان کان منهن موڙي ڇڏين ٿا. هنن کي مختلف انداز ۾ سمجهايو ٿو وڃي ۽ آيتن کي هڪ ٻئي جي وڏيڪ وضاحت ڪرڻ هر طرح سان ورائي ورائي بيان ڪيو ٿو وڃي، پر هي ماڻهو ان نصيحت ۽ ياد دهاني مان ڪو اثر نٿا وٺن.

ڦريا پسي ڦيڻ، ڪرين ڪير نہ چڪيو
دنيا ڪارڻ دين، وڃائي ولها ٿيا

(شاهہ لطيف رحمة الله عليه)

کافر کی یہ پہچان کہ آفاق میں گم ہے
مومن کی یہ پہچان کہ گم اس میں ہے آفاق

(اقبال رحمة الله عليه)

يعني قرآن جو هنن کي خبردار ڪندو رهي ٿو ان کي ڪوڙو قرار ڏيڻ جي مڪروهہ عمل جا جيڪي هولناڪ نتيجا نڪرڻ وارا آهن، اهي ڪين پوگهڻا پوندا. هاڻي جڏهن هو حق ۽ سچ کي ڪوڙو قرار ڏئي چڪا آهن، اهي مذاق ڪن ٿا تہ عنقريب هنن تائين اهي خبرون ۽ نتيجا پهچڻ وارا آهن، جن جو هنن سان وعدو ڪيو ويو آهي، ڇو تہ اسان جي قانون مطابق ائين ٿي نٿو سگهي تہ ڪنهن جو ڪو فعل ۽ عمل بنا نتيجي رهجي وڃي ۽ هو خدا جي پڪڙ کان بچي وڃن. ڇا هو زمين ڏانهن نگاهہ نٿا ڪن، جنهن ۾ اسان طرح طرح جون شيون پيدا ڪيون آهن، جن ۾ يقيناً غور و فڪر ڪرڻ وارن لاءِ وڏيون نشانيون آهن، پر جيڪڏهن ڪنهن عقل جي انڌي کي ڪجهہ نظر نٿو اچي تہ اها هن جي بدقسمتي آهي. ڪيترن قسمن جا گل جدا جدا خوبصورتيءَ سان سينگاريا ويا آهن. باغ، ميوا، سبزيون، دريا، سمند، کيت ۽ سبزه زار گواهي ڏئي رهيا آهن تہ انهن جو خالق صرف هڪ الله آهي، جيڪو نهايت زبردست ۽ زوردار آهي. هو جڏهن گهري تہ هنن

تي عذاب نازل ڪري، پر الله پنهنجي قهاري صفتن سان گڏ رحيم ۽ ڪريم آهي ۽ هن جون رحماني قوتون عفو ۽ درگذر جون حڪمتون هميشہ انسان جي حفاظت ۽ پناهہ لاءِ موجود آهن. غور و فڪر ڪرڻ وارن لاءِ اسان جي هن قانون مڪافات کي سمجهڻ لاءِ ڪافي نشانيون موجود آهن، پر انهن مان اڪثر ماڻهو ايترا تہ لاغرض آهن، جو هنن کي غور ڪرڻ لاءِ وقت ئي ناهي، ان ڪري هو انهن آيتن ۽ حڪمن جي صداقت کي قبول ڪرڻ ۽ ان مان فائدو حاصل ڪرڻ کان محروم آهن، پر ڪڏهن اهو بہ نٿا سوچين تہ هن قانون تي عمل نہ ڪرڻ جو قانون تي ڪهڙو اثر پوي ٿو. هو پنهنجو نقصان ڪن ٿا. يقيناً اوهان جو رب بي پرواهہ آهي ۽ هر شيءِ تي غالب آهي ۽ بي پايان رحمت ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي. هت الله تعالىٰ جون صفتون بيان ٿيون آهن: اَلۡعَزِيۡزُ معنىٰ زبردست طاقت وارو، جو گهري اک ڇنڀ ۾ ڪري ڇڏي. هر هڪ تي غالب رهڻ وارو، مغلوب ٿيڻ جي امڪان کان بہ تمام گهڻو بالا، بي نياز بادشاهہ هن کي ڪهڙي دير لڳندي جو هڪ اهڙو معجزو نازل ڪري، جنهن سان هنن جا گردن جهڪي وڃن ۽ هو رضا ۽ تسليم واري راهہ قبوليندي تباهي ۽ بربادي‌ءَ جو نمونو بڻجي وڃن. هن سورة جي آيت4 ۾ آهي: "اِنۡ نَّشَاۡ نُنَزِّلۡ عَلَيۡهِمۡ مِّنَ السَّمَآءِ اٰيَةً فَظَلَّتۡ اَعۡنَاقُهُمۡ لَهَا خٰضِعِيۡنَ○" الله تعالىٰ فرمائي ٿو تہ جيڪڏهن اسان گهرون تہ آسمان مان اهڙي آيت يا معجزو نازل ڪيون، جنهن جي آڏو هنن جا ڪنڌ جهڪي پون. پر الله عزو جل جي اَلرَّحِيۡمُ جي صفت جيڪا هميشہ رحمت جا وڏ ڦڙا وسائي رهي آهي، ان جو تقاضا آهي تہ ڪين سڌرڻ لاءِ اجان ڪجهہ مهلت ڏئي ۽ جڏهن مهلت پوري ٿي وڃي ۽ اتمام حجت بہ ٿي وڃي تہ پوءِ مشيت خداوند جڏهن گهري تہ ان جا نتيجا ظاهر ڪري.

وَ اِذۡ نَادٰى رَبُّكَ مُوۡسٰۤى اَنِ ائۡتِ الۡقَوۡمَ الظّٰلِمِيۡنَۙ ⑩ قَوۡمَ فِرۡعَوۡنَ ؕ اَلَا
يَتَّقُوۡنَ ⑪ قَالَ رَبِّ اِنِّىۡۤ اَخَافُ اَنۡ يُّكَذِّبُوۡنِؕ ⑫ وَ يَضِيۡقُ صَدۡرِىۡ وَ لَا
يَنۡطَلِقُ لِسَانِىۡ فَاَرۡسِلۡ اِلٰى هٰرُوۡنَ ⑬ وَ لَهُمۡ عَلَىَّ ذَنۡۢبٌ فَاَخَافُ اَنۡ

يَّقْتُلُوْنِ ﴿۱۴﴾ قَالَ كَلَّا ۚ فَاذْهَبَا بِاٰيٰتِنَآ اِنَّا مَعَكُمْ مُّسْتَمِعُوْنَ ﴿۱۵﴾ فَاْتِيَا
فِرْعَوْنَ فَقُوْلَآ اِنَّا رَسُوْلُ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۶﴾ اَنْ اَرْسِلْ مَعَنَا بَنِيْٓ
اِسْرَآءِيْلَ ﴿۱۷﴾ قَالَ اَلَمْ نُرَبِّكَ فِيْنَا وَلِيْدًا وَّ لَبِثْتَ فِيْنَا مِنْ عُمُرِكَ
سِنِيْنَ ﴿۱۸﴾ وَ فَعَلْتَ فَعْلَتَكَ الَّتِيْ فَعَلْتَ وَ اَنْتَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۹﴾ قَالَ
فَعَلْتُهَآ اِذًا وَّ اَنَا مِنَ الضَّآلِّيْنَ ﴿۲۰﴾ فَفَرَرْتُ مِنْكُمْ لَمَّا خِفْتُكُمْ فَوَهَبَ لِيْ
رَبِّيْ حُكْمًا وَّ جَعَلَنِيْ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۲۱﴾ وَ تِلْكَ نِعْمَةٌ تَمُنُّهَا عَلَيَّ اَنْ
عَبَّدْتَّ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿۲۲﴾

۽ جڏهن تنهنجي پروردگار موسىٰ عليه السلام کي وڏي سڏ چيو تہ ظالم قوم جي ماڻهن ڏانهن وڃ.(10) يعني قوم فرعون ڏانهن، ڇا هو مکافات عمل جو ڊپ نٿا رکن.(11) هن چيو تہ مان ڊڄان ٿو تہ هو مون کي ڪوڙو نہ سمجهن.(12) منهنجي دل تنگي محسوس ڪري ٿي، منهنجي زبان بہ کلي ڳالهائڻ کان اٽڪي ٿي، تنهنڪري تون هي پنهنجو پيغام هارون عليه السلام کي بہ موڪل.(13) ۽ هنن ماڻهن جو مون تي قتل جي الزام جو گناهہ بہ آهي. هاڻي مون کي انديشو آهي تہ هو مون کي قتل نہ ڪري ڇڏين.(14) الله تعالىٰ فرمايو تہ هرگز ائين نہ ٿيندو، توهان ٻئي اسان جون نشانيون کڻي وڃو، اسان توهان سان گڏ ٻڌندا رهنداسون.(15) اوهان ٻئي ڄڻا فرعون وٽ وڃو ۽ کيس ٻڌايو، اسان رب العالمين جا موڪليل رسول آهيون.(16) تون بني اسرائيل کي اسان سان گڏ هلڻ جي اجازت ڏي.(17) فرعون چيو ڇا موسىٰ عليه السلام جڏهن تون ٻار هئين تہ اسان تو کي

پالي وڏو ڪيو ۽ ڪيترا سال اسان وٽ رهيو آهين.(18) ۽ تو اهو ڪم ڪيو جو ڪرڻ شرط ناشڪرو ٿي ويندين.(19) موسىٰ عليه السلام چيو تہ هائو اهو فعل مون ڪان بي خبريءَ ۾ ٿي ويو، جڏهن مان اڻ ڄاڻ هوس.(20) مون هتان ان ڪري وڃڻ جو فيصلو ڪيو تہ مون کي خوف هيو تہ توهان مون کي قتل ڪري ڇڏيندا، پوءِ انهيءَ دوران مون کي الله تعالىٰ نبوت ۽ علم عطا ڪيو ۽ مون کي پيغمبرن جي جماعت ۾ شامل ڪيو. (21) ڇا اهو احسان آهي، جيڪو تو مون تي ڪيو ۽ ان جي بدلي ۾ تون بني اسرائيل کي غلام رکڻ گهرين ٿو. (22)

هن حقيقت جي شاهد بني اسرائيل جو داستان آهي، جيڪو هت مختصر بيان ڪيو ٿو وڃي تہ جڏهن موسىٰ عليه السلام مدين ۾ ڏهہ سال حضرت شعيب عليه السلام جي صحبت ۽ تربيت ۾ گذارڻ بعد مدين کان وري مصر اچي رهيو هيو تہ رستي ۾ هن کي طورسينا جي جبل تي شعلا ڏيندڙ باهہ نظر آهي. موسىٰ عليه السلام ان باهہ مان ٽاندو کڻي اچي ۽ حرارت حاصل ڪري يا اتان رستي جو صحيح ڏس پتو پڇي جيئن اتي پهتو تہ اتي غيبي آواز ٻڌو ۽ ان دوران کيس نبوت سان سرفراز ڪيو ويو ۽ ظالمن تائين الله جو پيغام پهچائڻ جو فريضو کيس سونپيو ويو ۽ الله عزو جل حڪم ڏنو تہ فرعون ڏانهن وڃ، هو نهايت ظالم ٿي ويو آهي، سرڪشي اختيار ڪئي اٿس ان کي راهہ راست تي وٺي اچ.

اگر کوئی شعیب میسر آئے
شبانی سے کلیمی دو قدم ہے

(اقبال رحمة الله عليه)

ان ڪري هن ڏانهن وڃ يعني فرعون جي قوم ڏانهن وڃ ۽ کيس چئو تہ تون پنهنجي غلط روش جي تباهہ ڪن نتيجن کان بچڻ گهرين ٿو يا نٿو گهرين؟ موسىٰ عليه السلام عرض ڪيو تہ مون کي انديشو آهي تہ هو منهنجي مخلصانہ همدردانا ۽ خير خواهيءَ واري ڳالهہ نہ ٻڌي، پر الٽو مون کي ڪوڙو چئي، مون کي قتل ڪري يا ملڪ نيڪالي

ڏئي. (القصص: 15/28) تي سگهي ٿو تہ مخالفت ۾ ايتري شدت اچي وڃي، جو ان جو مقابلو ڪرڻ مون اڪيلي جي وس جي ڳالهہ نہ هجي. منهنجو ساهہ گهٽجڻ لڳي ۽ مان ان سان ڪلي ڳالهہ بہ نہ ڪري سگهان ۽ پنهنجي مدعا پوري طرح بيان نہ ڪري سگهان، يعني پنهنجي مقصد ۾ ناڪام وڃان. اهڙي وڃڻ مان ڪو فائدو ناهي، ان ڪري منهنجو هٿ ونڊائڻ ۽ منهنجي مدد ڪرڻ لاءِ مون سان گڏ منهنجو ڀاءُ هارون ﷺ هلي هڪ ڪان بہ چڱا هونداسون. بہ تہ ٻارنهن. ان ڪري هن ڏانهن بہ وحي موڪلي نبوت سان سرفراز ڪرڻ فرمايو تہ هو بہ مون سان هلڻ لاءِ تيار ٿي وڃي. ڇو تہ منهنجي زبان ۾ هٻڪ بہ آهي ۽ دل ۾ تنگي بہ محسوس ڪري رهيو آهيان. هارون ﷺ فصيح ۽ بليغ آهي. هو بحث مباحثي ڪرڻ ۾ بہ پڙ آهي. موسىٰ ﷺ کي هن تي مڪمل ڀروسو هيو ۽ هن جي ڪردار ۽ اخلاقي بابت هر لحاظ کان مطمئن هيو ۽ هو هن کي هن عهدي لاءِ مناسب سمجهندو هيو. ان ڪري هن اهڙي غير معمولي درخواست رب باري تعالىٰ جي حضور پيش ڪئي ۽ قبول ٿي وئي. حالانڪ هن کان اڳ ڪا اهڙي روايت موجود نہ هئي. هن کان علاوه هڪ ٻي اهم ۽ خطرناڪ اها ڳالهہ بہ آهي تہ مون کان هنن جي هڪ قبطي جو اتفاقًا قتل ٿي ويو اگرچہ اهو قتل، قتلِ عمد ناهي، پر هو مون کي هن الزام ۾ موت جي سزا بہ ڏئي سگهن ٿا. قبطيءَ جي قتل جو قصو سورة القصص: 28 ۾ پوري تفصيل سان آيو آهي. موسىٰ ﷺ جو خدشو بہ درست هيو ڇو تہ فرعون موسىٰ ﷺ جو مقابلو ڪرڻ بدران هن تي قتل جو فرد جرم عائد ڪري، قتل ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي اقتدار کي لاحق خطري کان محفوظ ڪري ڇڏي.

الله تعالىٰ فرمايو تہ اوهان نہ ڊڄو، هنن جي ڪهڙي مجال جو هو اهو گندو ڪم ڪري سگهن. پر مناسب آهي تہ معاملي جي سنگينيءَ کي ڏسندي هارون ﷺ بہ توسان گڏ هلي ۽ اوهان ٻئي گڏجي هن وٽ وڃو، اسان جو اوهان سان ساٿ آهي. اسان پوري طرح اوهان جي هن اقدام جي نگراني ڪندا رهنداسون ۽ توهان جي هر گفتگو ٻڌندا رهنداسون. "قَالَ لَا تَخَافَآ اِنَّنِيْ مَعَكُمَآ اَسْمَعُ وَ اَرٰى" (طٰهٰ: 46/20) اوهان منهنجي نگراني ۾ حفاظت ۾ هن ظالم جابر ۽ سرڪش بادشاهہ (فرعون) جو بي ڌڙڪ ٿي مقابلو ڪريو. سو اوهان ٻئي (ڀائر) منهنجي ضمانت تي فرعون جي در دستڪ ڏيو ۽ هن کي ٻڌايو تہ اسان

الله جل شانه پاران هڪ پيغام تو ڏانهن کڻي آيا آهيون، اسان ٻئي الله طرفان رسول ۽ نبي ڪري موڪليا ويا آهيون. الله جو اهو پيغام هي آهي ته بني اسرائيل کي پنهنجي ظلم واستبداد واري قيد مان اسان جي حوالي ڪر، تو هنن کي پنهنجو غلام بنائي رکيو آهي. مرد توڙي عورتون تنهنجي ظلم جي چڪيءَ ۾ پيسجي رهيا آهن. هنن کي پنهنجي قيد مان نجات ڏي ته هو آزاد انسانن واري زندگي بسر ڪري سگهن ۽ قانونِ خداوندي مطابق زندگي گذارڻ جي لائق ٿي وڃن. فرعون وراڻيو ته ڇا تون اسان جي گهر پلجي وڏو نه ٿيو آهين ۽ اسان جي سايه هيٺ سالن جا سال رهيو نه آهين. توکي ته هڪ صندوق اندر سمنڊ ۾ ترندو ڏسي اسان ٻاهر ڪڍيو ۽ زندگيءَ جون سڀ سهولتون مهيا ڪيون. هاڻي توکي ڇا ٿي ويو آهي، جو تون پنهنجن محسنن کي اهڙو بدلو ٿو ڏئين ته اسان پنهنجو دين اقتدار ڇڏي تنهنجي فرمانبرداري ڪريون. تو اسان جي هڪ قبطيءَ کي قتل ڪيو. اهو خون به تنهنجي ڳلي ۾ آهي، جنهن جو توکي حساب ڏيڻو آهي. تون ان حساب کان بچڻ لاءِ الٽو اسان کي ڏوهي سمجهي رهيو آهين ته اسان جو طور طريقو، راهه روش سڀ غلط آهن، حالانڪ دنيا جي ڪهڙي نعمت ناهي، جا اسان کي ميسر ناهي. جيڪڏهن اسان اهڙا خراب گنهگار ۽ ڏوهي آهيون، ته اسان کي تو ۽ تنهنجي قوم جهڙو مفلس ۽ قلاش ڇو نه بڻايو آهي.

موسىٰ عليه السلام چيو ته مون اهو قتل عمد يعني قتل ڪرڻ جي ارادي سان قتل نه ڪيو هيو، پر بي خبريءَ ۾ حادثاتي طور ڪيس اهڙي ضرب آئي، جو هو مري ويو. (القصص: 15/28) منهنجو رڳو اهو ڏوهه آهي ته هڪ بني اسرائيل کي قبطيءَ جي قهر کان بچائڻ تي گهريو ۽ معاملي کي صلح صفائي سان حل ڪرڻ تي گهريو، مگر اڻ ڄاڻائي ۾ حادثاتي طور قبطي قتل ٿي ويو. پوءِ توهان جي ظالماڻي نظام ۽ عصبيت کي ڏسندي ته منهنجي صفائيءَ جو موقعو مون کي نه ملي ۽ مون کي ٻڌڻ بنا قتل ڪيو وڃي، سو مون هن ۾ پنهنجي ڀلائي ڏٺي ته في الحال مون کي هتان وڃڻ گهرجي، سو مان هليو ويس. ان کان بعد الله تعاليٰ مون کي نبوت سان نوازيو. مون کي صحيح فيصلا ڪرڻ جي صلاحيت عطا ڪئي ۽ مون کي نبين واري فرض ادائگيءَ جو حڪم مليو ته خدا جي مظلوم قوم بني اسرائيل کي انساني حقن موجب آزاد زندگي گذارڻ لاءِ تو وٽ الله جو پيغام کڻي آيا

آهيون. هن آيت ۾ ”الضَّآلِّيۡنَ“ جو مطلب آهي ته نبوت ملڻ کان اڳ مان پاڻ حقيقت جي
تلاش ۾ سرگردان هيس. هن جي اها معنىٰ ڪرڻ ته مان گمراهه هيس، غلط آهي. سورت
الضحىٰ ۾ به ”ضَآلًّا“ جي معنىٰ حقيقت جي تلاش ۾ سرگردان هجڻ مطلوب آهي. باقي
رهيو تنهنجو اهو سوال ته مون کي سمنڊ جي لهرن مان ڪڍي، منهنجي محل اندر ناز
نخري واري پرورش ڪئي، سو هاڻي تون مون کي منهنجي پراڻي دور جي ياد ڏياري، چوڻ
گهرين ٿو ته تون بني اسرائيل کي قيد ۾ رکي غلاميءَ جي زندگي گذارڻ تي مجبور
ڪرين. تون هڪ ماڻهوءَ جي مهربانين بدلي پوري بني اسرائيل کي ذلت آميز غلاميءَ
جي قيد ۾ رکين. منهنجي الله کي اهڙو ظلم قبول ناهي، ان ڪري مخلوقات تي ٿيندڙ
اهڙي ظلم تي هو پاڻ ميدان ۾ لهي ايندو آهي. هي الله جل شانه جو فيصلو آهي، جيڪو
هر حال ۾ پورو ٿيندو.

قَالَ فِرۡعَوۡنُ وَ مَا رَبُّ الۡعٰلَمِيۡنَ ؕ ﴿٢٣﴾ قَالَ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ وَ مَا
بَيۡنَهُمَا ؕ اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّوۡقِنِيۡنَ ﴿٢٤﴾ قَالَ لِمَنۡ حَوۡلَهٗۤ اَلَا تَسۡتَمِعُوۡنَ ﴿٢٥﴾ قَالَ
رَبُّكُمۡ وَ رَبُّ اٰبَآئِكُمُ الۡاَوَّلِيۡنَ ﴿٢٦﴾ قَالَ اِنَّ رَسُوۡلَكُمُ الَّذِىۡۤ اُرۡسِلَ اِلَيۡكُمۡ
لَمَجۡنُوۡنٌ ﴿٢٧﴾ قَالَ رَبُّ الۡمَشۡرِقِ وَ الۡمَغۡرِبِ وَ مَا بَيۡنَهُمَا ؕ اِنۡ كُنۡتُمۡ
تَعۡقِلُوۡنَ ﴿٢٨﴾ قَالَ لَئِنِ اتَّخَذۡتَ اِلٰهًا غَيۡرِىۡ لَاَجۡعَلَنَّكَ مِنَ الۡمَسۡجُوۡنِيۡنَ ﴿٢٩﴾
قَالَ اَوَ لَوۡ جِئۡتُكَ بِشَىۡءٍ مُّبِيۡنٍ ۚ ﴿٣٠﴾ قَالَ فَاۡتِ بِهٖۤ اِنۡ كُنۡتَ مِنَ
الصّٰدِقِيۡنَ ﴿٣١﴾ فَاَلۡقٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِىَ ثُعۡبَانٌ مُّبِيۡنٌ ۚ ﴿٣٢﴾ وَّ نَزَعَ يَدَهٗ فَاِذَا
هِىَ بَيۡضَآءُ لِلنّٰظِرِيۡنَ ع ﴿٣٣﴾ ع ٢ ٢٤

فرعون چيو تہ هي رب العالمين ڪهڙي شيءِ آهي.(23) موسىٰ ؑ چيو
آسمانن ۽ زمين ۾ ۽ جو ڪجھ انهن ٻنهي جي درميان ۾ آهي، ان جو آقا ۽
مالڪ آهي، جيڪڏهن اوهان يقين ڪيو ٿا.(24) فرعون آس پاس وارن ماڻهن
کي چيو تہ اوهان ٻڌي رهيا آهيو.(25) موسىٰ ؑ چيو هو توهان جو بہ رب
آهي ۽ توهان جي ابن ڏاڏن جو بہ رب آهي.(26) فرعون پنهنجي درٻارين کي
چيو تہ هي جيڪو رسول اوهان ڏانهن موڪليو ويو آهي، اهو هڪ مجنون
شخص آهي. (27) موسىٰ ؑ چيو تہ هو مشرق ۽ مغرب جو رب آهي ۽ جو
ڪجھ انهن ٻنهي جي درميان آهي، هي ان جو رب آهي، جيڪڏهن اوهان
ڪجھ عقل رکو ٿا. (28) فرعون چيو تہ جيڪڏهن تو مون کان سواءِ ٻئي
ڪنهن کي پنهنجو معبود بڻايو تہ مان توکي قيدين ۾ شامل ڪندس.(29)
موسىٰ ؑ چيو تہ ڇا مان توکي روشن ثبوت پيش ڪيان. (30) فرعون چيو تہ
جيڪڏهن تون سچو آهين تہ پلي پيش ڪر. (31) پوءِ هن پنهنجي عصا زمين
تي اڇلائي تہ اچانڪ ازدها ٿي وئي. (32) ۽ پنهنجو هٿ بغل مان ڪڍيو تہ اتي
جو اتي ڏسندڙن جي لاءِ چمڪدار ٿي ويو هيو.(33)

---

جڏهن فرعون واضح دليلن جي رد ۾ ڪنهن مدلل جواب ڏيڻ کان قاصر رهيو تہ
يڪدم موضوع بدلي ڇوڻ لڳو تہ تون جنهن رب العالمين جو نالو وٺي رهيو آهين، اهو
ڪهڙي شيءِ آهي يا ڪير آهي؟ هت "مَا رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ" ۾ "مَا" آيو آهي، جيڪو غير انسان
لاءِ استعمال ٿيندو ۽ "مَنْ" ايندو آهي، پر ڪڏهن عرب "مَا" کي بہ "مَنْ" جي معنىٰ ۾
استعمال ڪندا آهن. فرعون هي سوال افهام يا معلومات لاءِ ڪو نہ ڪيو هيو، پر تڪبّر،
تحقير ۽ انڪاري انداز ۾ ڪيو هيو، ڇوتہ هن جي دعوي هئي تہ "مَا عَلِمْتُ لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ
غَيْرِيْ" (القصص: 38/28) مان پاڻ کانسواءِ توهان لاءِ ڪو ٻيو معبود ڄاڻان نٿو، اهڙي طرح
سورة طٰهٰ: 49/20 ۾ آهي: "قَالَ فَمَنْ رَّبُّكُمَا يٰمُوْسٰى" اي موسىٰ (ؑ) توهان ٻنهي (ڀائرن) جو

پروردگار ڪير آهي“ هت پروردگار لاءِ ”مَنْ“ استعمال ٿيو آهي. فرعون جو قصو سورة القصص ۽ طٰهٰ ۾ وڏيڪ تفصيل سان آيو آهي. هن سوال ۾ فرعون جو اصل مدعا هي هيو ته سارو مصر مون کي سورج ديوتا جي مظهر طور رب تسليم ڪري ٿو. هاڻي توهان جو اهو ڪهڙو رب آهي، جنهن کي اوهان منهنجي بادشاهي جي اقتدار ۽ اختيار ۾ مداخلت ڪرڻ لاءِ دعويٰ ڪيو ٿا. موسىٰ عليه السلام چيو ته اهو آسمانن زمين ۽ انهيءَ ٻنهيءَ جي درميان جو ڪجهه آهي، ان جو پالڻهار آهي. هن پوري ڪائنات ۽ مخلوقات تي رڳو هڪ جو حڪم هلي ٿو، جنهن هر شيءِ کي پيدا ڪيو آهي ۽ ان جو نظام سندس زير نگراني بخوبي هلي رهيو آهي. اهو سڀني جو آقا ۽ مالڪ آهي. اهو رب جيڪڏهن اوهان يقين رکو ٿا ته پوءِ توهان جو، اسان جو اهو ئي اڪيلو معبود ۽ پروردگار آهي. توهان جي اها دعوىٰ ته تون مصر ۽ مصر وارن جو رب آهين، اها غلط آهي. (الزخرف: 51/43، النازعات: 24/79) فرعون جيڪو غرور ۽ تڪبر جو مجسمو هيو، هن موسىٰ عليه السلام سان وڌيڪ بحث ڪرڻ کان پاڻ بچائڻ خاطر پنهنجن درٻارين کي مخاطب ٿي پنهنجي شان، رعب ۽ دٻدٻي کي پنهنجي قوم ۾ برقرار رکڻ لاءِ چيو ته اوهان ٻڌو ته هي شخص ڪيڏي غير معقول ڳالهه چئي رهيو آهي ته هي ان الله جو رسول آهي، جنهن زمين آسمان پيدا ڪيا آهن، حالانڪ زمين آسمان اڄ جي شيءِ ناهي، پر جيڪڏهن هن جي رب جي اتي بادشاهي آهي ته مصر جو بادشاهه ۽ الٰه مان آهيان، جنهن ۾ منهنجو ڪو شريڪ ڪونهي. موسىٰ عليه السلام پنهنجي گفتگو جاري رکندي ڪيس چيو ته جنهن الله طرف مان توکي دعوت ڏئي رهيو آهيان، اهو غير فاني خدا آهي، جيڪو تنهنجو، تنهنجن وڏڙن جو جيڪي هينئر تائين گذري چڪا آهن، انهن سڀني جو پروردگار آهي. ان ڪانسواءِ ٻيا معبود ته فاني، عارضي ۽ وقتي آهن، جيڪي الله يا معبود ٿيڻ جا مستحق نه آهن. نه نفعو ڏئي سگهن ٿا، نه نقصان. هو ٻي بس پنهنجي حفاظت به ڪري نٿا سگهن.

فرعون هر دليل جو جواب ڏيڻ کان جڏهن قاصر ٿيو ته پنهنجي خفت مٽائڻ ۽ پنهنجي درٻارين ۾ پنهنجي عزت کي برقرار رکڻ لاءِ حقارت آميز لفظن ۾ چوڻ لڳو ته هي شخص جيڪو اوهان ڏي رسول ڪري موڪليو ويو آهي، مون کي ته پاڳل نظر اچي ٿو. هن جو دماغي توازن ٺيڪ ناهي. اڪين سان ڏسي رهيو آهي، هي سڀ ماڻهو مون کي

پنهنجو الہ ۽ معبود سمجهن تا ۽ هي شخص پاڻ کي رسول بنائڻ جي شوق ۾ هڪ اهڙي خدا جي دعویٰ ڪري رهيو آهي، جنهن جو منهنجي مقابلي ۾ وجود ئي ناهي. پر موسیٰ عليہ السلام فرعون جي دهشت ۽ دٻدٻي کي نظر انداز ڪندي، پوري اعتماد سان بنا ڊپ ڊاءَ ۽ خوف خطري جي پنهنجو بيان جاري رکندي چيو تہ جنهن الله طرف اچڻ جي مان اوهان کي دعوت ڏئي رهيو آهيان، اهو هڪ خطي، هڪ علائقي، هڪ قوم يا رڳو مصر ملڪ جو آقا ۽ مالڪ نہ آهي، مگر هو مشرق کان مغرب ۽ مغرب کان مشرق ۾ موجود هر شيءِ جو خالق، مالڪ ۽ تنها الله ۽ پروردگار آهي. جيڪڏهن توهان عقل ۽ شعور کان ڪم وٺو، غور ۽ فڪر ڪيو تہ توهان کي هي حقيقت آساني سان سمجهہ ۾ اچي ويندي تہ جنهن هستيءَ جي حڪم ۽ قوت سان سج صبح کان شام تائين جو سفر ڪري رات جي انڌيرن ۾ نظر کان غائب ٿي وڃي ٿو ۽ وري صبح جو سويري سان نروار ٿي ساڳيو سفر جاري رکي ٿو، اهو سڀ ڪجهہ حقيقي الله جي حڪم هيٺ هلي ٿو. هي هوبهو اهو دليل آهي، جيڪو البقره: 258/2 ۾ حضرت ابراهيم عليہ السلام پنهنجي وقت جي متڪبر بادشاهہ آڏو پيش ڪيو، جنهن تي بادشاهہ هوش باختہ ۽ وائڙو ٿي ويو هو.

جڏهن صورتحال فرعون جي برداشت کان مٿي ٿي وئي ۽ پنهنجن درٻارين آڏو موسیٰ عليہ السلام جي بي باڪ جرئت ۽ ٺوس دليلن جو جواب نہ ڏئي سگهيو تہ پنهنجي شڪست ۽ شرمساريءَ کي مٽائڻ لاءِ موسیٰ عليہ السلام کي ڊيڄارڻ لاءِ ڌمڪيون ۽ دڙڪا ڏيڻ شروع ڪيا. ڪرخت ۽ سخت لهجي ۾ موسیٰ عليہ السلام کي چيائين تہ جيڪڏهن تون منهنجي معبود ۽ ڪارساز سمجهڻ کان انڪار ڪري، ڪنهن ٻئي خدا جي خدائيءَ جو دعویٰ ٿو ڪرين تہ اها ڪلي بغاوت هوندي، جنهن گناهہ ۾ مان تو کي جيل اماڻي ڇڏيندس، جتي تو کي معلوم ٿي ويندو تہ مصر جو خدا ڪير آهي فرعون آهي يا ڪا غير مرئي شيءِ (هستي) آهي؟ موسیٰ عليہ السلام کي معلوم هيو تہ فرعون جي جيل هڪ اونداهي کڏ ۾ اڇلائي ڇڏڻ ۽ هر قسم جو عذاب ڏيڻ هيو، پر هن جو معاملو ان الله جي نبيءَ سان هيو، جيڪو هر شيءِ ڏسي ٻڌي رهيو هيو ۽ موسیٰ عليہ السلام جو حمايتي آهي. سو موسیٰ عليہ السلام کيس چيو تہ ڏڙڪا ڌمڪا نہ ڏي، مان ڊڄڻ وارو ناهيان، جيڪڏهن مان تنهنجي سامهون واضح دليل پيش بہ ڪيان تہ پوءِ تنهنجو اهو ساڳيو رويو رهندو؟ ۽ مون کي ناحق جيل ۾

وجهندين، هي اهم ۽ نازڪ معاملو دليل ۽ ثبوت سان گفتگو ذريعي حل ڪرڻ بدران ڏنڊي جي زور سان نادري حڪم جاري ڪندين، جا تنهنجي هن ظالماڻا ۽ غير منصفانا نظام ڪانسواءِ ڪو عدل ۽ انصاف تي مبني قانون ناهي. فرعون موسیٰ عليه السلام جو جرئت مندانا جواب ٻڌي وائڙو ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو ته چڱو تون جنهن معجزي جو بار بار ذڪر ڪري رهيو آهين ته مان واضح دليلن ۽ نشانين سان آيو آهيان، ڀلا هاڻي اهي ظاهر ڪر ته آخر آهي ڇا ۽ مان ڏسان ته تون پنهنجي دعوىٰ ۾ ڪيترو سچو آهين. موسیٰ عليه السلام پنهنجي لٺ ڪي زمين تي اڇلايو ته اها جيئرو جاڳندو صاف صاف ازدها بلا ٻڻجي هيڏي هوڏي ڊوڙڻ لڳو. (الاعراف: 7/108-107، القصص: 28/32-31) ۾ "فَإِذَا هِيَ حَيَّةٌ تَسْعَىٰ" يعني ڊوڙندڙ نانگ آهي. اهو تڏهن جو مظاهرو آهي، جڏهن خدا موسیٰ عليه السلام کي لٺ جو معجزو ڏيکاري رهيو، پر هتي "ثُعْبَانٌ مُّبِينٌ" صاف صاف وڏو ازدها آيو آهي. هي اهو مقام آهي، جڏهن موسیٰ عليه السلام فرعون جي خواهش تي لٺ زمين تي اڇلائي هئي. لٺ جي ازدها ٻڻجي وڃڻ بعد ٻيو معجزو پيش ڪندي، پنهنجو هٿ گريبان مان ڪيندي ڏسندڙن کي نهايت سفيد روشن چمڪدار نظر آيو. هت "نَاظِرِيْنَ" ۾ نظر جو لفظ ڪنهن شيءِ کي غور سان ڏسڻ ۽ جاچڻ آهي، جنهن مان مراد آهي ته اها چمڪ ۽ تاباني بلڪل اصلي ۽ حقيقي هئي، جادوءَ وانگر محض نظر جو فريب نه هيو.

---

قَالَ لِلْمَلَاِ حَوْلَهٗٓ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ عَلِيْمٌ ﴿۳۴﴾ يُّرِيْدُ اَنْ يُّخْرِجَكُمْ مِّنْ
اَرْضِكُمْ بِسِحْرِهٖ ۖ فَمَاذَا تَاْمُرُوْنَ ﴿۳۵﴾ قَالُوْٓا اَرْجِهْ وَ اَخَاهُ وَ ابْعَثْ فِي
الْمَدَآئِنِ حٰشِرِيْنَ ﴿۳۶﴾ يَاْتُوْكَ بِكُلِّ سَحَّارٍ عَلِيْمٍ ﴿۳۷﴾ فَجُمِعَ السَّحَرَةُ
لِمِيْقَاتِ يَوْمٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿۳۸﴾ وَّ قِيْلَ لِلنَّاسِ هَلْ اَنْتُمْ مُّجْتَمِعُوْنَ ﴿۳۹﴾
لَعَلَّنَا نَتَّبِعُ السَّحَرَةَ اِنْ كَانُوْا هُمُ الْغٰلِبِيْنَ ﴿۴۰﴾ فَلَمَّا جَآءَ السَّحَرَةُ قَالُوْا

لِفِرْعَوْنَ اَىِٕنَّ لَنَا لَاَجْرًا اِنْ كُنَّا نَحْنُ الْغٰلِبِيْنَ ۝٤١ قَالَ نَعَمْ وَ اِنَّكُمْ اِذًا لَّمِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ۝٤٢

فرعون پنهنجي اردگرد موجود سردارن کي چيو تہ واقعي هي وڏو ماهر جادوگر آهي.(34) هن جي خواهش آهي تہ هو پنهنجي جادوءَ جي زور تي توهان جي ملڪ مان توهان کي ڪڍي ڇڏي، توهان ڪهڙو مشورو ڏيو ٿا.(35) هنن چيو تہ في الحال هن ۽ سندس ڀاءُ جي معاملي کي معطل ڪيو. (keep in abeyance) ۽ سمورن شهرن ۾ پڙهو ڏيندڙ موڪلي ڏيو.(36) تہ هو تو وٽ تمام ماهر جادوگر وٺي اچن. (37) اهڙي طرح سمورن جادوگرن کي هڪ مقرر وعدي واري وقت تي گڏ ڪيو ويو. (38) ۽ عوام کي بہ چيو ويو تہ ضرور گڏ ٿين. (39) تہ جيئن جادوگر غالب ٿين تہ اسان انهن جي پٺڀرائي (حمايت) ڪري سگهون. (40) تہ پوءِ جڏهن جادوگر اچي ويا تہ فرعون کي چيائون تہ اسان غالب اچون تہ اسان کي انعام اڪرام ملندو.(41) فرعون چيو تہ توهان ضرور مقربين ماڻهن ۾ هوندا.(42)

فرعون جڏهن موسیٰ عليه السلام جا هي بہ معجزا عصا ۽ يدِ بيضا ڏٺا تہ حيران ٿي ويو ۽ اتي موجود درٻاري سردارن کي چوڻ لڳو تہ هي واقعي وڏا ماهر جادوگر آهن، جو ڪوڙ کي بہ سچ ڪري پيش ڪن ٿا ۽ پنهنجي جادوءَ جي مهارت ۽ تاثير سان ماڻهن کي پنهنجو مريد بنائڻ جي صلاحيت رکن ٿا ۽ بني اسرائيل کي پاڻ سان وٺي وڃي، انهن کي منظم ڪري پنهنجي فوج تيار ڪن ۽ توهان کي هن ملڪ مان نيڪالي ڏئي، پاڻ قبضو ڪري ويهن ۽ حڪومت هلائين. اوهان جو ڇا مشورو آهي؟ (الاعراف: 110/7) فرعون هڪ تير سان بہ شڪار ڪرڻ تي گهريا. هڪ تہ هنن جي جادوءَ جي تاثير کان عوام کي آزاد ڪن ۽ ٻيو تہ پنهنجي مک سردارن جي ذريعي ماڻهن ۾ اشتعال ۽ هيجان پيدا ڪن تہ جيئن هو

انهن جي دعوت ڏانهن متوجه نہ ٿي سگهن. هنن سردارن ۽ درباري ڪمدارن فرعون کي مشورو ڏنو تہ في الحال هن بحث کي ڪجهہ وقت لاءِ معطل ڪيو وڃي يا ٽاريو وڃي. هينئر وڌيڪ بحث مباحثو ڪرڻ اسان جي حق ۾ ناهي، تنهن ڪري پوري ملڪ ۾ پڙهي ڏيندڙن جون خدمتون حاصل ڪري، ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ماهر جادوگرن کي هنن جي مقابلي لاءِ گهرائي هنن جي جادوءَ جو توڙ ڪڍيو وڃي. ان ڪري ملڪ مصر جا وڏا تجربيڪار ماهر جادوگر ڳولي وٺي اچن چو تہ هنن ماهر جادوگرن جو عام جادوگر مقابلو ڪري نہ سگهندا ۽ خوامخواهہ اسان جي شڪست ۽ شرمندگي جو سبب بڻبا. پوءِ جڏهن ملڪ جا ماهر ۽ تجربيڪار جادوگر هڪ هنڌ گڏ ٿي ويا. فرعون جي سردارن انهن جو انٽرويو وٺي اطمينان بخش قرار ڏنو ۽ ڪاميابيءَ جو يقين ڪرڻ لڳا تہ پوءِ هنن عوام ۾ پڙهو ڏياريو تہ گهڻي مان گهڻا ماڻهو گڏ ٿي ان معاهدي واري هنڌ تي پوري وقت تي پهچي وڃن تہ پوري قوم هي منظر ڏسي سگهي. ۽ جڏهن اسان جا جادوگر موسىٰ ؑ جي جادوءَ تي غالب اچي وڃن ۽ هن کي شڪست فاش ڏئي شرمندو ڪن تہ اسان پنهنجن جادوگرن جو حوصلو بلند ڪرڻ ۽ سندن ڪاميابيءَ تي خوشيءَ جو اظهار ڪري 'جيو جادوگر' جا نعرا هڻي سندن پنيرائي ڪريون. سرڪاري جادوگرن محل ۾ موقعي جو فائدو وٺندي، فرعون کي چيو تہ اڄ معمولي مقابلو ناهي، پر جان جوکي ۾ وجهڻ کان گهٽ نہ آهي، ائين مقابلي جي سخت صورتحال ٻڌائيندي فرعون کي چيو تہ اسان جيڪڏهن غالب ٿيون ۽ مدمقابل کي ذلت آميز شڪست ڏيون تہ پوءِ اسان لاءِ ڪهڙو انعام هوندو؟ فرعون کين تسلي ڏيندي چيو انعام ۽ اڪرام سان گڏ اوهان بادشاهہ جي قريبي رازدار سردارن ۾ شامل ڪيا ويندؤ. (الاعراف: 113/7) هي مناظرو ۽ مقابلو ضرور ڪنٹو آهي. نہ تہ هي ملڪ جون بنيادون ڪمزور ڪري ملڪ ۽ قوم کي افراتفريءَ جو مرڪز بنائي ڇڏيندو ۽ مصر تي اسان جو قبضو ۽ ڪنٽرول ختم ٿي ويندو. بني اسرائيل جيڪي هن وقت اسان جا غلام آهن، اهي اسان جا آقا ٿي ويندا ۽ اسان کي ملڪ بدر ڪري پنهنجي حڪومت ٺاهي ڇڏيندا. جيڪڏهن وقت جي هن نازڪ موڙ تي بہ پنهنجو دفاع ڪرڻ ۾ ناڪام ٿياسون، تہ اسان جو ڪجهہ بني اسرائيل سان ڪيو، هاڻي اهو ئي اسان سان ٿيندو. پر ڪفر جڏهن بہ حق جي مقابلي ۾ آيو آهي تہ سچ هن جو مٿو ٽوڙي ڇڏيندو آهي. (الانبياءِ: 18/21)

قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰۤى اَلْقُوْا مَاۤ اَنْتُمْ مُّلْقُوْنَ ﴿٤٣﴾ فَاَلْقَوْا حِبَالَهُمْ وَ عِصِيَّهُمْ وَ
قَالُوْا بِعِزَّةِ فِرْعَوْنَ اِنَّا لَنَحْنُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿٤٤﴾ فَاَلْقٰى مُوْسٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِيَ
تَلْقَفُ مَا يَاْفِكُوْنَ ﴿٤٥﴾ فَاُلْقِيَ السَّحَرَةُ سٰجِدِيْنَ ﴿٤٦﴾ قَالُوْۤا اٰمَنَّا بِرَبِّ
الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٧﴾ رَبِّ مُوْسٰى وَ هٰرُوْنَ ﴿٤٨﴾ قَالَ اٰمَنْتُمْ لَهٗ قَبْلَ اَنْ اٰذَنَ لَكُمْ ۚ
اِنَّهٗ لَكَبِيْرُكُمُ الَّذِيْ عَلَّمَكُمُ السِّحْرَ ۚ فَلَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۬ لَاُقَطِّعَنَّ
اَيْدِيَكُمْ وَ اَرْجُلَكُمْ مِّنْ خِلَافٍ وَّ لَاُوصَلِّبَنَّكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٤٩﴾ قَالُوْا لَا
ضَيْرَ ۫ اِنَّاۤ اِلٰى رَبِّنَا مُنْقَلِبُوْنَ ﴿٥٠﴾ اِنَّا نَطْمَعُ اَنْ يَّغْفِرَ لَنَا رَبُّنَا خَطٰيٰنَاۤ اَنْ
كُنَّاۤ اَوَّلَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٥١﴾ ع

موسىٰ عليه السلام هنن کي چيو تہ داءُ ھڻو (اڇلايو) جيڪي داءُ ھڻڻ (اڇلڻ) گھرو. (43) انھن پنھنجون رسيون ۽ لٺيون اڇلايون ۽ چيائون تہ فرعون جي عزت و اقبال جو قسم! يقينًا اسان ئي غالب ٿينداسون.(44) پوءِ موسىٰ عليه السلام بہ پنھنجي لٺ اڇلائي تہ اھا يڪايڪ ھنن جي ان طلسم کي ڳھڻ شروع ڪيو يا جادو جو اثر مٽائي ڇڏيو، جيڪو طلسم ھو ڪري آيا ھئا. (45) ھن معجزي سان سمورن جادوگرن جا سر سجدي ۾ جھڪايا ويا. (46) ۽ اقرار ڪرڻ لڳا تہ اسان رب العالمين تي ايمان آڻيون ٿا.(47) جيڪو موسىٰ ۽ ھارون عليهما السلام جو رب آھي. (48) فرعون ڪين چيو تہ توھان منھنجي اجازت ملڻ کان اڳ ئي ايمان آڻي ڇڏيو، يقينًا ھي توھان جو وڏو آھي، جنھن اوھان کي ھي جادو سيکاريو آھي. جلد توھان کي ھن حرڪت جو پتو لڳي ويندو، مان توھان جا ھٿ ۽ پير

**مخالف سمت جا ڪاٽي ڇڏيندس ۽ اوهان سمورن ڪي ڦاسيءَ تي لٽڪائيندس.(49) هنن چيو ڪا پرواهہ ناهي، يقينًا اسان پنهنجي پروردگار ڏانهن ئي موٽايا ٿا وڃون. (50) يقينًا اسان پر اميد آهيون تہ اسان جو رب اسان جون خطائون بخشڻ وارو آهي.(51)**

---

هڪ وڏي ميڙ ۾ فرعون هن جي سردارن ۽ عوام جي موجودگي ۾ مقابلو شروع ٿي ويو. موسىٰ عليه السلام جادوگرن کي چيو تہ توهان وٽ جيترو بہ جادو آهي، اهو پيش ڪيو. کلئي ميدان تي پنهنجي جادوءَ جا داءُ لڳايو، جو ڪجهہ ڪرڻ گهرو ٿا دل کولي ڪيو. موسىٰ عليه السلام کي پنهنجي معجزي ۽ الله جي حمايت جو يقين هيو، ان ڪري کيس ڪا گهبراهٽ يا ڊپ ڪو نہ هيو. پوءِ انهن جادوگرن پنهنجو رسيون ۽ لٺيون زمين تي اڇلايون ۽ چيائون تہ فرعون جي عزتِ جاهہ جو قسم تہ اسان ضرور ڪامياب ٿينداسون. موسىٰ عليه السلام پهريان جادوگرن کي وار ڪرڻ ڏنو تہ پلي هو جيترو جادو پيش ڪن ۽ ماڻهن کي انهن جو جادو نظر اچي ۽ پوءِ جڏهن يڪايڪ موسىٰ عليه السلام جو معجزو جادوگرن جي ساري جادو جو کيل ختم ڪندو. ڏسندا تہ انهن تي هن معجزي جو ضرور اثر ٿيندو ۽ ڪجهہ ماڻهو ايمان بہ آڻين. "فَلَمَّآ اَلْقَوْا سَحَرُوْٓا اَعْيُنَ النَّاسِ وَ اسْتَرْهَبُوْهُمْ وَ جَآءُوْا بِسِحْرٍ عَظِيْمٍ" (الاعراف: 116/7) پوءِ جڏهن هنن پنهنجو داءُ لڳايو، رسيون ۽ لٺيون زمين تي اڇلايون تہ اهي حرڪت ۾ اچي ويون، جنهن ۾ هنن دراصل ماڻهن جي نظر بندي ڪري ڇڏي ۽ انهن تي هيبت ۽ دهشت جي فضا قائم ڪئي ۽ هڪ طرح جو وڏي جادو جو مظاهرو ڪيائون. هن جادوءَ کي ڏسي موسىٰ عليه السلام جي دل ۾ بہ خوف آيو. "فَاَوْجَسَ فِيْ نَفْسِهٖ خِيْفَةً مُّوْسٰى" (طٰهٰ: 20/67) 44) پر موسىٰ عليه السلام الله جي حمايت ۽ تائيد سان هنن جي جادوءَ جي توڙ لاءِ پنهنجي لٺ انهن ڏانهن اڇلي، جيڪا هڪ وڏو نانگ ازدها ٿي هنن جي رسين ۽ لٺين جي ذريعي نظر ايندڙ جادوءَ جو مليا ميٽ ڪري، رسيون ۽ لٺيون پنهنجي اصل صورت ۾ واپس نظر آيون ۽ ماڻهن ڏٺو تہ جادوگرن جو سمورو جادو ناڪام ٿي ويو ۽ موسىٰ عليه السلام کي ڪاميابي نصيب ٿي. جادوگرن کي خبر هئي تہ هنن جو ڪارنامو سڀ جادو آهي، حقيقي ناهي. سو جڏهن هنن خدا جي نبيءَ جو معجزو ڏٺو جيڪو سراپا حقيقت هو، جادوگرن کي يقين ٿي

ويو تہ ھي الله جو رسول آھي. اسان جي حقيقت بي نقاب ٿي وئي آھي. اسان باطل ڪمن ۾ ھياسون، پر ھاڻي حق ڏسڻ کان پوءِ موسىٰ ۽ ھارون ﷩ جي رسالت کي دل جي اٿاھ گھراين سان قبول ڪيون ٿا. ھو سجدي ۾ ڪري پيا ۽ رب العالمين تي ايمان آڻي، جادوءَ کي ھميشہ لاءِ خيرباد ڪري ڇڏيو.

جادوگرن جي جادوءَ جي ڪلي عام شڪست ۽ ناڪامي ڏسي فرعون ۽ ھن جي حوارين جا حوصلا خطا ٿي ويا تہ ھي ڇا مان ڇا ٿي ويو، جادوگرن جي ذريعي ھو فتح ڪامراني جي آس لڳايو وينا ھيا، پر الٽو شڪست ۽ ذلت سان دوچار ٿيا ۽ جادوگر ايمان آڻي ويا. ”اِنَّ هٰذَا لَمَكْرٌ مَّكَرْتُمُوْهُ فِي الْمَدِيْنَةِ لِتُخْرِجُوْا مِنْهَآ اَهْلَهَا“ (الاعراف: 123/7) اوھان مڪر ان ڪري ڪيو آھي تہ ھن شھر جي باشندن کي نيڪالي ڏئي ڇڏيو. ۽ ھن معجزي عوام تي بہ وڏو اثر وڌو، جنھن جي ڪري فرعون وڌيڪ پريشان ٿي ويو ۽ غضب ۽ غصي ۾ اچي جادوگرن تي ڇوھ ڇنڊيا تہ اوھان کي اسان مقابلي لاءِ آندو ھيو، توھان سان انعام اڪرام جا وعدا ڪيا ھئاسون. اوھان ھنن سيني احسانن کي وساري موسىٰ ﷷ سان ملي ڪري شڪست قبول ڪئي ۽ وري منھنجي اجازت بنا ھنن ٻن شخصن ۽ انھن جي رب تي ايمان بہ آڻي ڇڏيو آھي. لڳي ٿو تہ توھان ھن (موسىٰ ﷷ) جا شاگرد آھيو ۽ ھن توھان کي ھيءُ فن سيکاريو آھي. ان ڪري اوھان ھن کي سوپارو ڪري اسان کي نيچ ڪري ڇڏيو آھي. اسان توھان جي ھن سازش ۽ گستاخي ۽ ڏوکي بازيءَ جو توھان کي ضرور سبق سيکاريندا سون. توھان جا ھڪ طرف جا ھٿ ٻئي طرف پير ڪپي اڇلائيندا سون ۽ توھان کي ڦاسيءَ تي لٽڪائي عذاب ڏئي ماري ڇڏينداسون. ھنن جادوگرن سخت گير ۽ سرڪش بادشاھ جي انھيءَ ڪڙڪيدار ھانءَ ڏاريندڙ دڙڪن کي نھايت دل جي سڪون سان ٻڌو ۽ پوري سڪون ۽ اطمينان سان فرعون کي چيو تہ توکي جو وڻي سو ڪري گذر. انھن خوف خطرن کان اسان ڊڄڻ وارا نہ آھيون، ھن سان اسان جو ڪجھ نٿو بگڙي. ھاڻي اسان جي دل ۽ نگاھن جو زاويو بدلجي ويو آھي. اسان جي پوري توجہ ۽ ڌيان رب العالمين طرف مرڪوز ٿي ويو آھي. صحيح منزل روشن ڏينھن وانگر اسان جي آڏو آشڪار ٿي چڪي آھي. ھاڻي اسان جو ھر قدم انھيءَ راھ تي ھلي ٿو. تون اسان کي قتل ناحق ڪندين تہ اسان شھيد ٿي الله وٽ سرخرو ٿينداسون، جنھن جي مقابلي ۾ ھي دنيا

جي زندگي ڪجھ بہ نہ آھي. اسان کي اميد آھي تہ اسان جو رب اسان جون خطائون معاف ڪرڻ فرمائيندو ۽ سزا ڏيڻ بدران اسان سان درگذر جو رويو اختيار ڪندو. ان ڪري جو اسان سڀ کان اول ايمان آندو آھي.

هن حيرت انگيز حالت کي ڏسو جو جڏهن جادوگر مقابلي جي ميدان ۾ آيا هئا تہ چيائون "بِعِزَّةِ فِرْعَوْنَ" يعني فرعون جي عزت ۽ جاھ جو قسم کنيو ۽ کين آسرو هيو تہ فرعون کان انعام ۽ اڪرام بہ ملندا، پر هاڻي خدا جي نور هنن جي دلين کي اهڙو تہ منور ڪيو آھي جو کين خدا ۽ آخرت کانسواءِ دنيا جي هر شيءِ هنن جي نگاھ ۾ هيچ هئي.
"اَللّٰهُمَّ رَبَّنَا نَوِّرْ قُلُوْبَنَا بِالْاِيْمَانِ وَاشْرَحْ صُدُوْرَنَا لِلْاِسْلَامِ".

وَ اَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى اَنْ اَسْرِ بِعِبَادِيْٓ اِنَّكُمْ مُّتَّبَعُوْنَ ﴿۵۲﴾ فَاَرْسَلَ
فِرْعَوْنُ فِى الْمَدَآئِنِ حٰشِرِيْنَ ﴿۵۳﴾ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ لَشِرْذِمَةٌ قَلِيْلُوْنَ ﴿۵۴﴾ وَ
اِنَّهُمْ لَنَا لَغَآئِظُوْنَ ﴿۵۵﴾ وَ اِنَّا لَجَمِيْعٌ حٰذِرُوْنَ ﴿۵۶﴾ فَاَخْرَجْنٰهُمْ مِّنْ جَنّٰتٍ
وَّ عُيُوْنٍ ﴿۵۷﴾ وَّ كُنُوْزٍ وَّ مَقَامٍ كَرِيْمٍ ﴿۵۸﴾ كَذٰلِكَ ؕ وَ اَوْرَثْنٰهَا بَنِىْٓ
اِسْرَآءِيْلَ ﴿۵۹﴾ فَاَتْبَعُوْهُمْ مُّشْرِقِيْنَ ﴿۶۰﴾ فَلَمَّا تَرَآءَ الْجَمْعٰنِ قَالَ اَصْحٰبُ
مُوْسٰٓى اِنَّا لَمُدْرَكُوْنَ ﴿۶۱﴾ قَالَ كَلَّا ۚ اِنَّ مَعِىَ رَبِّىْ سَيَهْدِيْنِ ﴿۶۲﴾

۽ اسان موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ ڏانهن وحي موڪلي تہ منهنجي ٻانهن کي رات پيٽ ۾ ڪڍي وڃ، يقينًا تنهنجو تعاقب (پيڇو) ڪيو ويندو (52) تہ فرعون سمورن شهرن ۾ پڙهو ڏيندڙ موڪليا (53) تہ هي ٿورڙي جماعت تہ آهي. (54) ۽ بلاشڪ هنن اسان جي غصي جي باھ ڀڙڪائي آهي. (55) اسان جي جماعت هميشہ هر چئلينج لاءِ تيار رهي ٿي. (56) اسان فرعونين کي سندن باغن ۽

چشمن کان بي دخل ڪري ڇڏيو. (57) ۽ خزانن کان ۽ عاليشان محلات کان. (58) اهڙي طرح هنن شين جو اسان بني اسرائيل کي وارث بنائي ڇڏيو. (59) سج ايرندي ئي فرعونين هنن جو تعاقب (پيڇو) ڪيو. (60) پوءِ جڏهن ٻنهي جماعتن هڪ ٻئي کي ڏٺو ته موسىٰ عليه السلام جا ساٿي چوڻ لڳا ته اسان ته پڪڙجي پياسون. (61) موسىٰ عليه السلام چيو هرگز نه، منهنجو رب منهنجو ساٿي آهي، اسان لاءِ ضرور راهه ڪڍي وٺندو. (62)

---

هڪ طرف کان سرڪشي ۽ اذيت ۽ ٻئي طرف کان مجبوري ۽ برداشت جو معاملو هلندو رهيو. پر آخر ڪيستائين؟ سو اسان مظلومن کي هن عذاب مان نجات ڏيارڻ لاءِ موسىٰ عليه السلام طرف وحي ڪئي ته توهان بني اسرائيل کي رات جي پيٽ ۾ وٺي هتان هليا وڃون، ڏينهن جي وقت هو توهان کي ڏسي وٺندا، ان ڪري راتو رات نڪري وڃو. فرعونين پاران توهان جو تعاقب (پيڇو) ضرور ڪيو ويندو. هي حڪم تڏهن مليو، جڏهن موسىٰ عليه السلام جي تبليغ مان فرعونين ڪو فائدو حاصل نه ڪيو. اتمامِ حجت بعد فرعونين خلاف عذاب جو فيصلو ٿي ويو، ان ڪري موسىٰ عليه السلام کي وحي آئي ته فرعوني ٽولو سڌرڻ وارو ناهي. تون بني اسرائيل کي هتان وٺي وڃ ته پوءِ هنن کي عذاب جي آڙاهه ۾ اڇلايو وڃي. فرعون هر شهر ڏانهن پنهنجا پڙهو ڏيندڙ چاڙتا موڪليا ته هن خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ لشڪر گڏ ڪيو وڃي ۽ هنن جو ثابت قدميءَ سان مقابلو ڪجي. هي اسان جي مقابلي ۾ ٿورڙا يعني حقير ڪمزور بي سرو سامان آهن. اهي اسان جي اجازت ۽ رضامندي کانسواءِ هتان نڪري نٿا سگهن. هتان ڀڄي وڃڻ جو فيصلو ڪري هنن اسان جي غيض و غضب کي ڀڙڪايو آهي. هاڻي هي ڪنهن به رعايت جا حقدار نه آهن. هنن کي اهڙي سزا ملڻ گهرجي، جو وري ڀيهر هو اهو سوچي به نه سگهن. موسىٰ عليه السلام جو به اثر رسوخ وڌي رهيو آهي، جيڪو اسان جي سلطنت ۽ حڪومت لاءِ سنگين خطرو آهي، ان کي ماٺو ڪرڻ، بلڪ پوري طرح ختم ڪرڻ ضروري آهي. اسان جي جماعت کي ايندڙ خطري کان خبردار ڪرڻ ضروري آهي. هونئن به ته اسان غافل ۽ ڪاهل نه آهيون. هميشه سازو سامان سان متحد ۽ مسلح رهون ٿا ته جيئن ڪو دشمن اسان جي غفلت ۽ لاپرواهي جو فائدو وٺي

اسان تي حملو ڪري ڏئي ۽ اسان ان جي آڏو هٿيار ڦٽا ڪريون. اسان کي پنهنجي حڪومت، مال دولت عزت آبرو جي حفاظت لاءِ بلڪل بيدار ۽ هميشہ تيار رهڻ گهرجي.

هڪ طرف فرعون پنهنجي طاقت جي نشي ۾ بني اسرائيل خلاف سازشون سٽي رهو هيو تہ وري ٻئي طرف الله جو قانونِ مڪافات فرعون جي در تي دستڪ ڏئي اعلان ڪري رهيو هيو تہ سڀ ڪن کولي ٻڌو، فيصلو ٿي چڪو آهي، جنهن موجب اسان فرعون ۽ ان جي صاحب ثروت سردارن، سندن باغن، چشمن، خزانن، عهدن ۽ رتبن سميت هر شيءِ کان ۽ محلاتن کان محروم ۽ بي دخل ڪري ڇڏيو آهي. اهي انهيءَ گهمنڊ ۽ غرور ۾ هيا تہ اسان جا ڪمزور غلام اسان سان ڪيترو مهاڏو اٽڪائي سگهندا. اسان هنن کي چچري ڇڏينداسون، انهيءَ زعم ۾ فرعون ۽ ان جو لشڪر سردار ۽ جنگجو بني اسرائيل کي گرفتار ڪرڻ ۽ تعاقب ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو تہ هنن کي پنهنجن محلاتن، سدا بهار باغن وهندڙ چشمن، سون چاندي جي خزانن وڏي مرتبي وارن عهدن ۽ اختيارن تان هٿ ڌوئڻا پيا ۽ ڪين وري موٽي اچڻ جي توفيق نصيب نہ ٿي ۽ سمورا غرق آب ٿي ويا. اهڙي طرح الله تعالىٰ پنهنجي حڪمت ۽ مشيت سان ڪين تمام نعمتن کان محروم ڪري ڇڏيو. گويا هنن ناشڪر، نافرمان ٽولي کي مغلوب ڪري، بني اسرائيل کي انهن سمورين نعمتن جو مالڪ ۽ وارث بڻائي ڇڏيو. (الدخان: 28/44، الاعراف: 137/7-136، بني اسرائيل: 17/ 1، الانبياء: 81/21، سبا: 34/ 18)

کبھی تھے راج کے راجا، چلا فرمان دنیا پر
اٹھے بیچارڑے ہوکر شہنشاہی محافل سے

"تِلْكَ الْاَيَّامُ نُدَاوِلُهَا بَيْنَ النَّاسِ" (آل عمران: 140/3) هي زماني جو ڦيرو آهي، جيڪو ڦرندو رهي ٿو، ڪڏهن مٿ ماٿيءَ تي تہ ڪڏهن مٿ مٿان ماٿي، مخدوم خادم، حڪمران محڪوم ٿي ويا.

قادر تنهنجي قدرت عجب ڏني سون
پن ٻوڙين پاتار ۾ پٿر تارين ٿون

(شاهہ لطيف رحمة الله عليه)

هن مان ائين نہ سمجهيو وڃي تہ فرعون ۽ ان جي حڪمران ۽ خوشحال ٽولي کي هنن نعمتن کان محروم ڪري، هن جون اهي ملڪيتون بني اسرائيل کي واپس ڪري قبضي ۾ ڏنيون ويون، پر اصل مقصد اهو آهي تہ فرعون وارا تہ سڀ تباهہ ٿي ويا. سندن سمورا ٺاٺ باٺ ختم ٿي ويا. جڏهن صبح سوير بني اسرائيل جو پيڇو ڪيو هيو ۽ جڏهن سمنڊ جي ويجهو ٻئي جماعتون هڪ ٻئي کي پسي رهيون هيون، ان وقت بني اسرائيل حضرت موسیٰ ﷺ کي چيو تہ فرعون جو لشڪر پيڇو ڪندي اسان وٽ پهچي ويو آهي، هاڻي اسان جو خير ناهي. هو اسان کي گرفتار ڪري وري پنهنجو غلام بڻائي رکندا ۽ ساڳيا ظلم و ستم عذاب ۽ ايذاءَ جاري رکندا. موسیٰ ﷺ تسلي ڏيندي چيو تہ توهان نہ گهٻرايو. ائين هرگز نہ ٿيندو، جو هو اسان کي ڪو گزند يا تڪليف ڏئي سگهن. جنهن الله تبارڪ و تعالیٰ مون کي مصر ڇڏڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ مون کي فرعون تي ڪاميابي ڏني ۽ ان جي ظلم زيادتي ۽ سرڪشي کان محفوظ رکيو. ان جو مون سان ساٿ آهي. اهو ضرور اسان کي اهڙو رستو ڏيکاريندو، جنهن سان اسان بنا خوف خطري جي نڪري پنهنجي منزل تي پهچي وڃون.

فَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى اَنِ اضْرِبْ بِّعَصَاكَ الْبَحْرَ ؕ فَانْفَلَقَ فَكَانَ كُلُّ
فِرْقٍ كَالطَّوْدِ الْعَظِيْمِ ۚ﴿۶۳﴾ وَ اَزْلَفْنَا ثَمَّ الْاٰخَرِيْنَ ۚ﴿۶۴﴾ وَ اَنْجَيْنَا مُوْسٰى وَ مَنْ
مَّعَهٗٓ اَجْمَعِيْنَ ۚ﴿۶۵﴾ ثُمَّ اَغْرَقْنَا الْاٰخَرِيْنَ ؕ﴿۶۶﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَ مَا كَانَ
اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۶۷﴾ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ۚ﴿۶۸﴾ ع ٤ ١٧ ٨

اسان موسیٰ ﷺ ڏانهن وحي ڪئي تہ سمنڊ کي پنهنجي لٺ جي چوٽ لڳاءِ تہ اهو (سمنڊ) ڦاٽي پيو ۽ هر هڪ حصو هڪ وڏي پهاڙ وانگر ٿي پيو. (63) ۽ اسان ٻين (فرعون وارن) کي بہ ان جي قريب آندو.(64) ۽ اسان بچائي ورتو

**موسىٰ ﷺ کي ۽ ان سان گڏ سمورن ماڻهن کي ۽ اسان ٻين کي غرق ڪري ڇڏيو.(66) يقينًا هن ۾ هڪ وڏي نشاني آهي، پر انهن مان اڪثر ايمان آڻڻ وارا نہ آهن.(67) يقينًا تنهنجو رب نهايت زبردست ۽ مدامي رحم ڪرڻ وارو آهي. (68)**

---

موسىٰ ﷺ جو پنهنجي پروردگار جي حمايت ۽ مدد جو پورو ڀروسو هيو ۽ جيئن هن پنهنجي قوم کي چيو هو تہ فڪر نہ ڪريو، الله اسان جي لاءِ ضرور راهہ ڪڍندو، جو اسان سلامتيءَ سان پنهنجي منزل تي پهچي وڃون. سو اهڙي طرح الله تعالىٰ رهنمائي عنايت ڪئي ۽ نشاندهي ڪندي موسىٰ ﷺ کي چيو تہ هت سمنڊ کي اها لٺ هڻ، جيڪا عصا مان اژدها ٿي وئي هئي، جنهن لاءِ تو چيو هيو تہ مان هن لٺ سان ٿاري لاهي ٻڪرين کي وجهندو آهيان ۽ ٻيا ڪم ڪندو آهيان. هن جيئن ئي سمنڊ کي انهيءَ معجزاتي لٺ سان ضرب لڳائي تہ سمنڊ ڦاٽي پيو. (طٰهٰ: 77/20، الدخان: 24/44) ڪشادو رستو نهي پيو ۽ پاڻي سڄي پاسي ۽ کٻي پاسي پهاڙ وانگر ٿي ويو ۽ موسىٰ ﷺ پنهنجي ساٿين سميت سلامتي سان سمنڊ پار ڪري ويو. قرآن اَنْفَلَقَ يعني فَلَقٌ معنىٰ ڦاڙڻ چيو آهي ۽ جيڪو قرآن ۾ انهيءَ معنىٰ سان ٻين جاين تي بہ آيو آهي. ”فَالِقُ الْاِصْبَاحِ“ (الانعام: 96/6) ”قُلْ اَعُوْذُبِرَبِّ الْفَلَقِ“ (الفلق: 1/113) هن معجزي کي عقلي دليلن جو قيدي بنائڻ تہ موجون بند ٿي ويون يا سمنڊ سڪي ويو، خواهہ مخواهہ جون تاويلون آهن. جڏهن فرعون ۽ ان جو لشڪر اهو رستو ڏسي سمنڊ اندر آيو تہ سمنڊ جو پاڻي پاڻ ۾ ملي ويو، جنهن رستي کي اختيار ڪري موسىٰ ﷺ وارا سمنڊ پار ڪري ويا هئا ۽ سلامتي ﷺ سان خشڪي تي پهچي خدا جو شڪر ڪري پنهنجي منزل ڏانهن روانا ٿيا، پر پوءِ انهن جي پٺيان ايندڙ فرعون ۽ ان جو لشڪر غرق آب ٿي ويو. نہ رهي بانس نہ وڳي بانسري. نہ فرعون بچي سگهيو نہ ان جي حڪومت، اهو مال و دولت، زر، زمين، حڪومت ۽ سطوت، اختيار ۽ اقتدار، عيش و عشرت، ظلم و زيادتي، غرور ۽ سرڪشي سڀ ختم ٿي ويا. بس رهيو نانءُ الله جو.

هن واقعي ۾ يقينًا هر عقل و بصيرت ۽ فهم فراست واري انسان لاءِ حق ۽ باطل جي ڪشمش جي انجام پرکڻ لاءِ واضح نشاني موجود آهي. يونس: 90/10 ۾ آهي تہ فرعون ٻڏڻ وقت چيو تہ مان الله تي ايمان آڻيان ٿو، جيڪو بني اسرائيل جو الله آهي ۽ مان مسلمان هجڻ جو اقرار ڪيان ٿو. ڪيس چيو ويو تہ مرڻ وقت توبه قبول نہ ڪئي ويندي آهي. حق جا هميشہ ٻيڙا پار ۽ باطل جون ڪشتيون غرق ٿي وڃن ٿيون. اڪثر ماڻهو اهڙن واقعن تي تبصرو ڪندي چوندا آهن تہ اهڙا واقعا محض اتفاقي آهن، جيڪي خود بخود صادر ٿيندا آهن. اهڙا عقل جا انڌا اڪثر انسان اهڙن عبرت آموز واقعن کي بہ مڃڻ لاءِ تيار نہ آهن، حالانڪہ حقيقت هن طرح آهي تہ هي سڀ ڪجهہ خدا جي ان قانون مڪافات جي مطابق رونما ٿئي ٿو، جيڪو الله عزوجل نافرمان قوم ۽ افراد انهن جي اعمال مطابق آهي ۽ متقي، پرهيزگار ۽ نيڪ ڪردار انسان لاءِ اهڙي طرح پنهنجي رحمت ۽ هدايت جا در کولي ٿو ڇڏي.

---

وَ اتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ اِبْرٰهِيْمَ ﴿۶۹﴾ اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ وَ قَوْمِهٖ مَا تَعْبُدُوْنَ ﴿۷۰﴾ وقف لازم
قَالُوْا نَعْبُدُ اَصْنَامًا فَنَظَلُّ لَهَا عٰكِفِيْنَ ﴿۷۱﴾ قَالَ هَلْ يَسْمَعُوْنَكُمْ اِذْ
تَدْعُوْنَ ﴿۷۲﴾ اَوْ يَنْفَعُوْنَكُمْ اَوْ يَضُرُّوْنَ ﴿۷۳﴾ قَالُوْا بَلْ وَجَدْنَآ اٰبَآءَنَا
كَذٰلِكَ يَفْعَلُوْنَ ﴿۷۴﴾ قَالَ اَفَرَءَيْتُمْ مَّا كُنْتُمْ تَعْبُدُوْنَ ﴿۷۵﴾ اَنْتُمْ وَ
اٰبَآؤُكُمُ الْاَقْدَمُوْنَ ﴿۷۶﴾ فَاِنَّهُمْ عَدُوٌّ لِّيْۤ اِلَّا رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۷۷﴾ الَّذِيْ خَلَقَنِيْ
فَهُوَ يَهْدِيْنِ ﴿۷۸﴾ وَ الَّذِيْ هُوَ يُطْعِمُنِيْ وَ يَسْقِيْنِ ﴿۷۹﴾ وَ اِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ
يَشْفِيْنِ ﴿۸۰﴾ وَ الَّذِيْ يُمِيْتُنِيْ ثُمَّ يُحْيِيْنِ ﴿۸۱﴾ وَ الَّذِيْۤ اَطْمَعُ اَنْ يَّغْفِرَ لِيْ
خَطِيْٓـَٔتِيْ يَوْمَ الدِّيْنِ ﴿۸۲﴾

۽ هن کي ابراهيم عليه السلام جو احوال بيان ڪر.(69) جڏهن هن پنهنجي پيءُ ۽
پنهنجي قوم جي ماڻهن کان پڇيو تہ اوهان ڪنهن جي پوڄا ڪري رهيا آهيو.
(70) هنن چيو تہ اسان بتن جي پوڄا ڪيون ٿا. انهن جي پرستش ۾ هميشہ
قائم آهيون. (71) ابراهيم عليه السلام پڇيو تہ جڏهن اوهان هنن کي پڪاريو ٿا تہ هو
اوهان جو سڏ ٻڌن ٿا.(72) يا توهان کي ڪو فائدو ڏئي سگهن، يا ڪوئي نقصان
پهچائي سگهن ٿا. (73) هنن چيو تہ حقيقت اها آهي تہ اسان پنهنجن ابن ڏاڏن
کي ائين ڪندي ڏٺو. (74) ابراهيم عليه السلام چيو تہ غور سان ٻڌو تہ اوهان جن بتن
جي پوڄا ڪريو ٿا. (75) توهان پاڻ ۽ توهان جا وڏڙا جن جي پرستش ڪريو ٿا
مان انهن (بتن شيطانن) جو سخت ترين دشمن آهيان، ها منهنجو دوست تہ
فقط پروردگار آهي. (77) جنهن مون کي خليفو بڻايو آهي ۽ اهو ئي منهنجي
رهنمائي ڪرڻ فرمائي ٿو. (78) اهو مون کي کارائي ٿو پيئاري ٿو. (79) ۽
جڏهن مان بيمار ٿيان ٿو تہ مون کي شفا بخشي ٿو.(80) ۽ جيڪو مون کي
ماريندو ۽ وري مون کي جياريندو.(81) ۽ جنهن کان مون کي اميد آهي تہ
قيامت جي ڏينهن منهنجا گناهہ معاف ڪندو. (82)

---

گذريل آيتن ۾ حضرت موسیٰ عليه السلام ۽ قوم فرعون جو بيان گذري چڪو آهي.
هاڻي الله جي پروردگار مطابق دنيا ۾ توحيد جو پيغام قائم ڪرڻ هڪ ٻئي اولو العزم
نبي حضرت ابراهيم عليه السلام جو ذڪر ٿي رهيو آهي. جڏهن ڪيس نبوت سان سرفراز ڪيو
ويو هيو تہ شرڪ جي بيخ ڪني ڪري ۽ توحيد جو نظام قائم ڪرڻ لاءِ پهرئين
ڪشمڪش قريبي خاندان ۽ پنهنجي قوم سان شروع ٿي. هي روئداد پيش ڪرڻ مان
معلوم ٿئي ٿو تہ ابراهيم عليه السلام جو عرب جي ماڻهن خاص طرح قريش جو ملت ابراهيم
کي پنهنجو اصلي دين سمجهندا هئا. هاڻي ڪين ٻڌايو ٿو وڃي تہ حضرت محمد مصطفیٰ
خاتم النبيين صلی الله عليه وآله وسلم بہ ان ملت ابراهيمي ۽ دين اسلام جو پيغمبر ۽ داعي آهي. ڪا بہ مختلف ڳالهہ

نہ آهي. ان ڪري اي پيارا حبيب ﷺ! تون هنن کي حضرت ابراهيم عليه السلام جي احوال کان آگاهہ ڪر تہ ابراهيم عليه السلام مشرڪ نہ هيو، پر هن جي ساري لڙائي شرڪ خلاف هئي. اي مڪي جا قريش ۽ عرب قبيلا! هينئر بہ بلڪل ساڳي صورتحال آهي. هاڻي هنن ڪافرن کي ٻڌاءِ تہ جهڙي طرح اوهان ڪعبة الله کي بتن سان شرڪ جو پرچار ڪري رهيا آهيو، اهڙي طرح ابراهيم عليه السلام جي ڏينهن ۾ بتن جو پوڄا وارو شرڪ موجود هيو، جنهن تي ابراهيم عليه السلام کين چيو تہ اوهان ڪهڙين واهيات شين جي پوڄا ڪري رهيا آهيو ۽ انهن جي اردگرد چڪر ڪاٽي رهيا آهيو. ڇا اهي نڪر پٿر جا بي جان بت جن کي اوهان پنهنجو معبود ۽ ڪارساز بنايو آهي، ڇا اهي اوهان جو فرياد ٻڌن ٿا ۽ فرياد جي داد رسي ڪن ٿا يا اوهان جي صدا، صدا بصحرئ ٿيو وڃي. ڇا هنن بي حس، بي بس بتن کان اوهان کي ڪو فائدو ملي سگهي ٿو. هو دشمنن کان اوهان جو بچاءُ ڪري سگهن ٿا يا اوهان جي ڌن دولت ۾ اضافو آڻين ٿا، يا اوهان کي مرض، قرض، مصيبت ۽ مشڪلات کان محفوظ ڪن ٿا يا غصي ۾ اچي اوهان کي ڪو نقصان پهچائي سگهن ٿا ۽ اوهان هنن جي پوڄا پاٺ بند ڪري ڇڏيو ۽ کين نذر و نياز پيش نہ ڪريو تہ ڇا هو توهان کي تهس نهس ڪري ڇڏيندا. هنن ڪافرن وراڻيو تہ اهڙي ڪا ڳالهہ ناهي، اسان اڪيون ٻوٽي هي فيصلو نہ ڪيو آهي. اسان هنن جي عبادت ان ڪري ڪيون ٿا تہ هي خدا جون مقرب هستيون آهن. هنن کي راضي رکڻ سان خدا بہ راضي ٿو ٿئي. نہ رڳو ايترو، پر اسان جا وڏڙا وڏا داناءُ ۽ افلاطون زمانہ هئا. اهي بہ هنن بتن جي اهڙي طرح عبادت ڪندا هئا، جهڙي طرح اسان اڄ هنن جي نيازمندي سان سندن آڏو سر جهڪائي اردگر ڦيرا ڏئي رهيا آهيون. ڏسو هي بت جن جي اوهان ۽ اوهان جا ابا ڏاڏا عبادت ڪري رهيا آهن ۽ جن کي اوهان معبود جو درجو ڏنو آهي، مان توهان جي هنن باطل خدائن جي سخت خلاف آهيان، هي منهنجا دشمن آهن، آءٌ هنن بتن کي برباد ڪري معاشري کي شرڪ ۽ ڪفر جي غلاظت ۽ گندگي کان پاڪ صاف ڪري، توحيد جي راهہ تي راغب ڪندس. ڏسو تہ اوهان جا اهي بت منهنجو ڇا تہ بگاڙي سگهن. ها منهنجو الله مددگار آهي. "وَاتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اٰلِهَةً لِّيَكُوْنُوْا لَهُمْ عِزًّا ۝ كَلَّا ۭ سَيَكْفُرُوْنَ بِعِبَادَتِهِمْ وَيَكُوْنُوْنَ عَلَيْهِمْ ضِدًّا ۝ " (مريم : 82/19-81) هنن ڪافرن الله کان سواءِ ٻين کي پنهنجو معبود بڻايو آهي، هو هنن جي مدد يا قوت جو ذريعو ٿيندا،

پر ائين نہ ٿيندو. عنقريب اهڙو وقت اچڻ وارو آهي، جو اهي معبود هنن جي عبادت جو انڪار ڪندا ۽ الٽو هنن جا مخالف ٿي ويندا. جنهن جو حمايتي خدا آهي، ان جو ڪير بہ ڪجھ بگاڙي نٿو سگهي. مون جنهن الله تي ڀروسو ڪيو آهي، اهو پنهنجا وعدا پورا ڪري ٿو. هي اهو قادر مطلق آهي، جيڪو هر شيءِ کي عدم مان وجود ۾ آڻي ٿو، جنهن انسان جي تخليق ڪئي، اهي ۽ طبعي ضرورتن جي پوري ڪرڻ سان گڏ هن جي رهنمائي ۽ رهبري لاءِ وحي الاهي ۽ رسولن جي معرفت گمراھ ماڻهن جي هدايت جو اهتمام بہ ڪيو آهي. جنهن انسان کي عقل و شعور ڏئي حق ۽ باطل، سچ ۽ ڪوڙ، درست ۽ غلط، ضرر ۽ مفيد شين جي پرک جي صلاحيت ۽ استعداد سان نوازيو آهي. جنهن ضرورت سان گڏ رهنمائي ۽ نبوت سان نوازيو آهي. جنهن پروردگار پنهنجي ربوبيت ۽ رحمت واري پروگرام هيٺ اسان جي کاڌي پيتي جو انتظام ڪيو آهي، جنهن لاءِ ڪائنات جي ڪوني ڪوني ۾ هر قسم جي غذا ۽ رزق جي فراواني آهي. جيڪڏهن مون کي ڪو مرض لاحق ٿو ٿئي تہ مون کي شفا بخشي تندرست توانا رکي ٿو. جنهن ڪري مان سندس فرض ادائگي ۽ بندگي جو حق ادا ڪندي رڳو نہ هڪ الله جي در سجده ريز آهيان ۽ شرڪ و ڪفر خلاف جان ليوا معرڪہ آرائي کان نٿو ڊڄان، جنهن جي هٿ ۾ منهنجي ساھ جو سڳو آهي، جيڪو مون کي جيئاري بہ ٿو ۽ جنهن جي هٿ ۾ منهنجو مرڻ حق آهي، جنهن کان ڪو بہ انڪار ناهي. جنهن کان مون کي پوري اميد آهي تہ هو مون کي قيامت جي ڏينهن جي گرفت کان آجو رکڻ لاءِ منهنجا سمورا ڏوھ ۽ خطائون معاف ڪندو ڇو تہ هو پنهنجي مخلص ٻانهن کي حفاظت ڏيڻ وارو بخش ڪرڻ وارو ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي.

---

رَبِّ هَبۡ لِیۡ حُكۡمًا وَّ اَلۡحِقۡنِیۡ بِالصّٰلِحِیۡنَ ﴿۸۳﴾ وَ اجۡعَلۡ لِّیۡ لِسَانَ صِدۡقٍ
فِی الۡاٰخِرِیۡنَ ﴿۸۴﴾ وَ اجۡعَلۡنِیۡ مِنۡ وَّرَثَةِ جَنَّةِ النَّعِیۡمِ ﴿۸۵﴾ وَ اغۡفِرۡ لِاَبِیۡۤ اِنَّهٗ
كَانَ مِنَ الضَّآلِّیۡنَ ﴿۸۶﴾ وَ لَا تُخۡزِنِیۡ یَوۡمَ یُبۡعَثُوۡنَ ﴿۸۷﴾ یَوۡمَ لَا یَنۡفَعُ مَالٌ

وَّ لَا بَنُوۡنَ ﴿۸۸﴾ اِلَّا مَنۡ اَتَى اللّٰهَ بِقَلۡبٍ سَلِيۡمٍ ﴿۸۹﴾ وَ اُزۡلِفَتِ الۡجَنَّةُ
لِلۡمُتَّقِيۡنَ ﴿۹۰﴾ وَ بُرِّزَتِ الۡجَحِيۡمُ لِلۡغٰوِيۡنَ ﴿۹۱﴾ وَ قِيۡلَ لَهُمۡ اَيۡنَمَا كُنۡتُمۡ
تَعۡبُدُوۡنَ ﴿۹۲﴾ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ ؕ هَلۡ يَنۡصُرُوۡنَكُمۡ اَوۡ يَنۡتَصِرُوۡنَ ﴿۹۳﴾ فَكُبۡكِبُوۡا
فِيۡهَا هُمۡ وَ الۡغَاوٗنَ ﴿۹۴﴾

اي منهنجا پروردگار! تون مون کي حڪمت عطا ڪرڻ فرماءِ ۽ مون کي پنهنجي صالح ٻانهن ۾ شامل ڪر.(83) ۽ مون کي انهن ماڻهن مان ڪر، جن جو ذڪر جميل اڳتي ٻه جاري رهي. (84) ۽ مون کي نعمتن واري جنت جو وارث ڪر. (85) منهنجي والد کي بخش ڪر، يقيناً هو گمراهه ماڻهن مان آهي. (86) ۽ مون کي ان ڏينهن رسوا نہ ڪر، جنهن ڏينهن سڀني ماڻهن کي اٿاريو ويندو. (87) جنهن ڏينهن نہ مال ڪم ايندو ۽ نہ اولاد (88) هن ڪانسواءِ جيڪو الله جي حضور قلبِ سليم سان پيش ٿيو. (89) ۽ جنت کي متقي ماڻهن جي قريب آندو ويندو. (90) ۽ جهنم کي باغين جي سامهون ظاهر ڪيو ويندو. (91) هنن کي چيو ويندو تہ جن کي اوهان پوڄيندا هئا، اهي ڪٿي آهن. (92) الله کان سواءِ ڇا اهي اوهان جي مدد ڪري سگهن ٿا يا ان جو ڪنهن کان بدلو وٺي سگهندا. (93) پوءِ هنن کي جهنم ۾ اونڌو اڇلايو ويندو. (94)

جڏهن ابراهيم عليه السلام پنهنجي قوم جي عداوت ۽ بغاوت واري مذموم منصوبن کان پوري طرح آگاهه ٿي ويو ۽ ان وقت بيبي ساره عليها السلام ۽ لوط عليه السلام کان سواءِ ڪو ٻيو ساٿ ڏيڻ وارو نہ رهيو ۽ تبليغ جي اتمامِ حجت پوري ٿي چڪي ۽ پاڻ هجرت ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو تہ هن بارگاهه الاهي ۾ درخواست پيش ڪئي تہ اي منهنجا رب! مون کي مزيد

علم و حڪمت جا خزانا عطا ڪر ۽ پنهنجو قرب رباني عنايت ڪرڻ فرمايو ۽ مون کي پنهنجي نيڪو ڪار ٻانهن، صالح ۽ صادق نبين جي صف ۾ شامل ڪرڻ فرمايو. مون کي لِسَان صِدق يعني ذڪر جميل عطا ڪر، جنهن ۾ پائداري، صداقت ۽ دوام شامل هجي ۽ مون کي انهن اخلاق ڪريمه سان نواز، جنهن جو منهنجي وڃڻ بعد ٻه ذڪر خير جاري رهي. ۽ مون کي پنهنجي نوازشن ۽ عنايت سان لبريز جنت جو مستحق بڻاءِ ۽ منهنجي والد کي ايمان جي توفيق عطا ڪري، دوزخ جي باھ کان بچائي رک. هو هينئر گمراھ ٽولي جو فرد آهي. (التوبه: 114/9، ابراهيم: 41/14، مريم: 47/19، الممتحنه: 4/60) پر تنهنجي ڪرم سان هو راھ حق تي اچي جنت جو حقدار ٿئي، جنهن ڏينهن حساب ڪتاب ڪرڻ لاءِ تنهنجي حضور ۾ هڪ ملزم جي حيثيت ۾ پيش ڪيو وڃان ته اتي منهنجي لڄ رکجانءِ ته جيئن منهنجو شرم ۽ وقار باقي رهي.

ستر ڪر ستار آءٌ اگهاڙي آهيان
ڍڪين ڍڪڻهار ڏئي پاند پناھ جو

منهنجي مداين جي ڪل پريان پيئي
ڪڏهن ڪوسا نه ٿيا ڏورا پو ڏيئي
سڄڻ سيوئي ڍڪيون ڍول ڍلائيون

(شاھ لطيف رحمة الله عليه)

اى كار سازِ عالم كار ما بساز
چنان بساز كه گويند كار ساز

اى پرده پوشِ عالم پردهِ ما بپوش
چنان بپوش كه گويند پرده پوش

اهو گرفت جو اهڙو ته سخت ڏينهن هوندو، جنهن جي پڪڙ کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ مال متاع يا ڌن دولت ڪم نه ايندا، جهڙي طرح دنيا ۾ ماڻهو مال دولت جي زور

تي پاڻ کي سزا کان بچائڻ جا حيلا هلائيندو آهي ۽ نہ وري اولاد مدد لاءِ اچي عذاب جي تنگ ڪوٺڙيءَ مان ڪڍي ويندو. هت انسان پنهنجي مال ۽ اولاد تي تہ فخر ڪري ٿو ۽ ضرورت وقت اولاد يا مال جي مدد سان پاڻ بچائي وڃي ٿو، مگر اتي ان ڏينهن ماڻهو انهن وسيلن کي ياد ڪري افسوس ۽ ناڪاميءَ جا هٿ مليندو رهندو. (مريم: 47/19) حضرت ابراهيم عليه السلام جڏهن پنهنجي والد (چاچي آزر) جي ظلم کان تنگ  تي هجرت جو خيال ڪيو تہ هن چيو هيو تہ مان تنهنجي لاءِ بخشش جي دعا گهرندس، پر سوره توبه: 114/9 ۾ آهي تہ جڏهن ابراهيم عليه السلام کي يقين تي ويو تہ هن جو پيءُ الله جو دشمن آهي، تہ هو اُن لاءِ استغفار کان بيزار ٿي ويو. ها اتي رڳو اهي نيڪ اعمال ڪم ايندا، جو ڪوئي شخص قلبِ سليم سان ڪفر و شرڪ کان پاڪ دل سان خدا جي حضور حاضر ٿيندو. (الصَّافَّات: 85-84/37) پوءِ جيڪي خدا جا نيڪوڪار ٻانها هوندا، جن پاڻ کي ڪفر و شرڪ ۽ ڪبيره گناهن کان پاڻ بچايو هوندو، ڪنهن بہ ڏبي داغ کان سندس دامن پاڪ صاف هوندو، ساري زندگي محتاط طريقي سان قدم ڦوڪي ڦوڪي کنيا هوندا، حق ۽ سچائيءَ جا نمايان ڪردار هوندا، يعني متقي ماڻهو، تہ اهڙن ماڻهن لاءِ جنت هنن جي قريب آندي ويندي، جنهن کي ڏسي هو خوش ٿيندا. ڪين بشارتون ڏنيون ويندئيون تہ هي اوهان جي شڪرگزار، فرمانبرداري، اطاعت ۽ تابعداريءَ جو الله طرفان انعام آهي. (الصَّافَّات: 85/37) پر گناهگار ٽولو، جنهن خدائي حدن جو احترام نہ ڪيو هوندو، ڪفر شرڪ ۽ ڪبيره گناهن جا مرتڪب هوندا، نبين، رسولن جي دعوت تي ڌيان نہ ڏنو ۽ ساري عمر گناهن ۽ ضلالت، فسق وفساد، سرڪشي، ظلم، زور زيادتي ۾ گذاري هوندي تہ اهڙي گمراھ باغين لاءِ دوزخ کي ظاهر ڪيو ويندو، جنهن ۾ باھ جا شعلا ڀڙڪي رهيا هوندا. (العنڪبوت: 54/29، النازعات: 36/79، المطففين: 16/83، الانفطار: 82، 16) ان وقت انهن کان دريافت ڪيو ويندو، جيڪي بتن، ديوين، ديوتائن، فرشتن ۽ پوتارن کي پوڄيندا هئا ۽ جن ۾ اميد رکندا هئا تہ تڪليف وقت هي اوهان جي مدد ڪندا، اهي بي حس بوتا ڪٿي آهن، جن کي سڏي اوهان مدد طلب ڪريو. ۽ جنهن الله ذوالجلال کي وساري وينا هئا، ان جي عذاب کان پاڻ بچائي سگهو، ڇا هو اوهان جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهن، جو اچي اوهان جي جان بچائين يا اوهان جو ڪنهن کان بدلو وٺي سگهن. اهي جعلي معبود ان ڏينهن پاڻ

تتر بتر هوندا ۽ بي بس ٿي باھ جو ڪاراڻ بڻبا، پوءِ ان ڏينھن انھن گمراھ ماڻھن ڪي اونڌو دوخ ۾ اڇلايو ويندو، جتي ھو چچلائيندا ۽ رڙيون ڪندا رھندا.

وَ جُنُوْدُ اِبْلِيْسَ اَجْمَعُوْنَ ﴿٩٥﴾ قَالُوْا وَ هُمْ فِيْهَا يَخْتَصِمُوْنَ ﴿٩٦﴾ تَاللّٰهِ اِنْ
كُنَّا لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٩٧﴾ اِذْ نُسَوِّيْكُمْ بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٩٨﴾ وَ مَآ اَضَلَّنَآ اِلَّا
الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٩٩﴾ فَمَا لَنَا مِنْ شَافِعِيْنَ ﴿١٠٠﴾ وَ لَا صَدِيْقٍ حَمِيْمٍ ﴿١٠١﴾ فَلَوْ اَنَّ لَنَا
كَرَّةً فَنَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٢﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَ مَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ
مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٣﴾ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٠٤﴾ ع ٥ ٣٦ ٩

۽ ابليس جا سمورا لشڪر (جھنم رسيد ٿيندا). (95) ھو جڏھن پاڻ ۾ وڙھي رھيا ھوندا تہ ان وقت چوندا. (96) الله جو قسم ! واقعي اسان وڏي گمراھي ۾ ھئاسون.(97) جڏھن اسان رب العالمين سان ٻين ڪي برابر بڻائيندا ھئاسون. (98) پوءِ اسان کي ھنن مجرمن ئي گمراھ ڪيو آھي. (99) ھاڻي ھت ڪير بہ اسان جي سفارش ڪرڻ وارو ناھي. (100) ۽ نہ ڪوئي مخلص دوست آھي. (101) جيڪڏھن ھڪ دفعو واپس ڪيو وڃي تہ اسان ايمان آڻيندا سون. (102) يقينًا انھيءَ ۾ ھڪ وڏي نشاني آھي، پر ھنن جي اڪثريت ايمان قبول ڪرڻ واري نہ آھي.(103) يقينًا اوھان جو رب نھايت زبردست ۽ ھميشہ رحم ڪرڻ وارو آھي. (104)

ھنن گنھگار بندن سان گڏ سموري شيطاني قوتن ۽ ٽولي کي بہ جھنم ۾ اونڌي منھن اڇلايو ويندو، جتي ھو عذاب جي زندگي ۾ ھميشہ ھميشہ لاءِ ھوندا. ڪين سندن

بداعماليءَ جو پورو پورو بدلو ڏنو ويندو. جڏهن جهنمي ٽولن جا سمورا افراد دوزخ ۾ سڙي ٽچڪي رهيا هوندا تہ اتي بہ الله تعالىٰ طرفان کين هڪ ٻئي سان مخاطب ٿيڻ جي اجازت هوندي. هو اتي هڪ ٻئي سان وڙهي رهيا هوندا ۽ هڪ ٻئي تي گمراهہ ڪرڻ جو الزام لڳائي رهيا هوندا. هڪ ٽولو ٻئي ٽولي کي چوندو تہ توهان اسان کي گمراهہ ڪيو، وري اهو ٽولو جواب ۾ چوندو تہ نہ توهان اسان کي گمراهہ ڪيو هيو. آخرڪار سڀ جا سڀ تسليم ڪندا تہ واقعي اسان سڀ ڏوهاري آهيون. هن وقت هڪ ٻئي کي ملامت ڪرڻ سان ڪو بہ فائدو ناهي.

قصوروار ہیں سب، اعتراف کون کرے
سزا کا فیصلہ اپنے خلاف کون کرے

هي اسان جي نهايت وڏي غلطي هئي، جو اسان بتن ۽ مصنوعي معبودن کي الله تعالىٰ جا اختيار ڏئي، رب العالمين جي برابر درجو ڏنو ۽ ڪيترن کي خدا سمجهي، انهن جي عبادت ڪئي ۽ خدا تعالىٰ جي حڪمن جي صريحًا خلاف ورزي ڪئي، جنهن جا منفي نتيجا نڪرندا. اسان هنن بتن ۽ بوتن کي خداءِ عزو جل جي مد مقابل ڪري پنهنجي تباهيءَ جو سامان ڪيو ۽ اسان باطل معبودن شيطان ۽ جنن کي معبود بڻائي، هنن آڏو پنهنجو سر جهڪايو، ان وقت هي مشرڪ ۽ سندن معبود هڪ ٻئي سان جهڳڙو ڪندا ۽ گمراهہ ماڻهو پنهنجي معبودن آڏو پنهنجي گمراهيءَ جو اعتراف ڪندا تہ هنن گمراهہ بتن اسان کي بہ گمراهہ ڪيو. اسان هنن کي پنهنجو معبود بڻايو هو تہ هو اسان کي سڌي راهہ ڏسيندا، پر هنن اسان کي وڌيڪ گمراهہ ڪيو. (الاعراف: 38/7، حٰمٓ السجده: 41/ 29، الاحزاب: 33/68-67) اسان هنن تي ڀروسو ڪيو هيو تہ اهي معبود اسان جي مشڪل ۾ مشڪل ڪشائي ڪندا ۽ حاجت گهرڻ وقت حاجت روائي ڪندا، پر هينئر اسان جي سفارش ڪرڻ وارو ڪير بہ ناهي، جو اسان جي سفارش ڪري، هن عذاب کان ڇوٽڪارو ڏياري ۽ نہ وري اڄ ڪو اهڙو دوست يا ساٿي سڄڻ بہ ناهي جو اسان جي مدد ڪري. اسان کي تن تنها پنهنجن عملن جو بار کڻڻو آهي ۽ انهن جي نتيجن کي ڀوڳڻو آهي. اسان پنهنجي ڪارڪردگي تي نهايت شرمسار آهيون. ڪو اهڙو سفارشي ملي وڃي، جيڪو

اسان جي دنيا ڏانهن واپسيءَ جو انتظام ڪرائي ته اتي وڃي ايمان آڻينداسون ۽ عمل صالح ڪنداسون. (المؤمنون: 23/100-99، الزمر: 39/58) اسان پنهنجن اکين سان ڏٺو آهي ته دنيا ۾ ڪيل گناهن ۽ گمراهيءَ جو هت ڪيڏو وڏو عذاب آهي.

هنن آيتن ۾ سبق حاصل ڪرڻ وارن لاءِ هدايت ۽ رهبريءَ جو ڪافي گهڻو مواد موجود هيو. پر هنن سرڪشي، هٺ ۽ هوڏ سبب ان جو انڪار ڪيو ۽ هاڻي به جيڪڏهن هنن کي وري دنيا ڏانهن موٽايو ويندو ته اهي سڌرڻ بدران ساڳيا بداعمال اختيار ڪندا. سو هنن جي اها خواهش پوري ٿي نٿي سگهي. هي رڳو هنن جو خام خيال آهي، پر اهي منڪر ماڻهو ايمان آڻڻ وارا نه آهن. "وَلَوْ رُدُّوْا لَعَادُوْا لِمَا نُهُوْا عَنْهُ" (الانعام: 6/28) هي ڪوڙ هڻي رهيا آهن. موٽايا ويندا ته به ساڳيا گمراهيءَ جا ڪم ڪندا. يقينًا اوهان جي رب جي دائمي رحمت جا ته هميشه در کليل آهن، پر هو ان مان فائدو حاصل ڪرڻ، مغفرت ۽ حفاظت طلب ڪرڻ جا خواهشمند نه آهن. بلاشڪ الله تعاليٰ وڏي قوت، عظمت ۽ جلال ۽ ڪبريائي جو مالڪ آهي، اهو نهايت زبردست ۽ هر شيءِ تي غالب آهي.

كَذَّبَتْ قَوْمُ نُوْحِ ﹰالْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٠٥﴾ اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ نُوْحٌ اَلَا
تَتَّقُوْنَ ﴿١٠٦﴾ اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿١٠٧﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِ ﴿١٠٨﴾ وَ مَآ
اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٩﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ
اَطِيْعُوْنِ ﴿١١٠﴾ قَالُوْٓا اَنُؤْمِنُ لَكَ وَ اتَّبَعَكَ الْاَرْذَلُوْنَ ﴿١١١﴾ قَالَ وَ مَا عِلْمِيْ بِمَا
كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١١٢﴾ اِنْ حِسَابُهُمْ اِلَّا عَلٰى رَبِّيْ لَوْ تَشْعُرُوْنَ ﴿١١٣﴾ وَ مَآ اَنَا
بِطَارِدِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٤﴾ اِنْ اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿١١٥﴾

نوح جي قوم به پيغمبرن کي ڪوڙو قرار ڏنو. (105) جڏهن هنن کي سندن برادريءَ واري (نوح نبي عليه السلام) چيو ته اوهان شامتِ اعمال جي گرفت کان بچڻ

لاءِ ڇو نٿا ڊڄو. (106) يقيناً مان توهان لاءِ امانت دار رسول آهيان. (107) اوهان
الله جي حڪمن جي انحرافي ڪرڻ کان پاڻ بچايو ان لاءِ منهنجي اطاعت
ڪريو.(108) مان اوهان کان هن ڪارِ خير جو معاوضو ڪونه ٿو گهران.
منهنجي اجرت الله رب العالمين وٽ آهي. (109) ان ڪري مان بار بار اوهان
کي چوان ٿو تہ پاڻ کي خدا جي گرفت کان بچائي رکو ۽ منهنجي اطاعت
ڪريو. (110) چيائون تہ ڇا اسان توکي قبول ڪيون ۽ تنهنجي ذليل پيروڪارن
سان گڏ ويهون. (111) نوح ﷺ چيو تہ مان انهن جي اعمال کان واقف نہ آهيان
تہ هو ڇا ٿا ڪن. (112) هنن جو حساب ڪتاب الله جاڻي ٿو، ڪاش اوهان هي
حقيقت سمجهي سگهو. (113) مان مؤمنن کي تڙي ڪڍڻ وارو نہ آهيان. (114)
مان تہ رڳو کولي بيان ڪرڻ ۽ آگاهہ ڪرڻ وارو آهيان. (115)

الله عزو جل طرفان وحي الاهي مختلف انبياء ۽ رسولن جي معرفت انسانن جي هدايت لاءِ لڳاتار جاري رهي آهي. هن کان اڳ حضرت موسیٰ ﷺ ۽ حضرت ابراهيم ﷺ جو احوال بيان ٿي چڪو آهي، هاڻي نوح ﷺ ۽ ان جي قوم جو احوال اختصار سان بيان ڪيو ٿو وڃي. حضرت نوح ﷺ جو قرآن جي 28 سورتن ۾ مختصر يا مُفصّل، موقعي ۽ مناسبت سان ذڪر آيو آهي. هت هڪ طرف نبي اڪرم خاتم النبيين ﷺ ۽ مؤمنن جي جماعت کي تسلي ڏني ٿي وڃي تہ انبياء ڪرام کي ڪوڙو ڪوٺڻ ۽ ان جي تعليم جي تڪذيب ڪرڻ، انهن کي طرح طرح جا عذاب ۽ ايذاءَ پهچائڻ، انهن جي زور شور ۽ پوري طاقت سان مخالفت ڪرڻ ڪا نئين ڳالهہ ناهي. نوح ﷺ جي قوم بہ 950 سالن واري حضرت نوح ﷺ جي دعوت حق کي نڪرائي ڇڏيو ۽ عذاب الاهي جا مستحق ٿي ويا. مگر نوح ﷺ ۽ ان جي تابعداري ڪندڙن کي هڪ وڏي طوفان جي آفت کان بچائي ورتو. ٻئي طرف مؤمنن کي ڪافرن جي تباهي ۽ بربادي جو وعيد ٻڌايو ٿو وڃي. حضرت آدم ﷺ کان حضرت نوح ﷺ تائين واري درمياني عرصي دوران غير الله جي پرستش ۽ بت پرستي عام هئي. نوح ﷺ کي انهن جي برادريءَ مان رسول ڪري موڪليو ويو. هن

پنهنجي قوم کي حق جي راهه لاءِ سڏيو، پر پوري قوم نفرت ۽ حقارت سان ان جو انڪار ڪيو ۽ نوح ﷺ جي ان تنبيه طرف ڪو ڌيان نہ ڏنو، جنهن ۾ هو برن نتيجن جي انجامڪار کان پاڻ کي بچائي محفوظ ڪري سگهن. ڪافرن کي بار بار دليلن ۽ ثبوت سان ٻڌايو تہ مان الله طرفان موڪليل هن جو رسول آهيان. منهنجو فرض منصبي آهي تہ مان اوهان کي آيات الاهي جي روشني ۾ گمراهيءَ کان ڪڍي روشنيءَ ڏانهن وٺي اچان. مان الله جي هن انسان اصلاحي پروگرام کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ان جي ادائگيءَ جو امين آهيان. ان ڪري اوهان ضد ۽ هٺ ڇڏي، عقل و شعور کان ڪم وٺي، منهنجي تعبيداري اختيار ڪريو ۽ پاڻ کي هڪ وڏي هولناڪ عذاب کان بچائي رکو. پر هنن حضرت نوح ﷺ جي ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي ۽ غير الله جي پرستش جاري رکي ۽ ان نبيءَ جي تڪذيب ڪئي. هڪ نبيءَ جي تڪذيب ساري سلسلہ نبوت جي تڪذيب آهي. ان ڪري هت "مُرسَلِيْنَ" جمع جو صيغو استعمال ٿيو آهي. هن پنهنجي قوم کي توحيد جي تبليغ بعد پنهنجي نبوت بابت ٻڌايو تہ مان خدا جو رسول آهيان ۽ اوهان لاءِ هدايت کي امانت طور ادا ڪري رهيو آهيان. اوهان کي پنهنجي عاقبت جو خوف رکي منهنجي همدردانہ ڪوشش جو مثبت جواب ڏيڻ گهرجي. مان اوهان کي نصيحت نهايت خلوص ۽ خيرخواهيءَ جي جذبي سان ڪري رهيو آهيان. مان هن پر خلوص دعوت جو اوهان کان ڪنهن معاوضي يا اجرت جو طلبگار نہ آهيان. مال و زر حڪومت وسطوت جو خواهشمند ناهيان. منهنجي هي نصيحت هر غرض و غايت کان پاڪ صاف آهي. مون کي منهنجي پروردگار طرفان اها ذميداري سونپي وئي آهي، جيڪا مان ادا ڪري رهيو آهيان ۽ ان جي اجرت ۽ معاوضي جو الله کان خواهان آهيان. ان ڪري اوهان کي وري وري آگاهہ ڪري رهيو آهيان. الله جي نافرمانيءَ واري هولناڪ عذاب کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ منهنجي اطاعت ڪريو، منهنجي نصيحت قبول ڪريو، جيڪا اوهان جي فائدي لاءِ ئي آهي، جنهن ۾ منهنجو ذاتي فائدو ناهي ۽ نہ وري الله جي حڪمراني ۽ اقتدار ۾ اوهان جي نافرماني سان ڪو فرق پوي ٿو. پروردگار جي اطاعت ڪندا تہ ڪامياب رهندا، نہ تہ دنيا ۽ آخرت جا عذاب تہ ايندا رهندا. هت "فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِ" ٻيو ڀيرو آيو آهي، جنهن تڪرار سان الله جي تقوىٰ ۽ رسول جي اطاعت جو تاڪيد ڪيو ويو آهي، جيڪو اصل موضوع بحث

آهي. ان لاءِ هڪ مخلص همدرد ۽ امانت دار رسول اوهان ڏانهن موڪليو ويو آهي.

نوح ﷺ جي هن دعوت جي جواب ۾ ڪافر ماڻهو چوڻ لڳا ته اسان تنهنجي تابعداري ڪري تنهنجي جماعت ۾ شامل ٿي نٿا سگهون، ڇو ته چند رذيل ماڻهو آهن جيڪي تو سان گڏ آهن. هنن سان ساڳي صف ۾ ويهي هنن جي برابري ڪرڻ اسان جي شان جي خلاف آهي، جيڪڏهن تنهنجي هي ڳالهه حقيقت ۽ سچائيءَ تي مبني هجي ها ته پوءِ اسان جي قوم جا سردار، شرفاء ۽ داناءَ ماڻهو سڀ کان اڳ اهي قبول ڪن ها. اهي معتبر ماڻهو توکي خوش آمديد چون ها، تنهنجي ڳالهه ٻڌن ۽ قبول ڪن ها ته پوءِ اسان لاءِ به دليل ۽ حجت هجن ها. باقي هنن چند خسيس ماڻهن جي توکي قبول ڪرڻ سان اسان لاءِ سَنَدَ نه آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسان جا سردار وڏيرا هنن نيچ طبقي وارن ماڻهن سان گڏ ويهڻ لاءِ تيار نه آهن. جيستائين تون هنن کي پاڻ کان پري نٿو ڪرين، تيستائين اسان جو تو ڏانهن اچڻ ممڪن ناهي. اسان کي هنن ماڻهن سان گڏ ويهڻ ۾ نفرت آهي، ان ڪري پهريان هنن رذيل ماڻهن کي تڙي ٻاهر ڪڍ ته پوءِ اسان غور ڪري سگهون ٿا. بلڪل اهو ساڳيو منظر مڪي جي ڪافرن رئيس ۽ زعماء طبقي رسول الله ﷺ سان به ڪيو هيو ته اسان سردار رئيس ۽ معتبر ماڻهو بلال ۽ عمار صهيب رضي الله عنهم جهڙن بيحال فقير ماڻهن سان گڏ اسان توسان مجلس ڪري نٿا سگهون. نوح ﷺ جو به اهو ساڳيو جواب هيو، جيڪو حضرت ﷺ طرفان ڪفار مڪه کي ڏنو ويو هيو ته حق کان منهن موڙيندڙ، متڪبر ۽ سرڪش ماڻهن جي خواهش تي ايمان قبول ڪندڙ غريبن ۽ مسڪينن کي هٽائي نٿو سگهجي. هنن درويشن جي حال کان سندن پروردگار پوري طرح آگاهه آهي. هو منهنجا سچا پيروڪار آهن يا نه، اهو خدا کي معلوم آهي، پر مان هنن مؤمنن کي پاڻ کان الڳ ڪري نٿو سگهان. هي ايمان جي نور سان منور ٿي چڪا آهن. هنن تي ڪافرن ۽ مشرڪن کي ترجيح ڏئي نٿو سگهان. ايمان آڻڻ بعد ڪو نيچ يا بلند ناهي رهندو. سڀ برابر آهن. هن جي ماضي کان مان آگاهه نه آهيان، پر ايترو معلوم آهي ته ايمان آڻڻ سان هنن جا ڪفر ۾ ڪيل ڏوهه سڀ ختم ٿي ويا آهن. ذلت ۽ عزت جو معيار صرف ايمان سان آهي، حسبي، نسبي، نسلي يا مال متاع جي فراواني، برتري ۽ فضيلت جو معيار نه آهي. ” اِنَّ اَكۡرَمَكُمۡ عِنۡدَ اللّٰهِ اَتۡقٰكُمۡ “ (الحجرات: 13/49) هنن جو حساب ڪتاب

الله کي ئي معلوم آهي. اهو ئي هنن جو صحيح فيصلو ڪندو. (هود: 27/11، الزخرف: 3/43) توهان کي هن ڳالهہ جو ڪو شعور بہ نہ آهي تہ هنن جا الله وٽ ڪهڙا درجا آهن. اوهان جي نظر ۾ هنن جي غربت ۽ مسڪيني طرف آهي، پر ايمان جي دولت سان جهڙي طرح هو لبريز ٿي چڪا آهن، ان جو اوهان کي ڪو شعور بہ ناهي. اوهان جي غلط خواهشن تي مان خدا جي هنن نيڪ ٻانهن کي پاڻ کان تڙي نٿو سگهان. هي دين متين جا مضبوط پيروڪار ۽ جان نثار سپاهي آهن. منهنجو ڪم ڪنهن کي تڙڻ ناهي، پر گمراهيءَ کان بچائي سڌي راهہ تي آڻڻ آهي (عبس: 5/80 کان 13، الانعام: 52/6) ۽ جيڪو ان راهہ تي نٿو اچي، ان کي نهايت هولناڪ نتيجن کان آگاهہ ڪرڻ آهي. توهان جا حواس ادراڪِ حق کان معطل ٿي چڪا آهن. توهان جي بصارت مان نور بصيرت نڪري چڪو آهي، جيڪڏهن اوهان ۾ انسانيت پرکڻ جو شعور هجي ها تہ پوءِ مال دولت يا ڏنڌي ۽ ڪاڌي پيتي کي ان جو معيار نہ بنايو ها، پر اخلاق، ڪردار ۽ حسن سلوڪ کي ترجيح ڏيو ها. هنن ڪافرن چيو تہ جيڪڏهن الله تعالىٰ کي قرآن نازل ڪرڻو ئي هيو تہ هو اسان جي ٻن وڏن شهرن مڪه ۽ طائف مان ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جو انتخاب ڪري ها ۽ هن يتيم ۽ مسڪين کي اهڙي وڏي ذميداري نہ ڏئي ها. پري کان ننڍا ماڻهو ڏسجن ٿا، ليڪن جي ويجهو اچن ٿا تہ وڏڙا لڳن ٿا.

پري کان ٿا ڏسجن وڏا ماڻهو ليڪن
جي ويجهو اچن ٿا تہ ننڍڙا لڳن ٿا

(مشتاق سچاروي)

قَالُوْا لَىِٕنْ لَّمْ تَنْتَهِ يٰنُوْحُ لَتَكُوْنَنَّ مِنَ الْمَرْجُوْمِيْنَ ﴿١١٦﴾ قَالَ رَبِّ اِنَّ
قَوْمِيْ كَذَّبُوْنِ ﴿١١٧﴾ فَافْتَحْ بَيْنِيْ وَ بَيْنَهُمْ فَتْحًا وَّ نَجِّنِيْ وَ مَنْ مَّعِيَ مِنَ
الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٨﴾ فَاَنْجَيْنٰهُ وَ مَنْ مَّعَهٗ فِي الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ﴿١١٩﴾ ثُمَّ اَغْرَقْنَا

النصف

بَعۡدُ الۡبٰقِيۡنَ ﴿١٢٠﴾ اِنَّ فِيۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَ مَا كَانَ اَكۡثَرُهُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ ﴿١٢١﴾ وَ
اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الۡعَزِيۡزُ الرَّحِيۡمُ ﴿١٢٢﴾ ع

ع ٦/١٨/١٠

هنن چيو تہ نوح (عليه السلام) جيڪڏهن تون باز نہ آئين تہ اسان توکي سنگسار ڪنداسون.(116) نوح عليه السلام چيو تہ اي منهنجا پروردگار! منهنجي قوم مون کي ڪوڙو قرار ڏنو آهي. (117) سو تون منهنجي ۽ هن جي درميان صاف صاف فيصلو صادر ڪرڻ فرماءِ، مون کي ۽ منهنجي ساٿين کي بچائي رک. (118) سو اسان هنن کي ۽ هن جي ساٿين کي بچايوسون، جو هن سان گڏ ڀريل ڪشتي ۾ موجود هئا.(119) پوءِ ان کانسواءِ ٻين سمورن کي غرق آب ڪري ڇڏيو. (120) يقينًا هن ۾ وڏي نشاني موجود هئي، پر هنن مان اڪثر ماڻهو ايمان قبول ڪرڻ وارا نہ آهن. (121) يقينًا توهان جو پروردگار گهڻو زبردست زور آور ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي. (122)

اي نوح عليه السلام! اسان جي نشاندهي باوجود تون هن هيٺئين طبقي جي ماڻهن کي هٽي ڏئي اسان جي مقابلي ۾ آڻ تو گهرين تہ اهو اسان جي شان ۽ مرتبي سان مذاق هوندو. جيڪڏهن تون هن روش کان باز نتو اچين تہ پوءِ اسان تو کي سنگسار ڪنداسون. اهڙيون ڌمڪيون هنن کان اڳ بہ ڏيندا رهيا هئا، پر هاڻي هنن زور ڏئي چيو تہ تون هن ڌمڪي کي رڳو زباني ڌمڪي نہ سمجهہ، پر هاڻي معاملو اسان جي برداشت کان نڪري چڪو آهي. هاڻي توکي سنگسار ڪرڻ کان ڪير بہ بچائي نتو سگهي. حضرت نوح عليه السلام چيو تہ آئون اوهان تائين پيغامِ حق پوري طرح پهچائي چڪو آهيان. اوهان کي برن ڪمن جي خطرناڪ ۽ هولناڪ نتيجن کان بہ آگاهہ ڪري چڪو آهيان. مان پنهنجي هن توحيدِ حق جي انجام دهي کان هٽي نتو سگهان. جيڪڏهن توهان پنهنجي ضد، بغض ۽ عناد ۾ اڳي کان وڌيڪ اگرا ٿيندا ٿا وڃو ۽ مون کي پنهنجي راهہ تان هٽائڻ ٿا گهرو تہ اهو ممڪن

ناهي. باقي اوهان کي جنهن عذاب کان ڊيڄاريو ٿو وڃي، اهو اوهان جي خواهش تي اچڻ وارو ناهي. جڏهن مشيت ايزدي مناسب سمجهندي ته اهو به ضرور ايندو. جڏهن نوح ﷺ پنهنجي قوم کان بلڪل نااميد ٿيو ته هن پنهنجي پروردگار کان دعا گهري ته اي منهنجا پروردگار! منهنجي پيغام کي سچو نٿا سمجهن، هاڻي اسان جي درميان عملي فيصلو صادر ڪرڻ فرمايو. (العنڪبوت: 29/ 14، نوح: 71/ 27، هود: 11/ 36) مون کي ۽ ان مؤمنن کي جن مون تي ايمان آندو آهي، هن ظالم قوم کان نجات عطا ڪرڻ فرمايو. الله تبارڪ و تعالىٰ حضرت نوح ﷺ جي دعا قبول ڪرڻ فرمائي ۽ حضرت نوح ﷺ کي اطمينان، تسلي ۽ سڪون عطا ڪرڻ فرمايو ته تون نافرمان انسانن جي نازيبا ۽ غلط حرڪتن جو ڪو به غم ۽ فڪر نه ڪر. هنن سرڪش ماڻهن تي اتمام حجت ٿي چڪو آهي. تو هنن تائين پيغام خداوندي بار بار کولي کولي بيان ڪيو آهي. هنن کي سڌرڻ جو موقعو ڏنو ويو هيو. ان مهلت جي وقت مان به هنن ڪو فائدو نه ورتو. جيڪي تو تي ايمان آڻي چڪا آهن، ان کان وڌيڪ ڪنهن جي به ايمان آڻڻ جي اميد باقي نه رهي آهي. هاڻي هنن جي تباهيءَ جو وقت اچي ويو آهي. پوءِ الله تبارڪ و تعالىٰ حضرت نوح ﷺ ۽ ان سان گڏ جيڪي سندس ٻيڙي ۾ سوار هيا، اسان هنن سمورن کي صحيح سلامت بچائي ورتو ۽ باقي سندس ٻيڙي کان ٻاهر رهجي ويل سمورن کي سيلاب ۾ غرق ڪري ڇڏيو. هي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ڪشتيءَ جي ٺهڻ وقت حضرت نوح ﷺ جو مذاق ڪندا هئا. تمسخر ۽ ٺٺوليون ڪندا هئا. هي واقعي انهن ۽ پوين لاءِ هڪ عبرت جو نشان آهي، جنهن تي غور و فڪر ڪري ماڻهن گمراهي کان بچي سگهي ٿو، پر اڪثر انسان اهڙن عبرت نما معجزن ۽ نشانين کي به مڃڻ لاءِ تيار نه آهن، جنهن جو مشاهدو هو هر روز ڪري رهيا آهن، پر هنن جون زنگ آلوده ڪاريون دليون نور جي روشنيءَ سان منور ٿيڻ واريون نه آهن، ان ڪري هو ايمان جي دولت کان محروم ۽ ڪفر جي گمراهيءَ ۾ غرق آهن. هي پاڻ کي ڪيترو به طاقتور، سرڪش ۽ زورآور سمجهن، پر الله جي طاقت ۽ قدرت اڳيان هڪ تنڪي برابر به نه آهن. الله زبردست طاقت وارو آهي ۽ هن جي رحمت هميشه بالا رهي آهي.

كَذَّبَتْ عَادُ ۨ الْمُرْسَلِيْنَ ۚۖ ﴿١٢٣﴾ اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ هُوْدٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ۚ ﴿١٢٤﴾
اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ۙ ﴿١٢٥﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِ ۚ ﴿١٢٦﴾ وَ مَاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ
مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۭ ﴿١٢٧﴾ اَتَبْنُوْنَ بِكُلِّ رِيْعٍ اٰيَةً
تَعْبَثُوْنَ ﴿١٢٨﴾ وَ تَتَّخِذُوْنَ مَصَانِعَ لَعَلَّكُمْ تَخْلُدُوْنَ ۚ ﴿١٢٩﴾ وَ اِذَا بَطَشْتُمْ
بَطَشْتُمْ جَبَّارِيْنَ ۚ ﴿١٣٠﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِ ۚ ﴿١٣١﴾ وَ اتَّقُوا الَّذِيْۤ اَمَدَّكُمْ بِمَا
تَعْلَمُوْنَ ۚ ﴿١٣٢﴾ اَمَدَّكُمْ بِاَنْعَامٍ وَّ بَنِيْنَ ۚۙ ﴿١٣٣﴾ وَ جَنّٰتٍ وَّ عُيُوْنٍ ۚ ﴿١٣٤﴾ اِنِّيْۤ اَخَافُ
عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ۭ ﴿١٣٥﴾ قَالُوْا سَوَآءٌ عَلَيْنَاۤ اَوَعَظْتَ اَمْ لَمْ
تَكُنْ مِّنَ الْوٰعِظِيْنَ ۙ ﴿١٣٦﴾ اِنْ هٰذَاۤ اِلَّا خُلُقُ الْاَوَّلِيْنَ ۙ ﴿١٣٧﴾ وَ مَا نَحْنُ
بِمُعَذَّبِيْنَ ۚ ﴿١٣٨﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَاَهْلَكْنٰهُمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَ مَا كَانَ
اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٣٩﴾ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ۠ ﴿١٤٠﴾ ع ١٨/١١

عاد (هود عَلَيْهِ السَّلَامُ جي قوم) بہ پيغمبرن کي ڪوڙو ڪوٺيو. (123) جڏهن هنن جي
برادريءَ واري شخص حضرت هود عَلَيْهِ السَّلَامُ هنن کي چيو تہ توهان ڊڄو ڇو نٿا. (124)
يقينًا مان تہ اوهان جو امانت دار پيغمبر آهيان. (125) سو خدا کان ڊڄو ۽
منهنجي اطاعت ڪريو. (126) ۽ مان اوهان کان ان ڪم جو ڪو بدلو يا عوض
نٿو گهران، منهنجو اجر تہ الله رب العالمين جي ذمي آهي. (127) توهان بلنديءَ
وارين جڳهين تي وڏيون وڏيون عمارتون يادگاريءَ لاءِ تعمير ڪيو ٿا، جيڪي
لاحاصل فعل آهي. (128) توهان اهڙا شاندار محل تعمير ڪيو ٿا، ڄڻ اوهان

ڪي هميشہ رهڻو آهي. (129) ۽ جڏهن توهان ڪنهن جي پڪڙ ڪريو ٿا تہ
ظالمن وانگر پڪڙ ڪيو ٿا. (130) سو توهان الله جل شانه کان ڊڄو ۽ منهنجي
اطاعت ڪريو. (131) ان جو تقويٰ اختيار ڪريو، جنهن توهان جي مدد ڪرڻ
فرمائي آهي ۽ اوهان کي معلوم بہ آهي. (132) اوهان ان کان ڊڄو، جنهن اوهان
جي چوپاين جانورن ۽ اولاد (پٽن) سان اوهان جي مدد ڪرڻ فرمائي آهي. (133)
باغات ۽ چشمن جي ذريعي بہ (134) مان اوهان ڏانهن وڏنڏ هڪ وڏي ڏينهن
جي عذاب کان ڊڄان ٿو. (135) هنن وراڻيو تہ اي هود ﷺ! تون اسان کي
نصيحت ڪرين يا نہ ڪرين برابر آهي.(136) هي تون پوين قومن جون
کهاڻون بڌائي رهيو آهين. (137) اسان تي ڪو عذاب اچڻ وارو نہ آهي. (138)
هنن ان کي ڪوڙو ڪوٺيو تہ اسان هنن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو. يقينًا هن ۾
هڪ وڏي نشاني آهي. پوءِ بہ هو ايمان آڻڻ وارا نہ آهن. (139) اي نبي محترم
خاتم النبيين ﷺ! تنهنجو رب وڏو زوردار زبردست آهي، جنهن جي اڳيان ڪنهن جي
مجال نہ آهي، جو هن جي اجازت کانسواءِ لب کولي ۽ هن جي بي ڪران
رحمت هميشہ جاري رهي ٿي.(140)

---

قرآن حڪيم ۾ انسانن جو عبرت حاصل ڪرڻ ۽ ان مان اصلاحي پهلو اختيار
ڪرڻ لاءِ انبياءِ ڪرام ۽ انهن جي قومن جا قصا جا بجا بيان ڪيا ويا آهن. هن سورت ۾
هن کان اڳ حضرت موسىٰ ﷺ، حضرت ابراهيم ﷺ ۽ حضرت نوح ﷺ ۽ سندس
قومن جو بيان اچي چڪو آهي. هاڻي حضرت هود ﷺ جي قوم عاد جو ذڪر آهي. قرآن
شريف جي 9 سورتن ۾ قومِ عاد جو تذڪرو آهي، جيڪا احقاف جي علائقي ۾ جسماني
طور طاقتور، قدآور، مضبوط، شهه زور قوم هئي تہ مال اولاد جي ڪثرت سبب بہ
خوشحال، آسوده ۽ فارغ البال قوم هئي. عاليشان عمارتن ۾ رهائش پذير دنيا جي
سمورين نعمتن سان مالا مال هئي. هي قوم شرڪ ۽ بت پرستيءَ جي ظلمِ عظيم ۾

شريڪ هئي. الله جل شانه جهڙي مُنعِم ۽ محسن کي وساري، بتن جي پوڄا ۾ محو هئي. نهايت ظالم ۽ ڪٺور قوم هئي، ڪمزور ۽ غريب طبقي کي پنهنجي ظلم، زيادتي ۽ جبر جو نشانو بنائي رکيو هو. الله تعالیٰ سندن برادريءَ مان حضرت هود ﷺ کي پيغمبر بڻائي مبعوث ڪرڻ فرمايو، جنهن پنهنجي قوم کي بت پرستي ڇڏي، خدا جي توحيد ۽ وحدت جو پيغام ڏنو. ظلم زيادتي کان سختيءَ سان منع ڪرڻ فرمايو ۽ لڳاتار شب و روز دين الاهي جي تبليغ ۾ مشغول رهيو ۽ قوم کي عذاب الاهي کان خوف ڏياريو، فرمايائين ته منهنجي نصيحت قبول ڪريو، (الاعراف: 65/7 کان 70، هود: 11/ 50 کان 60، حٰم السجده: 41/ 13 کان 16، الاحقاف: 46/22-21، الذاريات: 51/ 41 کان 45، القمر: 18/54 کان 22، الحاقه: 4/69 کان 8، الفجر: 6/89 کان 8) مان اوهان جو خير خواهه امانت دار رسول آهيان. الله جي عبادت ڪريو ۽ منهنجي اطاعت اختيار ڪيو. منهنجي هي دعوت نهايت مخلصانا، بنا ڪنهن ذاتي غرض يا فائدي جي آهي. مان اوهان کان هن جي بدلي ۾ اجرت يا معاوضو نٿو گهران. مون کي جنهن پروردگار اوهان ڏانهن رسول ڪري موڪليو آهي، منهنجو اجر ان جي ذمي آهي. منهنجي ساري تگ و دو ۽ جدوجهد قوم جي مجموعي سعادت، ڀلائي ۽ دائمي نجات لاءِ آهي. اوهان خدا جو عطا ڪيل مال عوام جي بهبود ۽ فلاح لاءِ استعمال ڪرڻ بدران وڏن وڏن پهاڙن ۾، بلند مقامن تي اونچا اونچا بلند بالا قلعا، محلات، يادگارون، سير گاهون، پنهنجي عيش و عشرت ۽ مال دولت جي ڪثرت طور نمائشي بلڊنگون بنايو ٿا. خدا ۽ آخرت تي ايمان جي تقاضا وساري ڪنهن تمدني، سماجي، معاشي، معاشرتي ۽ عوام جي فلاح ۽ بهبود جي ضروتن کي ڇڏي، اهڙا عياشيءَ جا اڏا ۽ فضول وڏيون وڏيون عمارتون غريبن ۽ مسڪينن جي خوشحالي ۽ فلاح کي قربان ڪري ناهيو ٿا، جنهن ۾ انساني معاشري جو هڪ اهم حصو زندگيءَ جي ذلتن جو شڪار آهي ته ٻيو طبقو عياشيءَ جون محفلون قائم ڪري رهيو آهي.

بابر بعيش کوش کہ عالم دوبارہ نیست

جنهن ۾ غرور تڪبر ڪانسواءِ ڪجهه نظر نٿو اچي. ياد رهي ته ڪنهن صالح معاشري لاءِ انساني ضروريات ۽ حاجات کي عياشي ۽ فحاشيءَ تي ترجيح هوندي آهي.

منهنجا مسلمان ڀائرو! جڏهن مغربي قومون آڪسفورڊ جو بنياد رکي رهيون هيون، يونيورسٽين ۾ تحقيق جا مينار روشن ڪري رهيون هيون ته اسان جا بادشاهه تاج محل ۾ برج خلفيه ۾ قومي خزانو خرچ ڪري رهيا هئا.

وائے ناکامئ متاعِ کارواں جاتا رہا
کارواں کے دل سے احساسِ زیاں جاتا رہا

(اقبال رحمة الله عليه)

ڀلا اسان ۾ اڄ نورمحمد هاءِ اسڪول، سنڌ مدرسة الاسلام، الهڏنو شاهه نوشهروفيروز جي درسگاهه، ٽنڊي باگي جو هاءِ اسڪول، هالا ڪاليج جهڙا ادرا ٺاهڻ وارا سخي مرد هاٽي کهڙي موت مري ويا آهن. اهي ذاتي محلات باقي رهڻ وارا نه آهن. نه ظلم جو راڄ هميشه رهندو. ياد رهي ته ان الله جي گرفت ۾ پڪڙ کان پاڻ بچايو، جيڪا پڪڙ اوهان جي اعمالن جو لازمي نتيجو آهي، ان الله کي ياد ڪريو، جنهن اوهان کي اهو سڀ ڪجهه مال متاع ۾ اولاد ڏنو آهي، جيڪو توهان وٽ توهان جي علم ۾ آهي. توهان کي سرسبز، سدا شاد آباد باغ بستان ڏنا آهن، جنهن اوهان لاءِ منا چشما جاري ڪيا آهن، جنهن جي سدا بهار نعمتن سان مالا مال ٿي رهيا آهيو. انهن نعمتن کي غريب عوام جي ظلم ۾ استبداد لاءِ استعمال نه ڪريو. (الشعراء: 130/26) ان الله جي ناشڪري ڪرڻ کان پاڻ کي بچائي رکو، ناشڪري ۾ نافرماني ۾ ايندڙ دردناڪ عذاب کان اوهان کي بچڻ لاءِ ڊيڄاري رهيو آهيان. اوهان جيڪڏهن ڪا جنگ ڪريو ٿا ته اها فتنو فساد روڪڻ لاءِ ناهي، پر هيٺن ۾ ڪمزورن کي غلام ۾ تابعدار بنائڻ لاءِ آهي، جنهن کي فساد في الارض سڏجي ٿو. (الشعراء: 130/26) نهايت دل سوزي ۾ دردمندي سان هن نصيحت ذريعي خدا جي بي پايان فضل ڪرم عنايت طرف توهان جو توجه ڇڪائي رهيو آهيان ۾ آخرڪار اُن عذاب جي خبر ڏئي رهيو آهيان، جو نهايت دردناڪ ۾ هولناڪ آهي.

عاد جي قوم چيو ته اي هود عليه السلام! تون اسان کي نصيحت ڪرين يا نصيحت نه ڪرين، اسان لاءِ يڪسان آهي، تنهنجي هنن ڳالهين جو اسان تي ڪو اثر ٿيڻ وارو نه آهي. اسان تنهنجي هن پوري روئداد کي پوين قومن واري ناڪام ڪوشش سمجهون ٿا ۾ هي

جيڪي تون خوف خطرا ۽ عذاب جا ڊپ ڊاءَ ڏياري اسان کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو آهين، ان مان تو کي ذرو به هڙ حاصل ٿيڻو ناهي. هي پراڻي زماني جي ماڻهن جا گهڙيل افسانا آهن. (ص: 38/7-6) هود عليه السلام کين چيو ته جنهن الله جل شانه اوهان کي ايترو نوازيو آهي، ان جا شڪرگذار ٻانها ٿيو، پر جيڪا قوم آسوده حال، مال و دولت جي فراواني، سرسبز شاداب باغن جي مالڪ عاليشان عمارتن جي رهائشي زندگي جي پرتڪلف ۽ شاندار ماحول جون موجون ماڻي رهي هئي ۽ پنهنجي طاقت ۽ گهمنڊ غريب مسڪين ماڻهن تي ظاهر ڪري رهي هئي، اها خدا جو خوف ڏيارڻ باوجود خدا جي خوف کان عاري رهي ۽ هنن مان اڪثر ماڻهو ڪفر ۽ شرڪ جي گمراهيءَ ۾ غرق رهيا. ايمان جي نعمتن کان محروم رهيا. انهن مان چڱائيءَ جي اميد رکڻ ممڪن ناهي. پر کين چڱي طرح معلوم هئڻ گهرجي ته الله جل شانه نهايت زبردست زور ۽ قوت جو مالڪ آهي، جنهن جي آڏو هر شيءِ جهڪيل ۽ سربسجود آهي، جنهن جي رحمت ڪائنات جي گوشي گوشي ۾ هميشه بي ڪران موجود آهي. حديث شريف ۾ حضرت ابن عمر رضي الله تعالىٰ عنهما کان روايت آهي: "اَخَذَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ بِبَعْضِ جَسَدِيْ فَقَالَ: يَا عَبْدَاللهِ كُنْ فِي الدُّنْيَا كَاَنَّكَ غَرِيْبٌ اَوْ عَابِرِيْ سَبِيْلٍ وَ عُدَّ نَفْسَكَ مِنْ اَصْحٰبِ الْقُبُوْرِ" (صحيح بخاري) حضور خاتم النبيين ﷺ منهنجي جسم کي جنجهوڙيندي ارشاد فرما ٿيا ته دنيا ۾ تون اهڙي طرح زندگي بسر ڪر، گويا تون غريب الوطن (مسافر) آهين يا واٽ ويندڙ واٽهڙو آهين ۽ پاڻ کي اصحاب قبور ۾ شامل رک.

آخرڪار هنن جي تباهيءَ جو وقت اچي ويو. اتمامِ حجت به ٿي ويو ۽ مهلت جو وقت به گذري ويو. هنن پري ڪالي گهٽا وارا بادل ايندي ڏٺا، خوشي مان باغ باغ ٿي ويا ته زوردار مينهن وسندو، ديرا آباد ٿيندا، خوشحالي ايندي، پر اهي رحمت جا بادل ڪونه هئا پر عذاب الاهي جا بادل هئا. اٺ ڏينهن ست راتيون لڳاتار ٻاهه وانگر ساڙيندڙ گرم هوائون اهڙيون ته هليون جو سڀ ڪجهه تهس نهس ٿي ويو. (الحاقه: 69/ 6کان 8) عاد جي قوم دنيا جي مضبوط ترين ۽ وڏي قوت واري قوم هئي. (الفجر: 8/89) جنهن جو مقابلو ڪرڻ مشڪل هو. هو چوندا هئا ته ڪير به اسان جي قوت کان وڌيڪ قوت نٿو ڪري سگهي. (حٰم السجده: 15/41)

كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ الْمُرْسَلِيْنَ ۚۖ ﴿١٤١﴾ اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ صٰلِحٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ۚ ﴿١٤٢﴾
اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ۙ ﴿١٤٣﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِ ۚ ﴿١٤٤﴾ وَ مَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ
مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ ﴿١٤٥﴾ اَتُتْرَكُوْنَ فِيْ مَا هٰهُنَآ
اٰمِنِيْنَ ۙ ﴿١٤٦﴾ فِيْ جَنّٰتٍ وَّ عُيُوْنٍ ۙ ﴿١٤٧﴾ وَّ زُرُوْعٍ وَّ نَخْلٍ طَلْعُهَا هَضِيْمٌ ۚ ﴿١٤٨﴾
وَ تَنْحِتُوْنَ مِنَ الْجِبَالِ بُيُوْتًا فٰرِهِيْنَ ۚ ﴿١٤٩﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِ ۚ ﴿١٥٠﴾
وَ لَا تُطِيْعُوْٓا اَمْرَ الْمُسْرِفِيْنَ ۙ ﴿١٥١﴾ الَّذِيْنَ يُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ وَ لَا يُصْلِحُوْنَ
﴿١٥٢﴾ قَالُوْٓا اِنَّمَآ اَنْتَ مِنَ الْمُسَحَّرِيْنَ ۚ ﴿١٥٣﴾ مَآ اَنْتَ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا ۚۖ فَاْتِ بِاٰيَةٍ
اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿١٥٤﴾ قَالَ هٰذِهٖ نَاقَةٌ لَّهَا شِرْبٌ وَّ لَكُمْ شِرْبُ يَوْمٍ
مَّعْلُوْمٍ ۚ ﴿١٥٥﴾ وَ لَا تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابُ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿١٥٦﴾
فَعَقَرُوْهَا فَاَصْبَحُوْا نٰدِمِيْنَ ۙ ﴿١٥٧﴾ فَاَخَذَهُمُ الْعَذَابُ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ
وَ مَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٥٨﴾ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ۧ ﴿١٥٩﴾ ع ٨ ١٩ ١٢

(اهڙي طرح) ثمود جي قوم بہ رسولن کي ڪوڙو سڏيو.(141) جڏهن سندن ڀاءُ
صالح عليه السلام کين چيو تہ اوهان ڊڄو ڇو نٿا (142) يقينًا مان توهان لاءِ هڪ امين
رسول آهيان. (143) خدا کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃو (اطاعت ڪريو) (144)
مان اوهان کان هن ڪم جو ڪو معاوضو طلب نٿو ڪريان. منهنجي اجرت تہ
رب العالمين جي ذمي آهي.(145) ڇا جيڪي نعمتون اوهان کي هت ميسر
آهن، انهن نعمتن ۾ اوهان کي اطمينان سان رهڻ ڏنو ويندو. (146) يعني باغ ۽

چشما (147) کيت، نرم ملائم کجيون، جن جا چڱا ڳتل آهن. (148) پهاڙن کي تراش ڪري پرتڪلف گهر ٺاهيو ٿا. (149) سو الله کان ڊڄو ۽ منهنجي اطاعت ڪريو. (150) ۽ انهن حد کان گذري ويندڙن جي ڳالهه نہ مڃو. (151) جيڪي زمين ۾ فساد برپا ڪن ٿا ۽ اصلاح نٿا ڪن. (152) ۽ چون ٿا تہ تو تي جادوءَ جو اثر آهي. (153) تون تہ اسان جهڙو بشر (انسان) آهين جيڪڏهن سچا (نبي) آهيو تہ پوءِ ڪا آيت (معجزو نشاني) پيش ڪريو.(154) صالح عليه السلام چيو هي ڏاچي (معجزو) آهي، هڪ ڏينهن هن جي پاڻي پيئڻ جو وارو آهي ۽ هڪ ڏينهن اوهان جو وارو مقرر آهي. (155) هن (ڏاچيءَ) کي ڪا تڪليف نہ ڏجو، ٻي صورت ۾ اوهان کي سخت عذاب اچي پڪڙيندو. (156) پوءِ ان (ڏاچيءَ) جون ڄنگهون ڪپي منڊو ڪيائون، ان بعد شرمسار ٿيا. (157) سو انهن کي اچانڪ عذاب گهيري ورتو، بيشڪ هي هڪ وڏو معجزو هيو، پر اڪثر ماڻهو ايمان آڻڻ کان محروم رهيا. (158) توهان جو پروردگار تہ سڀ تي غالب ۽ سڀ لاءِ دائمي رحمت آهي. (159)

هن سورت ۾ هي پنجون نمبر قصو آهي جو قوم ثمود ۽ حضرت صالح عليه السلام جي بيان سان شروع ٿو ٿئي. حضرت هود عليه السلام کان تقريباً هڪ سو سال بعد حضرت صالح عليه السلام ان وقت جي متمدن، خوشحال، قوي جُسه و جسم، طاقتور قوم ثمود ڏانهن نبي ڪري موڪليو ويو. هن 280 سال عمر پاتي. ثمود جي قوم فن تعمير جي ماهر هئي. پهاڙن کي تراشي، خوبصورت، قابل فخر محلات جوڙيندا هئا. نهايت آسوده حال معاشي طور مال و دولت جي فراواني سان عيش و عشرت جي زندگي گذاري رهيا هئا. قوم عاد وانگر قوم ثمود بہ ڪفر، شرڪ ۽ بت پرستيءَ ۾ مبتلا هئي. اڪثر قومون خوشحالي، آسودگي ۽ مال متاع جي فراوانيءَ سبب گمراهہ ٿي وينديون آهن. سو هن جو بہ اهو ئي حال رهيو. هر طرف انگور، انار ۽ کجور جا سرسبز باغ، چشمہ آب سان گڏ ميسر هئا. صالح عليه السلام هنن جو انهن خدائي نعمتن طرف توجه ڇڪايو ۽ چيو تہ هي الله جل شانه جون

نعمتون آهن، ان جا شڪرگذار ٿيو. اهي نعمتون خداءِ ذوالجلال جون عنايتون آهن، اوهان جون ذاتي ملڪيتون نہ آهن، پر خداوند ڪريم جون امانتون آهن، ان ڪري ان جو حق ادا ڪريو، خدا جي وحدت ۽ يڪتائيءَ تي ايمان آڻي ان جي عبادت ۽ منهنجي اطاعت ڪريو. ڪفر، شرڪ ۽ بت پرستيءَ کان پاڻ کي بچائي رکو. مگر هنن جو خيال هيو تہ زندگي هي دنياوي زندگي آهي، جيڪا عيش و عشرت سان گذارجي، باقي آخرت ۾ عاقبت ڪجهہ بہ ناهي. جهڙي طرح سورة المؤمنون: 23/ 35 کان 38 ۾ آيو آهي تہ بس زندگي دنيا واري زندگي آهي، جتي جيئڻو ۽ مرڻو آهي، باقي آخرت وغيره ڪجهہ ناهي. صالح ﷺ کين چيو تہ اوهان ايترا تہ سرڪش ٿي ويا آهيو، جو خدا جو خوف بہ نٿا رکو، مان توهان جو خيرخواهہ امانت دار پيغمبر آهيان. منهنجي نصيحت قبول ڪري پاڻ کي ايندڙ عذاب کان بچايو. مان هن ڪار خير جو اوهان کان معاوضو طلب نٿو ڪريان. هن جو اجورو تہ الله رب العالمين جي ذمي آهي، اهو ئي مون کي عطا ڪندو. اوهان سمجهو ٿا تہ توهان جو هي عيش دائمي ۽ ابدي آهي. هن تي ڪڏهن بہ زوال اچڻ وارو ناهي ۽ توهان کي ائين ڇڏيو ويندو ۽ ڪو حساب ڪتاب ليڪو يا پڇاڻو نہ ٿيندو. پر اصل حقيقت ائين ناهي. "ثُمَّ لَتُسۡـَٔلُنَّ يَوۡمَئِذٍ عَنِ النَّعِيمِ۝" (التڪاثر 8/102) اوهان کان انهن عطا ڪيل نعمتن جو پڇاڻو ٿيندو تہ اوهان هن خدائي امانت ۾ خيانت تہ ناهي ڪئي. هي جو سرسبز باغ ۽ چشما، کيت، انگورن، انار ۽ کجور جا باغ جن کجين جا ڳتيل ڇڳا آهن ۽ پهاڙن ۾ تراشيل خوبصورت قابل فخر محلات آهن. انهن جي شڪرگذاريءَ ۾ اوهان الله جل شانه آڏو جهڪو ان جي عبادت ۽ اطاعت ڪريو ۽ منهنجو چوڻ مڃي پاڻ کي بداعمالي جي برن نتيجن ۽ درد ناڪ عذاب کان بچايو. ياد رکو! جنهن پروردگار پنهنجي باجهہ ۽ ڪرم سان اوهان کي هي بيشمار نعمتون عطا ڪيون آهن، اهو قادر مطلق اوهان کان ان جي حق ادائي جو پڇاڻو بہ ضرور ڪندو ۽ ان مطابق جزا سزا جو فيصلو ڏيندو. ياد رهي تہ مادي ترقي ڪوئي ڏوهہ نہ آهي، بلڪ اهو الله طرفان نشو و نما جو ذريعو آهي. خراب رڳو تڏهن آهي، جڏهن ماڻهو غرور، تڪبر ۽ عياشيءَ جو سامان سمجهي ان جو غلط استعمال ڪري. (التحريم: 6/66، التغابن: 64/ 15-14، لقمان: 31/ 33، الانفطار: 6/82، آل عمران: 24/3)

چیست دنیا از خدا غافل بودن
نی قماش و نقره و فرزند و زن

توهان انهن ماڻهن مان نہ ٿيو، جيڪي خدا جون حدون پار ڪري وڃن ٿا، جيڪي زمين ۾ فتنو فساد برپا ڪن ٿا. ماڻهن جي فلاح ۽ بهبود جي تلقين نٿا ڪن ۽ نہ ٻين جي حق تلفي ۽ انهن تي زيادتيءَ کان ڪنهن کي روڪين ٿا. غريبن، مسڪينن ۽ ڪمزور طبقي جي ماڻهن سان ظلم ۽ زيادتي ڪن ٿا، اهڙن بگڙيل ۽ گمراهہ ٽيل ماڻهن جي رحم و ڪرم تي اوهان ڪي نٿو ڇڏي سگهجي. اهي توهان جو ٻيڙو غرق ڪري ڇڏيندا، ان ڪري خدا جي عذاب کان بچڻ لاءِ هدايت ۽ رستي جي راهہ ختيار ڪريو، جنهن تي هنن ڪافرن چيو تہ تون عجيب انسان آهين. اسان جي هر ڳالهہ مان ڪيڙا ٿو ڪڍين. (الاعراف: 7/ 73 کان 79، هود: 11/ 61 کان 68، الحجر: 15/ 80کان 84، بني اسرائيل: 17/ 59، النمل: 27/ 45 کان53، الذاريات: 43/51 کان 45، القمر: 54/ 23 کان 31، الحاقه: 69/5-4، الفجر: 9/89، الشمس: 91/ 11) توکي اسان جي خوشحالي بہ پسند ناهي، تون اسان کي پنهنجي ابن ڏاڏن واري دين کان دور رکڻ گهرين ٿو. ڇا توتي ڪنهن جادو ڪيو آهي، جو اهڙيون ناروا ڳالهيون ڪري رهيو آهين. تون تہ ظاهر ظهور اسان جهڙو انسان آهين، تو ۾ اسان کان وڌيڪ ڪهڙي خوبي ۽ خاصيت آهي جو اسان توکي رسول تسليم ڪريون، تون ڪو اهڙو معجزو ڏيکار، جنهن سان تنهنجي دعوىٰ جي تصديق ٿي سگهي.

حضرت ابن عباس رضي الله تعالیٰ عنهما کان روايت آهي تہ ثمود جي قوم گهر ڪئي هئي تہ هن پهاڙ مان هڪ ڏاچي ظاهر ٿئي، جيڪا ڏکي هجي ۽ اسان جي اکين آڏو ڦر ڏئي تہ توکي رسول ڪري مڃيندا سون. حضرت صالح عليه السلام بارگاهہ رب العزت ۾ دعا گهري ۽ قبول ٿي وئي ۽ پٿر جي پيٽ مان ڏکي ڏاچي ظهور پذير ٿي. صالح عليه السلام پنهنجي قوم کي هدايت ڪئي تہ هي ڏاچي الله طرفان اوهان جي طلب مطابق معجزي طور موڪلي وئي آهي. هڪ ڏينهن هن ڏاچيءَ جي پاڻي پيئڻ جو وارو هوندو، ان ڏينهن اوهان جا ماڻهو توڙي جانور پاڻيءَ جي گهاٽ تي نہ ويندا. هڪ ڏينهن توهان ۽ توهان جي جانورن لاءِ مقرر آهي. ان ڏينهن ڏاچي گهاٽ تي پاڻي پيئڻ نہ ايندي. هن ورهاست جي پوري طرح پيروي ڪرڻي

آهي، ٻي صورت ۾ عذاب الاهي اچي ڪڙڪندو ۽ توهان کي نيست و نابود ڪري ڇڏيندو. ڪجهہ ڏينهن اها صورتحال رهي، پر قوم صالح کي اها ڳالهہ بہ پسند نہ آئي تہ هڪ ڏاچي ۽ ان جي توڏي لاءِ پورو هڪ ڏينهن ۽ اسان سمورن ۽ جانورن لاءِ بہ هڪڙو ڏينهن، انصاف ناهي، ان ڪري هنن ان ڏاچيءَ جون ڄنگهون ڪپي مندو ڪيو ۽ هلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ گهٻرائڻ لڳا. صالح عَلَيْهِ السَّلَامُ چيو اوهان کان صبر نہ ٿي سگهيو، هاڻي الله جي عذاب جو انتظار ڪريو، ٽن ڏينهن بعد اهو عذاب ضرور ايندو ۽ هڪ بجلي "صاعقة" جي ڪڙڪ هنن کي مٽيءَ جو ڍير ڪري ڇڏيو. هن عذاب کي ڪٿي "صاعقه"، ڪٿي "رجفه" تہ ڪٿي "صيحة" سڏيو ويو، جيڪو هڪ وڏو زلزلو ۽ طوفاني عذاب هيو، جنهن جي گرفت ۾ اچي ويا. هي ساري روئداد عبرت ۽ نصيحت حاصل ڪرڻ وارن لاءِ هڪ معجزو ۽ نشاني هئي، مگر نادان ۽ ناسمجهہ ماڻهن ان مان ڪو فائدو حاصل نہ ڪيو ۽ اڪثر ايمان آڻڻ کان محروم رهجي ويا. هن جو سوره هود ۾ تفصيل سان ذڪر آهي. "اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ○ وَاِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ○" هنن ۾ يقينًا نهايت عظيم نشانيون موجود آهن، پر ان هوندي بہ هنن مان اڪثر ماڻهو ايمان آڻڻ کان انڪاري آهن. اهي سڀ حقيقتون ۽ احوال بلڪل صاف صاف الله غالب ۽ زبردست قوت واري ۽ هميشہ رحم ڪرڻ واري کي معلوم آهن.

---

كَذَّبَتْ قَوْمُ لُوْطِ ِۨالْمُرْسَلِيْنَ ﴿۱۶۰﴾ۚۖ اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ لُوْطٌ اَلَا
تَتَّقُوْنَ ﴿۱۶۱﴾ۚ اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ ﴿۱۶۲﴾ۙ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِ ﴿۱۶۳﴾ۚ وَ مَآ
اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰي رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۶۴﴾ؕ اَتَاْتُوْنَ
الذُّكْرَانَ مِنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۶۵﴾ۙ وَ تَذَرُوْنَ مَا خَلَقَ لَكُمْ رَبُّكُمْ مِّنْ اَزْوَاجِكُمْ ؕ
بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ عٰدُوْنَ ﴿۱۶۶﴾ قَالُوْا لَئِنْ لَّمْ تَنْتَهِ يٰلُوْطُ لَتَكُوْنَنَّ مِنَ
الْمُخْرَجِيْنَ ﴿۱۶۷﴾ قَالَ اِنِّيْ لِعَمَلِكُمْ مِّنَ الْقَالِيْنَ ﴿۱۶۸﴾ؕ رَبِّ نَجِّنِيْ وَ اَهْلِيْ مِمَّا

يَعْمَلُوْنَ ﴿١٦٩﴾ فَنَجَّيْنٰهُ وَ اَهْلَهٗۤ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٧٠﴾ اِلَّا عَجُوْزًا فِي الْغٰبِرِيْنَ ﴿١٧١﴾ ثُمَّ
دَمَّرْنَا الْاٰخَرِيْنَ ﴿١٧٢﴾ وَ اَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ۚ فَسَآءَ مَطَرُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿١٧٣﴾
اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَ مَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٧٤﴾ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ
الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٧٥﴾ ع ٩ ١٣

اهڙي طرح لوط جي قوم بہ رسولن کي ڪوڙو چيو. (160) جڏهن هنن جي ڀاءُ لوط ﷺ انهن کي چيو تہ ڇا اوهان ڊڄو نٿا. (161) مان اوهان جي لاءِ رسول امين آهيان. (162) اوهان تقويٰ واري زندگي گذاري، الله جي اطاعت ڪيو ۽ منهنجي ڳالهہ مڃو. (163) مان هن ڪم لاءِ اوهان کان ڪو اجورو طلب ڪو نہ ٿو ڪيان، منهنجي اجرت الله رب العزت جي ذمي آهي. (164) هن جهان وارن ۾ رڳو اوهان ئي آهيو، جو شهوت راني لاءِ مردن کي استعمال ڪيو ٿا. (165) ۽ توهان جي پروردگار توهان جي زالن کي هن جنسي ميلاپ لاءِ پيدا ڪيو آهي، پر توهان انهن کي ڇڏي ڏنو، توهان تہ حد کان گذري وڃڻ وارا آهيو. (166) هنن چيو تہ اي لوط! جيڪڏهن تون هن حرڪت کان باز نٿو اچين تہ توکي شهر نيڪالي ڏئي ڇڏينداسون. (167) هن چيو تہ مان اوهان جي هن اعمال بد کان سخت بيزار آهيان. (168) اي پروردگار! تون مون کي ۽ منهنجن گهر وارن کي نجات ڏي. (169) اسان هن کي ۽ هن جي سمورن گهر وارن کي نجات ڏياري. (170) سواءِ هڪ پوڙهي عورت جي، جيڪا پٺتي رهجي وئي هئي. (171) ان کي ۽ باقي سمورن کي اسان هلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ اسان هنن مٿان (پٿرن) جهڙي سخت بارش وسائي ۽ جن کي اسان خبردار ڪيو هيو، انهن تي نهايت

ڳڙي وارو وڏ ڦڙو (پٿرن جهڙو) مينهن لڳاتار وسندو رهيو. (173) يقينًا هن ۾ (اصلاح جي) وڏي نشاني موجود آهي، پر (افسوس جو) انهن جي اڪثريت مڃڻ واري ناهي. (174) بيشڪ منهنجو رب تمام وڏو زبردست ۽ دائمي رحم ڪرڻ وارو آهي. (175)

هن سورت ۾ هن کان اڳ پنجن نبين ۽ سندن قوم جو بيان ٿي چڪو آهي. هيئنر ان سلسلي جو ڇهون تاريخي مثال حضرت لوط ؑ ۽ ان جي قوم جو اچي ٿو، حضرت لوط ؑ، حضرت ابراهيم ؑ جي ڀاءُ هاران بن آزر جو پٽ هيو، جنهن کي حضرت ابراهيم ؑ جي دور ۾ ئي شام جي علائقي طرف صدوم ۽ ڪاموراءِ ۾ رهندڙ قوم ڏانهن نبي ڪري موڪليو ويو هو. هتي جي قوم بہ تمام براين جي جڙ هئي. ڪا اهڙي برائي نہ هئي، جيڪا هنن ۾ نہ هجي. دنيا جي بد اطواري ۽ بد اخلاقيءَ جون سموريون علامتون هنن ۾ موجود هيون. پر انهن کان علاوه هيءَ قوم هڪ خبيث ۽ غير فطري فعل بد جي مؤجد هئي، يعني پنهنجي نفساني خواهش پوري ڪرڻ لاءِ عورتن جي مقابلي ۾ خوبصورت مرد، ڇوڪرا جوانن سان شهوت پرستي ڪندا هئا، جنهن کي عرف عام ۾ لواطت سڏيو ويو. يعني اهو قبيح ۽ خبيث فعل جو لوط ؑ جي قوم کان سرزد ٿيو، ان کان علاوه رستن تي ڦرون ڪرڻ، مسافرن کي لٽڻ ۾ بہ بہ قدم اڳتي هئا. لوط ؑ کين چيو تہ هنن خبيث ۽ قبيح اعمال سبب خدا جو خوف ڪريو ۽ منهنجي ڳالهہ مڃي اهو بدفعلي ۽ غير فطري ڏنڌو بند ڪيو، مان الله جو رسول اوهان لاءِ امن ۽ سلامتيءَ جو پيغام کڻي آيو آهيان، جيڪو اوهان جي ڀلائي، اصلاح ۽ خير خواهي وارو آهي. مان اها خدمت بنا ڪنهن اجوري ۽ معاوضي جي ادا ڪري رهيو آهيان، منهنجي ڪا بہ ذاتي لالچ يا غرض نہ آهي. هن ڪار خير جو اجورو منهنجي پروردگار جي ذمي آهي. اوهان جنهن خبيث، قبيح ۽ شنيع فعل جو ارتڪاب ڪيو آهي، جيڪو دنيا جي ڪنهن قوم ۾ هن وقت موجود ناهي، پر اوهان هن ناپاڪ عمل کي ايجاد ڪري، پوري قوم ۾ پکيڙي ڇڏيو آهي. توهان جو هي هاجيڪار عمل افراد کان وڌيڪ قومي سطح جو پيشو ٿي ويو آهي.

اوهان ڪيترا تہ جاهل ۽ بي وقوف آهيو جو توهان عورتن کي ڇڏي مردن سان شهوت راني ڪيو ٿا، عورتون اوهان لاءِ فطري طور جنسي ضرورتن لاءِ آهن، پر مرد مرد سان هم جنسي ۽ شهوت پرستي ڪري اهو غير فطري، غير اخلاقي، غير انساني عمل آهي. جانور بہ اهڙو خبيث ڪم ڪونہ ٿا ڪن. اوهان انسانيت جون سڀ حدون پار ڪري وحشي جانور کان بہ بدتر مخلوق ثابت ٿيا آهيو. حضرت لوط عليه السلام هنن کي خباثت، بي حيائي ۽ بدترين فحاشيءَ کان روڪي ڪين طهارت، شرافت ۽ باعزت زندگي طرف ونې آڻڻ تي گهريو. هنن آڏو پوين قومن جا احوال ۽ ان جا نتيجا بہ ٻڌايا ۽ ڪين چيو تہ هن بدڪردار بداخلاق ذاڙيل ۽ رهزن قوم جا نتيجا ڪيترا خطرناڪ نڪرندا، پر سندس قوم پنهنجي سرڪشي، غرور، هٺ ۽ اجتماعي فعل بد جي زعم باطل ۾ سندس نصيحت قبول نہ ڪئي، پر ڪيس ڌمڪي ڏني تہ جيڪڏهن تون پنهنجي اها تحريڪ بند نہ ڪندين تہ مجبورًا اسان توکي علائقي بدر ڪري ڇڏينداسون. هن رهزن قوم جي رهزني، ڦرلٽ جو احوال سورة العنڪبوت: 29/29-28 ۾ ۽ باقي اعمال بد جو ذڪر سوره هود: 83/11-82 ۽ سورة الاعراف: 7/7-81-82 ۾ تفصيل سان آيو آهي. لواطت جي هن قبيح فعل لاءِ احاديث ۾ آيو آهي تہ فاعل ۽ مفعول ٻنهي کي قتل ڪريو. ”مَلْعُوْنٌ مَنْ اَتَىٰ اِمْرَاَتَهٗ فِيْ دُبُرِهَا“ جيڪو مرد عورت جي دبر ۾ ڪم ڪري ٿو، سو لعنتي آهي.

حضرت لوط عليه السلام پنهنجي قوم کي حسن خطابت، نرم ۽ دلآويز لهجي ۾ گهڻو سمجهايو، نصيحت ۽ موعظت جاري رکي، گذشتہ قومن جا احوال ۽ انهن جي نتيجن کان بہ آگاهہ ڪيو، مگر هنن بدبختن تي ڪو بہ اثر نہ ٿيو. هن خير خواهيءَ جي بدلي ۾ ڪيس ڪوڙو سڏڻ، ننولي ۽ مذاق ڪرڻ جو نشانو بڻايو. لوط عليه السلام هنن جي بداعمالين کان تنگ ٿي چيو تہ مان توهان جي هن حرڪتن کان تنگ ٿي اوهان جي سامهون بيزاري، نفرت ۽ حقارت جو اظهار ڪيان ٿو. جڏهن توهان اهڙو قبيح فعل منهنجي سامهون کلم کلا ڪري رهيا هوندا تہ مان ان تي خاموش رهي نہ سگهندس. لوط عليه السلام هنن کي عذاب الاهي کان آگاهہ ڪندو رهيو. هو ان مان نصيحت پرائڻ بدران چوڻ لڳا تہ جيڪڏهن اسان جو جنسي ميلاپ خدا وٽ ۽ تنهنجي نظر ۾ خراب ۽ ناجائز آهي تہ پوءِ جنهن عذاب جي ڌمڪي ڏئي رهيو آهين، اهو جلد از جلد آڻ، جيڪڏهن تون سچو رسول آهين. لوط عليه السلام کي يقين ٿي

ويو تہ هاڻي هي عذاب الاهي کان بچي ڪو نہ سگھندا تہ هن دعا گھري تہ اي اسان جا
پروردگار! مون ۽ منهنجي گھر وارن (يا اهل) کي هنن جي بدڪرداريءَ واري عذاب کان
بچائي ڇڏ. "اهل" مان مراد لوط عليہ السلام سان گڏ مؤمنن جي جماعت مراد آهي. ان ڪري
انهيءَ ننڍي جماعت کي اسان نجات ڏني، باقي سمورن ظالمن کي ان ٻڍي عورت سميت
زمين دوز ڪري ڇڏيو. هنن تي قهر الاهي پٿرن جي صورت ۾ (وڏ وڏا ڳڙا) زوردار ۽
لڳاتار وسندا رهيا. ڪهڙو نہ برو مينهن هيو، جيڪو هنن تي وٺو، حالانڪ برسات تہ باران
رحمت آهي، پر هنن ظالمن ۽ بدڪردار ماڻهن لاءِ غضب الاهي نمودار ٿي آيو، جنهن کي
هنن کان آگاهہ ڪيو ويو هيو، پر ڪو نہ سڌريا. هي معجزا عقل وارن لاءِ هدايت جون
نشانيون آهن، پر هنن نياڳن ايمان نہ آڻي پنهنجو پاڻ جهنم جي غار ۾ اڇلايو. الله عزو
جل نهايت زبردست طاقت وارو آهي، ان ڪري ڪو بہ ان جي گرفت کان بچي نٿو سگھي،
پر اهو رب نهايت زوردار مدامي وسندڙ رحمت وارو بہ آهي، جيڪو نيڪ عمل انسانن کي
پنهنجي دائري رحمت ۾ گھيري وٺندو.

كَذَّبَ اَصۡحٰبُ لۡـَٔيۡكَةِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ۚۖ ﴿١٧٦﴾ اِذۡ قَالَ لَهُمۡ شُعَيۡبٌ اَلَا تَتَّقُوۡنَ ۚ ﴿١٧٧﴾
اِنِّىۡ لَـكُمۡ رَسُوۡلٌ اَمِيۡنٌ ۙ ﴿١٧٨﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيۡعُوۡنِ ۚ ﴿١٧٩﴾ وَمَاۤ اَسۡـَٔلُكُمۡ عَلَيۡهِ
مِنۡ اَجۡرٍ ۚ اِنۡ اَجۡرِىَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ؕ ﴿١٨٠﴾ اَوۡفُوا الۡـكَيۡلَ وَ لَا تَكُوۡنُوۡا
مِنَ الۡمُخۡسِرِيۡنَ ۚ ﴿١٨١﴾ وَزِنُوۡا بِالۡقِسۡطَاسِ الۡمُسۡتَقِيۡمِ ۚ ﴿١٨٢﴾ وَلَا تَبۡخَسُوا النَّاسَ
اَشۡيَآءَهُمۡ وَلَا تَعۡثَوۡا فِى الۡاَرۡضِ مُفۡسِدِيۡنَ ۚ ﴿١٨٣﴾ وَ اتَّقُوا الَّذِىۡ خَلَقَكُمۡ
وَالۡجِبِلَّةَ الۡاَوَّلِيۡنَ ؕ ﴿١٨٤﴾ قَالُوۡۤا اِنَّمَاۤ اَنۡتَ مِنَ الۡمُسَحَّرِيۡنَ ۙ ﴿١٨٥﴾ وَمَاۤ اَنۡتَ اِلَّا
بَشَرٌ مِّثۡلُنَا وَاِنۡ نَّظُنُّكَ لَمِنَ الۡكٰذِبِيۡنَ ۚ ﴿١٨٦﴾ فَاَسۡقِطۡ عَلَيۡنَا كِسَفًا مِّنَ

السَّمَآءِ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ؕ۝۱۸۷ قَالَ رَبِّيْٓ اَعْلَمُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ۝۱۸۸
فَكَذَّبُوْهُ فَاَخَذَهُمْ عَذَابُ يَوْمِ الظُّلَّةِ ؕ اِنَّهٗ كَانَ عَذَابَ يَوْمٍ
عَظِيْمٍ ۝۱۸۹ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَمَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۝۱۹۰ وَاِنَّ رَبَّكَ
لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ۝۱۹۱ ع ١٠/١٦/١٤

اهڙي طرح اصحاب الايڪہ (جهنگل وارن) بہ رسولن کي ڪوڙو ڪوٺيو. (176) جڏهن شعيب ﷵ هنن کي چيو تہ توهان خوفِ خدا چو نٿا رکو. (177) مان تہ اوهان لاءِ امن ۽ سلامتي وارو رسول آهيان. (178) تہ خوف خدا کان غافل نہ ٿيو ۽ منهنجو چيو مڃو. (179) مان هن ڪارِ خير جو اوهان کان ڪو معاوضو نٿو گهران، منهنجو بدلو تہ رب العالمين جي ذمي آهي. (180) ماپ تور پوري رکو ۽ ڪنهن کي بہ نقصان نہ پهچايو.(181) ۽ صحيح ترازو سان وزن ڪندا ڪريو. (182) ماڻهن کي سندن شيون گهٽائي نہ ڏيو ۽ نہ زمين تي فساد ڦهلائڻ وارا ٿيو. (183) ان الله کان ڊڄو، جنهن توهان کي ۽ هن کان اڳ واري مخلوق کي پيدا ڪيو آهي. (184) هنن (ڪافرن) چيو تہ تو توتي جادوءَ جو اثر آهي. (185) تون تہ اسان جهڙو انسان آهين ۽ ڪوڙ تو ڳالهائين. (186) پر جيڪڏهن سچو آهين تہ پوءِ اسان تي آسمان جو هڪ ٽڪرو ڪيرائي ڇڏ. (187) شعيب ﷵ چيو تہ منهنجو پروردگار اوهان جي ڪارڪردگي کان پوري طرح آگاهہ آهي. (188) پر هنن (ڪافرن) کيس ڪوڙو ڪوٺيو. پوءِ سائبان (ڇانوَ واري) عذاب اچي پڪڙيو. بيشڪ اهو هڪ نهايت ڏاڍو سخت ۽ مشڪل ڏينهن هيو. (189) هن منظرنامي ۾ بہ هنن لاءِ (سڌرڻ جي) چٽي نشاني هئي، پر ان هوندي بہ

اڪثر ماڻهو ايمان جي دولت کان محروم رهيا. (190) بيشڪ تنهنجو پروردگار زبردست غالب ۽ دائمي رحم ڪندڙ آهي. (191)

پوين سورتن ۾ بيان ٿيو آهي تہ شعيب ﷺ مدين وارن ڏانهن رسول ڪري موڪليو ويو هيو. (الاعراف: 88/7 کان 93، هود: 84/11 کان 96) مدين جو شهر ابراهيم ﷺ جي صاحبزادي 'مديان' جي نالي پنيان 'مديان' يا 'مدين' سڏبو آهي. مديان حضرت ابراهيم ﷺ جي ٽئين گهر واري قطورا جي بطن (پيٽ) مان پيدا ٿيو هو. هن شهر جي پرسان گهاٽو جهنگل يا هڙي موجود هئي، جنهن لاءِ "اَيْكَة" جو لفظ آيو آهي ۽ اتي جي رهائش پذير ماڻهن کي "اَصْحٰبُ الْاَيْكَةِ" سڏيو ويو آهي. ان زماني ۾ بہ وڏيون شاهراهون (سپر هاءِ ويز) مدين جي پرسان گذرنديون هيون، ان ڪري مدين بہ تجارتي مرڪز بڻجي ويو هيو. ماڻهو غلط سرمايہ ڦٻائڻ لاءِ ناپ تور ۾ خيانت ڪندا هئا. عدل ۽ انصاف سان پوري طرح توري ڏيڻ ۽ توري وٺڻ بدران خيانت ۽ ملاوٽ ڪندا هئا. الله جي قانون: "وَ وَضَعَ الْمِيْزَانَ ○ اَلَّا تَطْغَوْا فِي الْمِيْزَانِ ○" (الرحمٰن: 55/9-8) الله تبارڪ و تعالیٰ آسمان جو نظام يا اجرام فلڪي جي گردش هڪ توازن تي قائم رکي آهي، اهڙي طرح انساني طبعي زندگيءَ جي معاملات ۾ توازن رکڻ لازم آهي ۽ ميزان جي توازن کي گهٽ وڌ ڪرڻ سان تباهي ئي تباهي آهي. "وَيْلٌ لِّلْمُطَفِّفِيْنَ ○ الَّذِيْنَ اِذَا اكْتَالُوْا عَلَى النَّاسِ يَسْتَوْفُوْنَ ○ وَاِذَا كَالُوْهُمْ اَوْ وَّزَنُوْهُمْ يُخْسِرُوْنَ ○ (المطففين: 1/83 کان 3) ماپ تور ۾ کوٽ ڪندڙن لاءِ تباهي آهي، اهي جڏهن ڪنهن کان ماپي وٺن ٿا تہ پورو پورو وٺن ٿا، پر جڏهن ٻين کي ماپي ڏين ٿا تہ کوٽ ڪري ڏين ٿا. حضرت شعيب ﷺ جڏهن پنهنجي قوم ڏانهن مبعوث ڪيو ويو تہ هن جي آڏو خدا جي نافرماني ۽ معصيت جو ارتڪاب نہ رڳو افراد، پر پوري قومي سطح تي زور شور سان رائج هيو. گويا پوري قوم مشرڪانا رسم و رواج ۽ ڏوڪي واري خريد و فروخت جي مهلڪ مرض ۾ مبتلا هئي. شعيب ﷺ معاشري جي هن بگڙيل فضا کان نهايت افسرده ۽ دکي دل هيو. کين چيو تہ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! خدا جي خوف کان ڊڄو، پاڻ بچايو ۽ منهنجي اطاعت ڪريو. مان اوهان لاءِ امن ۽ سلامتي

جو پيغمبر ۽ خير خواهه آهيان. مان هنن خير ۽ ڀلائي جي ڪم ۾ اوهان کان ڪو اجورو نٿو گهران. منهنجي هي خير خواهيءَ واري دعوت بنا ڪنهن ذاتي غرض يا لالچ جي آهي. ان جو اجر مان پنهنجي پروردگار کان وٺندس، جنهن جي حڪمن جي پيروي ڪرائڻ لاءِ مون کي موڪليو ويو آهي. هت ”اَصۡحٰبُ لۡـَٔيۡكَةِ“ چيو ويو آهي ۽ سورة الاعراف: 85/7 ۾ ”وَاِلٰى مَدۡيَنَ اَخَاهُمۡ شُعَيۡبًا“ آيو آهي. مدين قوم آهي، ان ڪري حضرت شعيب ؑ کي قوم جي برادري جو فرد سڏيو ويو آهي. پر ”اَصۡحٰبُ لۡـَٔيۡكَةِ“ ۽ اَيۡكَةُ جهنگ لاءِ ”اصحاب“ يعني ”جهنگ ۾ رهندڙ ماڻهو“ چيو ويو آهي. گهڻن تفسيرن اصحابن مدين ۽ ”اَصۡحٰبُ لۡـَٔيۡكَةِ“ کي هڪ قوم ڪري سڏيو آهي، پر مودودي صاحب هنن کي ٻه جدا قومون سڏيو آهي، سندس خيال ۾ ”اَصۡحٰبُ الظُّلَّةِ“ ۾ چيو ويو آهي ته اهي ڇٽيءَ واري عذاب کان هلاڪ ٿيا، پر ”اَصۡحٰبُ لۡـَٔيۡكَةِ“ لاءِ عذاب ڌماڪي ۽ زلزلي جي صوورت ۾ آيو. شعيب ؑ پنهنجي قوم کي چيو ته جهڙي طرح ٻين کان ضرورت جون شيون خريد ڪرڻ وقت پوري ماپ تور ڪري وٺو ٿا، اهڙي طرح ٻين کي ضروت جون شيون ٻه پوريون ماپي توري ڏيو. ڏيڻ وقت گهٽ ڪري نه ڏيو. هر وقت عدل ۽ انصاف جو ميزان هڪجهڙو رکو. ڏوڪو ۽ خيانت ڪري خساري جو ڏنڊو نه ڪيو، ان سان معاشري ۾ بي چيني، اشتعال ۽ فساد جنم وٺي ٿو ۽ اهڙي طرح ”وَلَا تَقۡعُدُوۡا بِكُلِّ صِرَاطٍ تُوۡعِدُوۡنَ“ (الاعراف: 86/7) رستن تي ماڻهن کي خوف زده ڪرڻ لاءِ نه ويهندا ڪيو. هو ڌن دولت مال متاع ۽ خوشحالي و آسودگي جي خمار ۾ غرور، شرارت ۽ سرڪشيءَ جا سرواڻ ٿي ويا هئا. اهي شعيب ؑ جي اهڙي نصيحت ٻڌڻ لاءِ تيار نه هئا ته ان خدا کان ڊڄو، جنهن اوهان کي ۽ اوهان کان اڳين قومن کي پيدا ڪيو ۽ جهڙي طرح هنن جي عاقبت جنهن انجام ڪار تي پهتي اوهان ٻه ان انجام ڪار کي ڏسڻ وارا آهيو. سوره يٰس: 62/36 ۾ ”جِبِلًّا“ آيو آهي. ان ڪري احڪام الاهي جي اطاعت ڪري منهنجي مخلصانا نصيحت مڃي پنهنجي عاقبت سنواريو ۽ پاڻ کي عذاب الاهي کان بچائي وٺو.

هنن ڪافرن شعيب ؑ کي چيو ته تون پوري هوش حواس وارو نارمل انسان ڪو نه ٿو لڳين. شايد ڪنهن جادوگر تو تي وڏو جادو ڪيو آهي، جنهن ڪري تنهنجو عقل

و شعور چٽ تي چڪو آهي ۽ اسان تو کي غير معقول انسان سمجهون ٿا. تعجب جي ڳالهہ اها آهي تہ تون نبوت جي دعويٰ ڪري رهيو آهين، حالانڪ ڏسڻ وائسڻ ۾ تون شڪل و صورت ۾ اسان جهڙو بشر آهين، ڳالهيون ڪم عاقل واريون ڪرين ٿو ۽ دعويٰ ڪرين ٿو تہ تون خدا جو رسول آهين. اسان اهڙي معمولي شخص کي ڪوڙن ماڻهن ۾ شمار ڪندا آهيون. جيڪڏهن تون واقعي سچو آهين تہ پوءِ رڳو ڏمڪيون چو ٿو ڏئين، پلي اسان تي ڪو آسمان مان وڏو ٽڪرو ڪيرائي ڇڏ. جيڪڏهن ائين ڪري نٿو سگهين تہ پوءِ اسان کي ڊيڄارڻ بند ڪر ۽ بي تڪيون ڳالهيون ڪري اسان کي پنهنجن طور طريقن، روش، ريتن رسمن کان بي راهہ ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪر. شعيب عليه السلام چيو تہ جنهن عذاب جي گهر ڪري رهيا آهيو، اهو منهنجي پروردگار جي قدرت ۽ قوت ۾ آهي. الله توهان جي هر عمل کان پوري طرح آگاهہ آهي. مان ان بابت رڳو ايترو تصديق سان چوان ٿو تہ قانونِ مڪافات مطابق اهو عذاب مقرره وقت تي هر حال ۾ ضرور ايندو. هو ڪافر لڳاتار شعيب عليه السلام کي ڪوڙو ڪوڙو چوڻ جو ڊنڊورو پٽيندا رهيا ۽ تمسخر ۽ مذاق ڪندي چوندا هئا تہ جيڪو آسمان اسان تي ڪيرائڻ گهرين ٿو، اهو پلي اسان تي ڪيرائي ڇڏ، جيڪڏهن تون پنهنجي قول ۾ سچو آهين تہ پوءِ تو کي ڪهڙي شيءِ رڪاوٽ آهي، جو تون اسان تي آسماني بجليون نٿو ڪڙڪائين.

ياد رهي تہ مڪي جي ڪافرن بہ حضور خاتم النبيين ﷺ سان اها ساڳي روش، ساڳي طلب ۽ ساڳيو دليل پيش ڪرڻ لاءِ چيو آهي. (بني اسرائيل: 17/90-93) ”اَوْ تُسْقِطَ السَّمَآءَ كَمَا زَعَمْتَ عَلَيْنَا كِسَفًا“ حق ۽ باطل جو اهو معرڪو هميشہ جاري رهيو. آخرڪار اتمامِ حجت بعد خدا جو قانون مڪافاتِ عمل يعني قانون ”پاداش عمل“ سرڪش، متڪبر ۽ نافرمان قومن تي هن دنيا ۾ ئي نافذ ٿيڻ وارو هوندو آهي، اهو عذاب اچي ڪڙڪيو جيڪو سائبان (ڇاڇي وارو) نالي سان مشهور آهي ۽ هن کي ”يَوْمُ الظُّلَّةِ“ بہ چيو ويو آهي، جنهن ۾ ست ڏينهن لڳاتار سخت گرمي رهي. ڪٿي بہ ڇانو يا سايو نظر نٿي آيو. هن شعله خيز گرميءَ ۾ پگهرجي رهيا هئا تہ اچانڪ هڪ بادل ظاهر ٿيو. گرميءَ جي تپش ۽ جلن کان بچڻ لاءِ هن بادل هيٺ جمع ٿي ويا تہ اوچتو بادل مان باهہ پڙڪي، هنن ڪافرن کي وڪوڙي ورتو. شعيب عليه السلام جي قوم جي عذاب جو ٽن جاين تي قرآن ۾ ذڪر آهي.

هڪ هتي يعني سورة الشعراءِ ۾ ”يَوۡمُ الظُّلَّةِ“ جو عذاب طوفان، انڌيري، تپش . ٻيو سوره هود: 54/11 ۾ ”اَلصَّيۡحَةُ“ سخت ڪڙڪيدار رڙ. ٽيون سورة الاعراف: 91/7 ۾ ”اَخَذَتۡهُمُ الرَّجۡفَةُ“ زلزلي جي پڪڙ جو عذاب آيو آهي. مطلب تہ اهڙو عذاب، جيڪو انهن ٽنهي عذابن جو مجموعو هو. خداوند پاران گمراهہ قومن تي اهڙا عذاب ان جي جانشين قومن لاءِ وڏا معجزا ۽ نشانيون آهن، جن تي غور ڪرڻ سان افراد ۽ قومن جي تقدير تبديل ٿي وڃي ٿي. پر اهڙا بہ نادان، ناشڪر، گستاخ انسان آهن، جو هن عبرتناڪ نشانين مان اصلاح ۽ سڌاري جو سبق پرائڻ بدران ان تي ايمان بہ نٿا آڻين ۽ انهن کي پوئين وقت جون گهڙيل ڪهاڻيون ڪوٺين ٿا. يقينًا هڪ ڏينهن هنن سڀني کي اهڙي محتسب جي حضور ۾ پيش ٿيڻو آهي جو نهايت زبردست غلبي وارو ۽ زوردار لڳاتار رحمت ڪرڻ وارو العزيز الرحيم رب آهي.

---

وَ اِنَّهٗ لَتَنۡزِيۡلُ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ؕ﴿۱۹۲﴾ نَزَلَ بِهِ الرُّوۡحُ الۡاَمِيۡنُ ۙ﴿۱۹۳﴾ عَلٰى قَلۡبِكَ
لِتَكُوۡنَ مِنَ الۡمُنۡذِرِيۡنَ ﴿۱۹۴﴾ بِلِسَانٍ عَرَبِىٍّ مُّبِيۡنٍ ؕ﴿۱۹۵﴾ وَ اِنَّهٗ لَفِىۡ زُبُرِ
الۡاَوَّلِيۡنَ ﴿۱۹۶﴾ اَوَ لَمۡ يَكُنۡ لَّهُمۡ اٰيَةً اَنۡ يَّعۡلَمَهٗ عُلَمٰٓؤُا بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ ؕ﴿۱۹۷﴾ وَ
لَوۡ نَزَّلۡنٰهُ عَلٰى بَعۡضِ الۡاَعۡجَمِيۡنَ ۙ﴿۱۹۸﴾ فَقَرَاَهٗ عَلَيۡهِمۡ مَّا كَانُوۡا بِهٖ
مُؤۡمِنِيۡنَ ؕ﴿۱۹۹﴾ كَذٰلِكَ سَلَكۡنٰهُ فِىۡ قُلُوۡبِ الۡمُجۡرِمِيۡنَ ؕ﴿۲۰۰﴾ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِهٖ حَتّٰى
يَرَوُا الۡعَذَابَ الۡاَلِيۡمَ ۙ﴿۲۰۱﴾ فَيَاۡتِيَهُمۡ بَغۡتَةً وَّ هُمۡ لَا يَشۡعُرُوۡنَ ۙ﴿۲۰۲﴾
فَيَقُوۡلُوۡا هَلۡ نَحۡنُ مُنۡظَرُوۡنَ ؕ﴿۲۰۳﴾ اَفَبِعَذَابِنَا يَسۡتَعۡجِلُوۡنَ ﴿۲۰۴﴾ اَفَرَءَيۡتَ اِنۡ
مَّتَّعۡنٰهُمۡ سِنِيۡنَ ۙ﴿۲۰۵﴾ ثُمَّ جَآءَهُمۡ مَّا كَانُوۡا يُوۡعَدُوۡنَ ۙ﴿۲۰۶﴾ مَاۤ اَغۡنٰى عَنۡهُمۡ

مَّا كَانُوْا يُمَتَّعُوْنَ ۞٢٠٧ وَمَآ اَهْلَكْنَا مِنْ قَرْيَةٍ اِلَّا لَهَا مُنْذِرُوْنَ ۞٢٠٨ ذِكْرٰى
وَمَا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ۞٢٠٩

يقينًا نهايت اهتمام سان رب العالمين طرفان هي ڪلام نازل ڪيو ويو آهي.
(192) هن کي روح الامين فرشتو تنهنجي قلب مبارڪ تي پيش ڪرڻ لاءِ نازل
ٿيو آهي. (193) ته جيئن تون ماڻهن کي گمراهيءَ کان خبردار ڪرين. (194)
نهايت صاف سٿري فصيح بليغ عربي زبان ۾. (195) يقينًا هي (قرآن) اڳين
صحيفن ۾ به مذڪور آهي. (196) ڇا هنن ماڻهن لاءِ هي سَنَدَ يا ثبوت ناهي، جو
بني اسرائيل جا علماء هن کي چڱي طرح ڄاڻن ٿا. (197) جيڪڏهن اسان هن
(قرآن) کي ڪنهن عجمي (غير عرب) تي نازل ڪيون ها. (198) ۽ هو هن قرآن
کي انهن اڳيان پڙهي ها ته هي ان کي اصل قبول نه ڪن ها. (199) اهڙي طرح
اسان انڪار کي هنن جي دلين ۾ داخل ڪيو آهي.(200) جيستائين هو
دردناڪ عذاب نه ڏسندا، هن (قرآن) کي نه مڃيندا. (201) اهو عذاب هنن تي
اچانڪ نازل ٿيندو ۽ هنن کي خبر به نه پوندي. (202) ان وقت چوندا، ڇا اسان
کي مهلت ملندي.(203) ڇا هينئر هو اسان جي عذاب کي جلدي طلب ڪري
رهيا آهن.(204) اسان اهو عذاب في الحال نازل نه ڪيو ۽ اهڙي طرح چند سال
وڏيڪ فائدا حاصل ڪرڻ جي مهلت ڏيون.(205) پوءِ اوچتو اهو عذاب اچي
ڪڙڪي، جنهن کان هو خبردار ڪيا يا ڊيڄاريا وڃن ٿا. (206) ته اهي عارضي
فائدا هنن جي ڪهڙي ڪم ايندا.(207) اسان ڪنهن به بستيءَ کي تيستائين
تباهه نه ڪيو آهي، جيستائين هنن ۾ خبردار ڪندڙ (نذير نبي) نه موڪليو
آهي. (208) جيڪو هنن کي ياد ڏهاني ڪرائي ۽ اسان ظالم نه آهيون، جو ان
کان سواءِ ئي اسان هنن کي هلاڪ ڪريون. (209)

هي اسان جو رشد و هدايت جو سلسلو جو شروع کان ئي هلندو اچي، هاڻي اهو آخري منزل تي پهچي، دين الاهي جي تڪميل ۽ نعمتن، نوازشن جي اتمام رستي قيامت تائين هدايت ۽ رهنمائي جو مينار رهندو. گويا نبوت جي زنجير جي آخري ڪڙي آهي، جنهن سان پوين سمورين ڪڙين کي جوڙي پاڻ ۾ سمائي رکيو آهي ۽ الله تعاليٰ تائين رسائي جي مضبوط رسي آهي، جنهن جو هڪ سرو بارگاهه رب العزت جي دست قدرت ۾ آهي ته رسيءَ جو ٻيو سرو نوع انسان لاءِ آهي، جنهن کي متقي انسان مضبوطيءَ سان پڪڙي رهيا آهن، جيڪو ٻانهي کي الله تائين رسائيءَ جو صراط مستقيم ۽ ڇڙو سنگ ميل آهي. هي قرآن نوع انسان جي ذات جي نشو نما ڪرڻ وارو ۽ هڪ اصلاح، بهبود ۽ فلاح تي مبني نظام قائم ڪرڻ جو نسخهءِ ڪيميا آهي. جنهن جي نشاندهي لاءِ قرآن حڪيم ۾ جڳهه جڳهه آيتون موجود آهن. (الانعام: 19/6، هود: 3/11، بني اسرائيل: 105/17، الڪهف: 54/18، يونس: 10/ 37-57، طٰهٰ: 113/20، الروم: 58/30، الطور: 34/52-33، الفرقان: 30/25، النساءِ: 82/4، الزمر: 28/39-23، حٰم السجده: 44/41) مڪي جا ڪافر قرآن کي وحي الاهي ۽ "مُنَزَّلٌ مِّنَ اللهِ" الله طرفان نازل ڪيل تسليم ڪرڻ کان انڪاري هئا، قرآن کي پراڻي زماني جون ڪهاڻيون قرار ڏيندا هئا ۽ من گهڙت ڪلام ڪوٺيندا هئا، مگر الله تعاليٰ پوين نبين سڳورن جي تبليغ ۽ سندن قوم جي انڪار ۽ انجام جا صحيح واقعا، دليلِ قاطع ۽ برهان وضاحت سان بيان ڪري ٻڌايو ته هي ڪتاب (قرآن) الله جو ڪلام آهي، جيڪو نهايت امين امانتدار فرشتي روح الامين (حضرت جبرائيل عليه السلام) جي معرفت قلب مبارڪ تي نازل ڪرڻ فرمايو آهي (البقره: 97/2، النحل: 102/16) ته جيئن هن هدايت نامي جي نور سان ماڻهن جا ذهن، دل، دماغ منور ڪرين ۽ ڪين هن قرآن کان منهن موڙڻ جي صورت ۾ دردناڪ عذاب جي نتيجن کان خبردار ڪرين، هي قرآن نهايت صاف سٽري فصيح ۽ بليغ عربي زبان ۾ نازل ٿيو آهي. هن جهڙو طرز بيان، تاثيرِ اعجاز ڪنهن به ڪتاب ۾ نه موجود آهي ۽ نه وري اڳتي ملي سگهندو. (يوسف: 2/12، الرعد: 27/13، الزمر: 28/39)

ایں کتابے نیست چیزے دیگر است (اقبال)

قرآن ٻين ڪتابن وانگر هڪ ڪتاب ناهي، پر هي ڪا ٻي شيءِ آهي.

هن ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت جي آگاهي ۽ نزول من الله جي تصديق انبياءِ ڪرام تي نازل ٿيل ڪتابن ۾ مذڪور آهي. جهڙي طرح توريت، انجيل، زبور ۽ ٻين آسماني صحيفن ۾ حضور خاتم النبيين ﷺ جن جي آمد مبارڪ جي بشارت ڏنل آهي، اهڙي طرح هن ڪتاب جي ڪتاب الاهي هجڻ جي به تصديق موجود آهي. (البقره: 129/2، الصف: 6/61)

ابن مريم جي بشارت يا تمناءِ ڪليم
يا خليل الله جي دل جي دعا پيدا ٿيو

(مشتاق سچاروي)

ڇا عرب جي قريش کي ان حقيقت جو علم ناهي ته هن قرآن حڪيم جي تعليم اصولاً اها ئي آهي، جيڪا هن کان اڳ ٻين سڳورن طرفان اڳين ڪتابن ۾ آئي اهي. البته هي تعليم هاڻي هڪ قبيلي ۽ هڪ قوم جي دائري کان نڪري نوع انسان جي رهبري لاءِ تاقيامت مڪمل ۽ ڪامل طور موجود آهي. ”لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ اُنْذِرَ اٰبَآؤُهُمْ فَهُمْ غٰفِلُوْنَ“ (يٰس: 6/38) قريش مڪه ڏانهن سندن غفلت دور ڪرڻ لاءِ آيو آهي. جن وٽ هن کان اڳ (ڪيترو وقت) خبردار ڪرڻ وارو نبي نذير نه آيو هو، ڇا هي حقيقت هنن لاءِ نشان راهه نه آهي، ته بني اسرائيل جا علماء هن قرآن کان بخوبي واقف آهن. (القصص: 52/28-55) هو پنهنجي تسلي لاءِ انهن کان به معلوم ڪري سگهن ٿا. هي ڪتاب رب العالمين پاران نازل ڪيو ويو آهي. يعني جنهن رب جي ربوبيت تمام مادي ۽ طبعي اسباب ۽ ذرائع پيدا ڪري رهي آهي. ان رب جي ربوبيت ئي روحاني ارتقاء، انسان ذات جي تعمير ۽ نشو نما لاءِ روحاني غذا ۽ هدايت به مهيا ڪئي آهي ۽ هن ڪتاب کي قلب نبي جي مطهر ۽ محفوظ مقام ۾ الله جي حفاظت هيٺ رکيو ويو آهي. هي ڪلام ڪنهن ايري غيري نه، پر روح الامين (جبرئيل عليه السلام) معرفت عرش کان قلب محمد خاتم النبيين ﷺ تائين پهتو آهي. پهچائڻ وارو روح يعني الاهي توانائي جو حامل، نهايت امانت دار، امن ۽ سلامي سان ڪٺي آيو آهي.(البقره: 97/2، النحل: 102/16) جنهن ۾ ڪنهن غلطي ۽ شڪ

شبهي جو ذرا پڻ گمان نہ آهي. قلب محمد ﷺ ۾ پهچي الفاظ معاني ۾ تبديل ٿي، القاءَ ٿيا آهن ۽ اهڙي هستي جي زبان اطهر کان انسانن جي تعليم تربيت ۽ تزکيه جو اهتمام آهي، جيڪو سراپا نور آهي، هر عيب ۽ ڪميءَ کان الله عزو جل کيس پاڪ ۽ منزه ڪري مبعوث ڪيو آهي.

ڪفار مکه جو چوڻ هو تہ حضور خاتم النبيين ﷺ پاڻ عربي آهن، سندن زبان بہ عربي آهي ۽ قرآن بہ عربي زبان ۾ آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ هن پاڻ ئي اهو افسانو جوڙيو آهي، پر جيڪڏهن هي عربي مبين وارو قرآن ڪنهن عجمي ماڻهو عليه السلام جي زبان سان اچي ها تہ پوءِ سمجهون ها واقعي هي معجزو آهي. (الانعام: 7/6، الحجر: 15/15-14) مگر قرآن چوي ٿو تہ هنن منڪر ماڻهن جي هٺ ڌرمي ۽ ضد جو اهو حال آهي جو جيڪڏهن هي قرآن حضور خاتم النبيين ﷺ جي زبان مبارڪ تان نہ اچي ها ۽ ڪنهن عجمي ماڻهو طرفان پيش ٿئي ها تہ بہ هي منڪر مڃڻ وارا نہ هئا. جيستائين متن عذاهب الاهي نہ اچي ڪڙڪي ۽ اهو عذاب اهڙو تہ اوچتو ۽ اچانڪ ايندو جو هنن کي ان جي ڪا خبر ۽ شعور بہ نہ هوندو. ”فَلَمْ يَكُ يَنْفَعُهُمْ اِيْمَانُهُمْ لَمَّا رَاَوْا بَاْسَنَا“ (المؤمن: 85/40) عذاب ڏسڻ بعد هنن جو ايمان آڻڻ قبول نہ هوندو. حديث شريف ۾ آهي: ”اِنَّ اللّٰهَ يَقْبَلُ تَوْبَةَ الْعَبْدِ مَا لَمْ يُغَرْغِرْ“ الله ٻانهي جي تيستائين توبه قبول ڪري ٿو، جيستائين هن تي حالت نزع طاري نہ ٿئي. يعني عذاب ۽ موت کي ڏسي، مرڻ وقت توبه ڪري اها توبه قبول نہ ٿئي ڪئي وڃي. (جامع ترمذي، مسند احمد، الجامع الصغير) ان وقت هو چوندا تہ اسان کي عذاب کان ڪجهہ وقت مهلت ڏني وڃي، پر قانون مڪافات مطابق اتمامِ حجت بعد مهلت جي مدت گذرڻ بعد ڪا بہ مهلت نہ ملندي آهي ۽ نہ ان وقت جي توبه ۽ شرمساري مقبول آهي، پر جيڪڏهن بالفرض هنن کي مهلت ڏجي بہ تہ ڇا هي دنيا جو مال متاع هنن جي ڪجهہ ڪم ايندو، يعني عذاب کان بچائي سگهندو؟ هرگز نہ بچائي سگهندو. مَا هُوَ بِمُزَحْزِحِهٖ مِنَ الْعَذَابِ اَنْ يُّعَمَّرَ (البقره: 96/2) مهلت ڏئي وڏيڪ عمر ڏيڻ سان هو عذاب کان بچي ڪو نہ سگهندو. ”وَ مَا يُغْنِيْ عَنْهُ مَالُهٗٓ اِذَا تَرَدّٰى“ (الليل: 11/92)

ڇا هي ماڻهو پنهنجن ڪڌن ڪرتوتن، ظلم ۽ زيادتي جي روين جي عقوبتناڪ نتيجن کان بي خبر يا بي پرواهہ ٿي، بار بار ڇئي رهيا آهن تہ جيڪڏهن تون سچو رسول

آهين تہ پوءِ اسان تي اهو عذاب ڇو نٿو اچي، جنهن جي ڊيڄارڻ جا وڏا وڏا فيصلا صادر
ڪري رهيو آهين، ڇا هنن احمقن ۾ عقل جي انڌن کي معلوم ناهي تہ اسان ڪين سندن
مطالبي مطابق ڪجھ سال دنيا ۾ رهڻ ۾ فائدا حاصل ڪرڻ جي مهلت ڏيون بہ تہ پوءِ
جڏهن مقرر وقت تي عذاب ايندو، جنهن بابت خبردار ڪيا ٿا وڃن تہ اها رعايت ۽ مهلت بہ
هنن کي ڪو بہ فائدو ڏئي نہ سگهندي، نہ عذاب کي ٽاري سگهندي نہ گھٽائي سگهندي.
اسان جيڪڏهن انسانن جي رهبري ۽ رهنمائي لاءِ وحي الاهي ۽ پيغمبرن جي بعثت
کانسواءِ عذاب ڏيون تہ اها زيادتي هجي ها، پر اسان هدايت جا سمورا وسيلا مهيا ڪرڻ
بعد ڪين سڌرڻ لاءِ مهلت جو وقت قانون مشيت خداوندي مطابق ڏيڻ ۽ حجت جي پوري
ٿيڻ بعد ڪين سندن ظلمن ۽ زيادتين جي بدلي برابر عذاب ڏيڻ ڪا ظلم يا زيادتي ناهي.
"وَمَا كُنَّا مُعَذِّبِيْنَ حَتّٰى نَبْعَثَ رَسُوْلًا" (بني اسرائيل: 15/17) جيستائين ڪنهن قوم ۾ رسول
نٿا موڪليون، تيستائين انهن کي عذاب نٿا ڏيون. ان ڪري شروع کان ئي رشد و هدايت
جو سلسلو جاري آهي ۽ هي قرآن بہ ان ساڳي هدايت ۽ رهنمائي جو پيغام آهي.

وَمَا تَنَزَّلَتْ بِهِ الشَّيٰطِيْنُ ﴿٢١٠﴾ وَمَا يَنْۢبَغِيْ لَهُمْ وَمَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ﴿٢١١﴾ اِنَّهُمْ
عَنِ السَّمْعِ لَمَعْزُوْلُوْنَ ﴿٢١٢﴾ فَلَا تَدْعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتَكُوْنَ مِنَ
الْمُعَذَّبِيْنَ ﴿٢١٣﴾ وَاَنْذِرْ عَشِيْرَتَكَ الْاَقْرَبِيْنَ ﴿٢١٤﴾ وَاخْفِضْ جَنَاحَكَ لِمَنِ
اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢١٥﴾ فَاِنْ عَصَوْكَ فَقُلْ اِنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّمَّا
تَعْمَلُوْنَ ﴿٢١٦﴾ وَتَوَكَّلْ عَلَى الْعَزِيْزِ الرَّحِيْمِ ﴿٢١٧﴾ الَّذِيْ يَرٰىكَ حِيْنَ
تَقُوْمُ ﴿٢١٨﴾ وَتَقَلُّبَكَ فِي السّٰجِدِيْنَ ﴿٢١٩﴾ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٢٢٠﴾

هن قرآن کي شيطان ڪٺي نازل نہ ٿيا آهن.(210) نہ هي هنن جي لائق آهي ۽ نہ
وري هو ائين ڪري سگهن ٿا. (211) اهي (شيطان تہ) وحي الاهي جي ٻڌڻ کان

پري رکيا ويا آهن.(212) ان ڪري اي پيغمبر ﷺ! تون هڪ خدا کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي نه ٻاڏائجانءِ ورنه تنهنجو شمار به عذاب زده ٽولي ۾ ٿيندو. (213) ۽ (پهريان) پنهنجي قريبي رشتيدارن کي خبردار ڪر.(214) ۽ جيڪي مؤمن تنهنجي نقش قدم تي آهن، انهن لاءِ شفقت ۽ تواضع جي روش رکو.(215) پر جيڪي ماڻهو تنهنجي نافرماني ڪن ته انهن کي چئو ته مان توهان جي هر فعل کان بري الذمه آهيان.(216) ۽ زبردست قوت واري غالب پروردگار ۽ هميشه رحم ڪندڙ رب تي ڀروسو رک. (217) جيڪو توکي ان وقت به ڏسي رهيو آهي، جڏهن تون رات جي پوئين پهر تهجد لاءِ اٿندو آهين. (218) ۽ سجدا ڪندڙ ساٿين جي درميان تنهنجي اچڻ وڃڻ کي به ڏسي رهيو آهي. (119) بيشڪ اهو رب سميع ۽ عليم آهي، هر ظاهر ۽ مخفي آواز ٻڌڻ وارو ۽ دلين جا ڳجها راز ڄاڻڻ وارو آهي.(220)

جڏهن ڪافر حضور خاتم النبيين ﷺ جي زبان مبارڪ تان قرآن پاڪ جي اعجازي بيان فصاحت، بلاغت ۽ ان جي تاثير واري دل آويزي ۽ دلربائي ٻڌي متاثر ٿيندا هئا ته ان کي لڪائڻ لاءِ ان جي صداقت ۽ حقانيت تي طرح طرح جا الزام لڳائيندا هئا ۽ شڪ و شبها پيدا ڪندا هئا. جنهن جي پاڪيزه آيتن، اعلىٰ برتر تعليمات، علم حقائق جو بيان، فصيح، بليغ ۽ دل نشين اسلوب ۽ انداز بيان نه ڪنهن شيطان جي وس جي ڳالهه آهي، نه وري هنن جي ملا الاعلىٰ تائين رسائيءَ جي اجازت آهي. (الحجر: 18/15-17، الصّٰفّٰت: 8/37، الملڪ: 5/67، بني اسرائيل: 88/17، يونس: 38/10، البقره: 23/2) قرآن ۾ خود جنات جو بيان نقل ٿيل آهي ته هن کان اڳ اسان آسمان طرفان ڪجهه ٻڌ سڌ ڪري وٺندا هئاسون، مگر قرآن جي نزول سان هاڻي جيڪڏهن ڪو به اسان مان آسمان ڏانهن اچڻ جي خواهش ڪري ٿو ته ان کي شهاب ثاقب سان پٺائي ڪئي ويندي آهي. (الجن: 72/9-8) فرشتا نوري ۽ جن ناري تخليق جا آهن، ٻنهي جي تخليق گهٽي لطيف آهي ۽ فرشتن سان لطافت ۾ شريڪ

آهي، جڏهن ته انسان مٽيءَ جي تخليق ڪثيف آهي.

عرب ۽ مڪي جا قريش نورِ نبوت ۽ قوت قدسيه کان واقف نه هئا، ان ڪري جادوگر، ڪاهن ۽ شاعر هنن وٽ بشريت کان بالاتر طاقت جا حامل سمجهيا ويندا هئا. هو جڏهن قرآن معجزانا زبان، ان جي فصاحت، بلاغت لفظن جي بناوٽ، ڪلام جي رواني ۽ معاني جي دلفريبي ۽ دلربائي کان متاثر حيران ۽ ششدر ٿي ڪلام کي به جادوگرن جو کيل، ڪاهن ۽ پيشگوئي ڪندڙن جي چرب زباني ۽ شاعرن جو سحر انگيز بيان قرار ڏئي خدا جي نبيءَ کي به شاعر، ڪاهن ۽ جادوگر سڏيندا هئا. ان ڪري سندن هن خام خيالي جي ترديد ڪئي وئي ته هي الله جو ڪلام آهي، ڪنهن شيطان جو شوشو ناهي.

قرآن ڪريم جي حقانيت بيان ڪرڻ بعد ان قرآن جي نزول ۽ حضور ﷺ جي بعثت جو اصل مقصود توحيدِ خداوندي قائم ڪرڻ، ڪفر، شرڪ، بت پرستي ۽ غيرالله جي حڪمن کي حق ۽ سچ سمجهڻ واري باطل نظام جي بيخ ڪني ڪرڻي هئي. ان لاءِ نبي ڪريم ﷺ کي هن اهم ۽ بنيادي نقطي ڏانهن متوجه ڪري، توحيد جي تبليغ جي خاص طريقي سان تاڪيد ڪئي ٿي وڃي ته نبوت جو سڀ کان اهم ۽ اولين فريضو آهي ته خدا سان ڪنهن کي به عبادت، الوهيت ۽ احديت ۾ ذات توڙي صفات اندر ڪنهن کي شريڪ نه ڪجي. جيڪڏهن هن ڏس ۾ ڪا به ڪوتاهي ٿي ته معاذالله! سزا تو تائين پهچي ويندي. اگرچه ظاهري طرح خطاب پاڻ ڪريمن ﷺ جي ذات اقدس کي آهي، اصل مقصود ڪافرن ۽ مشرڪن کي خبردار ڪرڻو آهي ته الله جل شانه کي ڇڏي يا ان سان ڪنهن ٻئي کي مد مقابل ڪري ان کي معبود سمجهي ان جي عبادت ڪرڻ يا انهن جي حڪمن کي خدا جي حڪمن تي ترجيح ڏيڻ اهڙو جرم ۽ تباهه ڪن حرڪت ۽ فعل آهي، جنهن جي سزا کان ڪير به بچي نه سگهندو. جيڪڏهن الله جي رسول ۽ محبوب ﷺ جي روح قدس کي به اهڙي واننگ کان آگاهه ڪيو ويو آهي ته باقي انسانن ڪافرن ۽ مشرڪن جو ڪهڙو حال ٿيندو. ان ڪري الله جي قانون کي مضبوطيءَ سان پڪڙي ۽ غير الله جي غلاميءَ کان بچڻ لازمي آهي. (المائده: 44/5 کان46) پر جيڪي انسان ڪافر، ظالم ۽ فاسق آهن، اهي ئي الله وحده لا شريڪ له جي وحدانيت کان گمراهه آهن.

حضور ﷺ کي حڪم ڏنو ٿو وڃي ته تون پنهنجي قريب ترين رشتيدارن،

عزيزن ۽ اقرباء کي آگاهہ ڪر تہ جيڪڏهن هو پنهنجو عقيدو ۽ عمل درست ۽ راهہ راست تي نہ رکندا تہ هنن کي اها شيءِ ڪم نہ ايندي ۽ ڪو فائدو نہ پهچائيندي تہ اوهان نبيءَ جا رشتيدار آهيو، يعني نجات ۽ مغفرت جي لاءِ حسب نسب ڪم نہ ايندو، پر اعمال ڪم ايندا، حديث شريف ۾ آهي: ” مَنۡ بَطَّأَ بِهٖ عَمَلُهٗ لَمۡ يُسۡرِعۡ بِهٖ نَسَبُهٗ“ سورة الحجرات: 13/49 ۾ آهي: ”اِنَّ اَكۡرَمَكُمۡ عِنۡدَ اللّٰهِ اَتۡقٰىكُمۡ “ اوهان سڀ انسان هڪ مرد هڪ عورت کان پيدا ڪيا ويا آهيو. هاڻي توهان جا ذاتيون، قبيلا ۽ پاڙا ٺي ويا آهن. ڪنهن کي بہ ذات پات، حسب نسب، گوري ڪاري هجڻ سان ڪا بہ فضيلت ناهي. فضيلت ۽ فوقيت ان جي الله وٽ آهي، جيڪو سڀ کان وڌيڪ متقي انسان آهي. اهڙي طرح پاڻ ڪريمن خطبة الوداع ۾ بہ لکن جي ميڙ ۾ اعلان ڪيو تہ اوهان سڀ آدم جي اولاد آهيو. آدم کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو ويو آهي. سڀ انسانيت جي ناطي يڪسان، محترم ۽ مڪرم آهيو، ڪنهن کي بہ عربيءَ تي يا عربيءَ کي ڪنهن عجميءَ تي، گوري کي ڪاري تي ۽ ڪاري کي گوري تي ڪا فضيلت ناهي. ”وَلَقَدۡ كَرَّمۡنَا بَنِيۡۤ اٰدَمَ “ اولادِ آدم سموري عزت ۽ احترام واري آهي.

رشتيدارن کان پوءِ حضور اڪرم ﷺ کي حڪم آهي تہ جيڪي مؤمن تنهنجا وفادار ساٿي ۽ جان نثار سپاهي آهن، انهن سان پنهنجي شفقت، اخلاق حسنه ۽ تواضع جو رشتو مضبوط رک. (الحجر: 88/15) ” فَبِمَا رَحۡمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ لِنۡتَ لَهُمۡ ۚ وَلَوۡ كُنۡتَ فَظًّا غَلِيۡظَ الۡقَلۡبِ لَانۡفَضُّوۡا مِنۡ حَوۡلِكَ ۖ فَاعۡفُ عَنۡهُمۡ وَاسۡتَغۡفِرۡ لَهُمۡ وَشَاوِرۡهُمۡ فِى الۡاَمۡرِ (آل عمران: 156/3) اي پيغمبر ﷺ! الله جي ٻاجهہ ۽ رحم سبب انهن مؤمنن لاءِ نرم مزاج آهين، پر جيڪڏهن شوخ ۽ سخت دل هجين ها تہ يقينًا شمع رسالت جي اردگرد پروانہ وار قربان ٿيڻ لاءِ تيار نہ ٿين ها. ان ڪري هنن جون ڪوتاهيون ڪميون معاف ڪندو رهہ ۽ هنن جي مغفرت ۽ حفاظت گهرندو رهہ ۽ هنن سان رياستي ۽ جماعتي امور ۾ مشورو ڪندو رهہ پر جيڪڏهن ڪجهہ ماڻهو تنهنجو چيو نٿا مڃن ۽ تنهنجي نافرماني ڪن ٿا تہ انهن سان سندن اعمال بد کان بيزاريءَ جو اعلان ڪر. ان ۾ ڪنهن مصلحت جو جواز ناهي.

الله تعالیٰ وٽ حسبي نسبي رشتي کان ايمان جو رشتو وڌيڪ اهم آهي. مؤمن مسلمان ڪير بہ هجي، ڪٿان جو بہ هجي، ڪنهن زبان جي ڳالهائڻ يا ٻئي صوبي يا علائقي جو رهائشي هجي، اهو تنهنجي شفقت، عنايت ۽ حسن سلوڪ جو وڌيڪ

مستحق آهي، پر جيڪو ڪافر آهي، ڪيترو ئي قريبي رشتيدار يا تعلقدار هجي، تنهنجي محبت ۽ دوستي جو حقدار ناهي، يعني "اَلْحُبُّ فِي اللّٰهِ وَالْبُغْضُ فِي اللّٰهِ" اهل معيار آهي. اهڙن ڪافرن کان پاڻ کي بچائي رک. "اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ اِخْوَةٌ" يا "اَلْمُؤْمِنُ لِلْمُؤْمِنِ كَالْبُنْيَانِ" آهي. انهن کان قطع تعلقات ۾ ڪنهن به قسم جو انديشو يا فڪر نه ڪر. (سورة الڪافرون) الله غالب، قوت واري ۽ مدامي بي انداز رحمت ڪرڻ واري تي توڪل رک ۽ مخالفن جي مخالفت، مخاصمت ۽ عداوت کان ڪنهن قسم جو انديشو دل ۾ نه رک. الله پوري ڪائنات جو پروردگار آهي. "اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۙ يُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ" (البقره: 757/2) يعني ان الله تي ڀروسو ڪر، جيڪو توکي هر وقت، هر هنڌ ۽ هر حال ۾ مددگار ۽ معاون ثابت ٿئي، جيڪو تنهنجي هر نقل و حرڪت کان واقف هجي ۽ توهان جي زندگيءَ جا سمورا احوال هن کي معلوم هجن جيڪو دانا، بينا، سميع ۽ عليم به آهي، جنهن وقت تون نماز ۾ آهين ته ان وقت به هو ڏسي رهيو آهي ۽ جنهن وقت سجدا ڪندڙ مؤمنن جي درميان آهين، تنهنجو اچڻ وڃڻ ٿئي ٿو اهو به هن کي معلوم آهي. "حِيْنَ تَقُوْمُ" مان مراد قيام يعني نماز آهي ۽ خاص طرح سان تهجد جي نماز، جنهن جي ادائگي لاءِ ڪين خاص حڪم هيو. "فَتَهَجَّدْ بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ" (بني سرائيل: 79/17)

پاڻ ڪريم ﷺ رات جي پوئين پهر نماز تهجد يا صلواة اليل پابنديءَ سان ادا ڪندا هئا ۽ اهي مؤمن جيڪي حضور ﷺ جي تابعداري ۽ پيروي ۾ شب خيزي عبادتن ۾ مصروف هوندا هيا ته حضور ﷺ انهن کي عبادت جي حالت ۾ ڏسڻ لاءِ سندن اردگرد درميان ۾ چڪر ڏيندا رهندا هئا. الله تعالىٰ پنهنجي هن محبوب ادا کي ڪهڙي نه دل آويز طريقي سان بيان ڪيو آهي. بيشڪ الله جل شانه سميع ۽ عليم آهي. هو هر شيءِ کي ٻڌي به ٿو ۽ ڄاڻي به ٿو. "وَتَقَلُّبَكَ فِي السّٰجِدِيْنَ" مان اهو به مراد آهي، جيڪڏهن جماعت پاڻ ڪريمن ﷺ جي امامت ۾ نماز ادا ڪري، حضور ﷺ پنهنجي پويان بيهندڙن کي به اهڙي طرح ڏسي رهيو آهي، جهڙي طرح پنهنجي اڳيان وارن کي ڏسندو هيو. حديث ۾ آهي: "فَوَاللّٰهِ مَا يَخْفٰى عَلَيَّ خُشُوْعُكُمْ وَلَا رُكُوْعُكُمْ اِنِّيْ لَاَرَاكُمْ مِّنْ وَّرَاءِ ظَهْرِيْ (صحيح بخاري) اوهان جو قلبي خشوع و خضوع ۾ جو ڪجھ ڪيفيت حال هجي ٿي، اها مون کان ڳجهي ناهي، اها به اهڙي طرح ڏسان ٿو، جهڙي طرح پنهنجي اکين آڏو ڏسي سگهان ٿو. حضور ﷺ جي

تهجد جي ذکر بعد سندس صحابہ ڪرام جي رڪوع ۽ سجود جو ذکر آهي. ”تَرٰىهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا يَّبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَرِضْوَانًا ٘ سِيْمَاهُمْ فِيْ وُجُوْهِهِمْ مِّنْ اَثَرِ السُّجُوْدِ ؕ“ (الفتح: 29/48) تون هنن کي ڏسندين تہ هو هميشه رڪوع ۽ سجود ۾ هوندا. خدا جي فضل جا طلبگار رهن ٿا ۽ ان جو رضامندو طلب ڪن ٿا. سجدن جي ڪري سندن نيڪ بختي جي نشاني پيشاني تي ظاهر آهي. ”رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ“ ۽ الفجر: 89/ 27 کان 30.

هَلْ اُنَبِّئُكُمْ عَلٰى مَنْ تَنَزَّلُ الشَّيٰطِيْنُ ؕ ﴿۲۲۱﴾ تَنَزَّلُ عَلٰى كُلِّ اَفَّاكٍ اَثِيْمٍ ۙ ﴿۲۲۲﴾
يُّلْقُوْنَ السَّمْعَ وَ اَكْثَرُهُمْ كٰذِبُوْنَ ؕ ﴿۲۲۳﴾ وَ الشُّعَرَآءُ يَتَّبِعُهُمُ الْغَاوٗنَ ؕ ﴿۲۲۴﴾
اَلَمْ تَرَ اَنَّهُمْ فِيْ كُلِّ وَادٍ يَّهِيْمُوْنَ ۙ ﴿۲۲۵﴾ وَ اَنَّهُمْ يَقُوْلُوْنَ مَا لَا يَفْعَلُوْنَ ۙ ﴿۲۲۶﴾
اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ ذَكَرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا وَّ انْتَصَرُوْا مِنْۢ بَعْدِ
مَا ظُلِمُوْا ؕ وَ سَيَعْلَمُ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْۤا اَيَّ مُنْقَلَبٍ يَّنْقَلِبُوْنَ ؑ ﴿۲۲۷﴾ ع ۱۱ ۱۶ ۱۵

ڇا مان توهان کي ٻڌايان تہ شيطان ڪنهن ڏانهن ايندا آهن. (221) اهي اچن ٿا ڪوڙ گهڙيندڙ گناهگارن ڏانهن.(222) ۽ هو انهن کي ٻڌي سڌي ڳالهيون ٻڌائين ٿا ۽ انهن مان اڪثر ڪوڙا هوندا آهن.(223) ۽ شاعرن جي پيروي گمراهہ ماڻهو ڪندا آهن.(224) توهان ڏسو نٿا تہ هو هر واديءَ ۾ ڀٽڪندا رهن ٿا. (225) هي جو ڪجهہ چون ٿا، اهو ڪن ڪونہ ٿا. (226) انهن ماڻهن کانسواءِ جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا ۽ ڪثرت سان الله جو ذڪر ڪن ۽ هو ظلم ڪندڙن کان بدلو وٺن ٿا ۽ عنقريب هنن ظالمن کي معلوم ٿي ويندو تہ ڪهڙي هنڌ هو موٽي ايندا. (227)

ايام جاهليت ۾ ڪاهن، شاعر ۽ ساحر بشري قوتن ڪان وڌيڪ طاقتور ۽ معتبر سمجها ويندا هئا. سندن خيال هيو تہ شياطين جن انهن کي عالم بالا جون خبرون ڏين ٿا ۽ اهي طبقا جو ڪجھ چون ٿا، صحيح ثابت ٿئي ٿو. قرآن حڪيم جنهن جي باري ۾ گذريل آيتن اندر نهايت صراحت ۽ وضاحت سان بيان ڪيو ويو آهي تہ هي ڪتاب ڪلام الله آهي. مُنَزَّل من الله آهي جيڪو لوح محفوظ ڪان الله جي نگراني ۾ روح الامين جهڙي پاڪ صفت فرشتي نهايت امانت ۽ ديانت سان ان کي قلب محمد ﷺ تي نازل ڪيو آهي، جيڪو "اَلرَّحْمٰنُ○عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ○خَلَقَ الْاِنْسَانَ○عَلَّمَهُ الْبَيَانَ○" (الرحمٰن: 55/1-4) رحمان رب پنهنجي خاص ڪرم سان ان قرآن جي معاني مفهوم ۽ مقصود کي سندن قلب مبارڪ تي شرح و بيان القاءُ ڪيو آهي. اهڙي پاڪيزه ۽ محفوظ ڪلام کي جادوگرن، شاعرن ۽ ڪاهنن ڏانهن منسوب ڪرڻ سراسر جهالت ۽ حماقت آهي. اوهان کي معلوم هجي تہ انهن شيطانن جي هن ڪلام پاڪ سان نہ مناسبت آهي ۽ نہ وري هنن کي اهڙي نادر ڪلام پيش ڪرڻ جي صلاحيت يا قدرت آهي. اهي شيطان تہ پاڻ جهڙن شيطان صفت انسانن ڏانهن ايندا آهن (الجاثيه: 7/45) جيڪي بدڪار، گناهگار ۽ ڪوڙا ڪردار هوندا آهن. "چہ نسبت خاک را با عالمِ پاک" اهي شيطان پاڻ وارا شيطان صفت انسان منتخب ڪندا آهن، جن کي هو ڪوڙن افواهن، دعوائن جا آله ڪار بنائي سگهن. حديث شريف ۾ آهي: "اَلْمَرْءُ مَعَ مَنْ اَحَبَّ" (صحيح بخاري) هر ماڻهو ان سان گڏ هوندو آهي، جنهن کي هو پسند ڪري ٿو. بدڪردار هميشہ بدڪردار جي تلاش ڪندو آهي ۽ ان سان پنهنجو ناتو جوڙيندو آهي. "اَلْخَبِيْثٰتُ لِلْخَبِيْثِيْنَ وَالْخَبِيْثُوْنَ لِلْخَبِيْثٰتِ" يعني جيئن مشهور آهي:

کند ہم جنس با ہم جنس پرواز
کبوتر با کبوتر باز با باز

هر طبقو پنهنجي هم جنس، هم طبع، هم خيال ۽ هم مشرب جي تلاش ۾ هوندو آهي، نيڪ جي دنيا الڳ ۽ بد جي دنيا الڳ آهي.

پرواز ہے دونوں کی اسی ایک فضا میں
کرگس کا جہاں اور ہے شاہیں کا جہاں اور

چڱا کن چڱايون منايون منن
جو جڙي جن سين سو وڙ سوئي کن

(شاهہ لطيف رحمة الله عليه)

اهي شيطان صفت انسان انهن ڪوڙن ۽ جعلي ڪردارن کي مافوق الفطرت سمجهي، انهن جون ڳالهيون ڪن لائي ٻڌن ٿا ۽ شاعر بہ جيڪي حق ۽ سچائي جون حدون پار ڪري غلط بياني ڪندا آهن، مدح وذم ۾ بي اعتدالي اختيار ڪندا آهن ۽ اهي جاهل انهن جا عقيدتمند آهن، جيڪي شاعر خود گمراهيءَ جي صحرا ۾ ڀٽڪندا رهن ٿا، اهي هنن جاهلن کي بہ گمراهہ بنائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿا. اهي جيڪو ڪجهہ چوندا آهن، ان تي هو پاڻ عمل پيرا نہ هوندا آهن. ”لِمَ تَقُوْلُوْنَ مَا لَا تَفْعَلُوْنَ○ كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ اللّٰهِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا لَا تَفْعَلُوْنَ○“ (الصف: 61/3-2) اهڙي ڳالهہ چو ٿا ڪيو، جنهن تي پاڻ عمل نٿا ڪيو، اوهان جي اها روش الله کي سخت ناپسند آهي ۽ بيزار ڪرڻ واري آهي. يعني: ”ديگران را نصيحت و خود را فضيحت“ ها پر اهڙا شاعر ۽ قادر ڪلام انسان انهن گمراهہ شاعرن جي ٽولي ۾ نہ آهن، پر الله جل شانہ ۽ ان جي رسول ﷺ تي ايمان رکن ٿا، عمل صالح ڪن ٿا. بيهوده لغو ۽ بي مقصد شاعري کان اجتناب ڪن ٿا. (يٰس: 36/69، الحاقه: 69/43-40) مگر سندن شاعري بہ دين اسلام ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ جي ثنا ۽ الله تبارڪ و تعالىٰ جي حمد ۽ شڪر ۾ انسان ذات جي رهنمائي ۽ رهبري واري شاعري تحرير يا تقرير ڪن ٿا ۽ ذڪر خدا جي تنوار جاري رکن ٿا ۽ پاڻ تي ٿيندڙ ظلم جو جواب ڏين ٿا. اهي خدا جا نيڪ ٻانها شاعرن جي ان گمراهہ گروهہ ۾ شامل نہ آهن، جهڙي طرح حضرت حسان بن ثابت رضي الله تعالى عنه ۽ امام بوصيري رحمة الله عليه ۽ ٻيا اسلامي شاعر حضور ﷺ جي شان ۽ دفاع ۾ شاعري ڪندا هئا تہ پاڻ ڪريم ﷺ انهن کان خوش ٿي دعائون ڏيندا هئا. حديث شريف ۾ آهي تہ شاعري بہ ٻئي ڪلام وانگر طيب طيب آهي ۽ خبيث خبيث آهي.

اى بسا ابلیس آدم روئی ہست
پس بہرِ دستے نہ باید داد دست

ڪيترا شيطان انساني شڪل صورت ۾ آهن، ان ڪري هر ماڻهو جي هٿ تي هٿ نہ رکو. بيعت نہ ڪيو تابعداري نہ ڪيو ڇو تہ هو شڪل شباهت تہ مومن مسلمان واري رکن ٿا پر منهن ۾ موسىٰ جهڙو اندر ۾ ابليس آهن.

حديث شريف ۾ آهي: ”اِنَّ اللهَ لَا يَنۡظُرُ اِلٰى اَجۡسَامِكُمۡ وَلَآ اِلٰى صُوَرِكُمۡ وَلٰكِنۡ يَّنۡظُرُ اِلٰى قُلُوۡبِكُمۡ وَاَعۡمَالِكُمۡ“ (صحيحين) الله اوهان جي ظاهري (شرعي) شڪل شباهت ۽ اوهان جي ڌن دولت نٿو ڏسي، پر هن جي نگاهہ اوهان جي قلب ۽ اعمال تي آهي. اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّيَّاتِ.

ويني جنين وٽ ڏڪندو ڏور ٿئي
تون تنين سي گڏ اوڏا اڏي پڪڙا

(شاهہ لطيف رحمة الله عليه)

صحبت صالح ترا صالح ڪند
صحبت طالع ترا طالع ڪند

(شيخ سعدي رحمة الله عليه)

———— ●●● ————

الحمد لله والشڪر لہ جو رب ڪريم جي توفيق ۽ عنايت سان اڄ بروز اربع 10 ذيقعده، 1444هجري مطابق 31 مئي 2023ع صبح جو 10 وڳي سورة الشعراء جو ترجمو ۽ شرح بيان لکي پورو ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي. سبحان الله والحمد لله وما توفيقي الا بالله العزيز العليم. بارک الله لي ولکم في القرآن العظيم ونفعني و اياکم بالآيات والذکر الحکيم. سبحان ربک رب العزة عما يصفون و سلام علي المرسلين والحمد لله رب العالمين. الله تعالىٰ هن نماڻي ڪوشش کي منهنجي لاءِ مغفرت جو ذريعو بڻائي ۽ قارئين حضرات لاءِ هدايت جو اثاثو بڻائي. (آمين)

(حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان)

# سُوۡرَةُ النَّمۡلِ

هن سورت جو نالو ٻئي رڪوع جي آيت4 ”وَادِ النَّمۡلِ“ مان ورتو ويو آهي، يعني جنهن سورت ۾ ”نمل“ جو قصو يا لفظ آيل آهي. هيءَ سورت مڪي آهي قرآن جي موجوده ترتيب ۾ هي 27 سورت آهي، پر نزول جي لحاظ سان هن جو شمار 68 لکيو ويو آهي. يعني 67 سورتون هن کان اڳ مڪہ معظمہ ۾ نازل ٿي چڪيون هيون ۽ 46 سورتون هن کان بعد مڪہ ۽ مدينہ ۾ نازل ٿيون. ٻين مڪي سورتن وانگر هن ۾ بہ عقيدن جي اصلاح يعني توحيد جي تعليم، نبوت جو ثبوت ۽ آخرت جو يقين ۽ چند نبي سڳورن عليهم السلام جو تذڪرو آهي. هن سورت ۾ چيو ويو آهي تہ هن جهان کي پيدا ڪرڻ وارو هڪ الله تعالىٰ آهي، انهيءَ انسانن کي پيدا ڪري، سندن هدايت لاءِ وقتًا بہ وقتًا نبي ۽ رسول موڪليا آهن، جن جو سلسلو حضرت محمد خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم تي ٿيو آهي ۽ هي قرآن آخري هدايت نامو آهي، جيڪو انسان کي ٻڌائي ٿو تہ هن کي زندگي ۾ ڇا ڪرڻو آهي. دنيا جي زندگي ٿورا ڏينهن آهي، پر مرڻ بعد سمورن کي وري قبرن مان اٿاريو ويندو ۽ انهن جي اعمال جي جاچ پڙتال ڪئي ويندي ۽ هرهڪ کي پنهنجي عمل مطابق جزا ۽ سزا ڏني ويندي. هن قرآن تي عمل ڪرڻ وارن کي الله جون نعمتون هونديون ۽ انڪار ڪندڙن تي هميشہ جو عذاب هوندو.

هن سورت جا بہ خطبا آهن: (1) پهريون خطبو چوٿين رڪوع جي آخر تي ختم ٿئي ٿو ۽ (2) ٻيو خطبو پنجين رڪوع کان سورت جي آخر تائين آهي. هن ۾ انسانن کي عملي زندگي ۾ الله جي اطاعت، اتباع رسول خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جو حڪم ڏنو ويو آهي. ڪافر آخرت جي عقيدي جو انڪار ڪن ٿا. آخرت جي انڪار سبب ماڻهو غير ذميدار ٿي وڃي ٿو ۽ حساب ڪتاب ٿيڻ جو خوف نہ هجڻ سبب پنهنجي نفس جي خواهشن تي هلي

برايون ۽ بد اخلاقيون ڪري ٿو.

هن سورت ۾ ٽن قسمن جون سيرتون نموني طور پيش ڪيون ويون آهن: (1) پهريون نمونو فرعون جي قوم، ثمود جي قوم عاد ۽ لوط جي قوم جي سيرت ۽ ڪردار جو ذڪر آهي، جن پنهنجي بدڪاريءَ تي مضبوط رهڻ لاءِ نبين جي نبوت جو انڪار ڪيو ۽ پنهنجي مال ڌن ۽ طاقت تي مغرور رهيا ۽ آخرڪار هلاڪ ٿي ويا. (2) ٻيو نمونو حضرت سليمان ؑ جو آهي، جنهن کي الله دولت، حڪومت ۽ شان شوڪت سان ايترو نوازيو هيو، جنهن جو مڪي جا ڪافر خواب ۾ ڏسي نٿا سگهن، پر حضرت سليمان ؑ پاڻ کي الله تعالىٰ آڏو جوابده سمجهندو هيو، ان ڪري هن غرور ۽ وڏائي نه ڏيکاري، پر حڪومت جي پيسي بدران پنهنجو ڏنڊو ڪري گذر ڪندو هيو. (3) ٽيون نمونو ملڪه سبا جو آهي، جيڪا دولت مند قوم جي حڪمران هئي. هن وٽ جنگ جا سمورا سامان ۽ تربيت يافته سپاهي به هيا، پر حضرت سليمان ؑ سان جنگ ڪرڻ بدران ان جي اطاعت قبول ڪري، اسلام ۾ داخل ٿي وئي. خطبي جي ٻئي حصي ۾ انهن حقيقتن طرف مڪي جي ڪافرن کان لاڳيتو سوال ٿي رهيا آهن ته هي شيون اوهان جي شرڪ واري عقيدي جي شهادت ڏين ٿيون يا توحيد جي پيغام جو درس ڏين ٿيون.

———— ●●● ————

آيتون ٩٣ | سُوۡرَةُ النَّمۡلِ (مڪي سورت) | رڪوع ٧

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

طٰسٓ ۚ تِلۡكَ اٰيٰتُ الۡقُرۡاٰنِ وَ كِتَابٍ مُّبِيۡنٍ ۙ﴿۱﴾ هُدًى وَّ بُشۡرٰى
لِلۡمُؤۡمِنِيۡنَ ۙ﴿۲﴾ الَّذِيۡنَ يُقِيۡمُوۡنَ الصَّلٰوةَ وَ يُؤۡتُوۡنَ الزَّكٰوةَ وَ هُمۡ بِالۡاٰخِرَةِ
هُمۡ يُوۡقِنُوۡنَ ﴿۳﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِالۡاٰخِرَةِ زَيَّنَّا لَهُمۡ اَعۡمَالَهُمۡ
فَهُمۡ يَعۡمَهُوۡنَ ؕ﴿۴﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيۡنَ لَهُمۡ سُوۡٓءُ الۡعَذَابِ وَ هُمۡ فِى الۡاٰخِرَةِ
هُمُ الۡاَخۡسَرُوۡنَ ﴿۵﴾ وَ اِنَّكَ لَتُلَقَّى الۡقُرۡاٰنَ مِنۡ لَّدُنۡ حَكِيۡمٍ عَلِيۡمٍ ﴿۶﴾

الثلثة

طاسين يا خدائي ذي الطول والسميع جو ارشاد آهي يا بقول حضرت مخدوم نوح رحمة الله عليه: "بحق طول وسناء ما" يعني بحقِ قدرت و قوت، بلندي و بزرگي (الله جل شانه) هي قرآن ڪتاب مبين جون آيتون آهن. (1) اهي ايمان وارن جي هدايت ۽ بشارت لاءِ آهن. (2) اهي مؤمن جيڪي اقامتِ صلوات جو اهتمام ڪن ٿا ۽ زڪوات ادا ڪن ٿا ۽ يوم آخرت تي يقين رکن ٿا. (3) پر جيڪي ماڻهو آخرت واري ڏينهن تي يقين نٿا رکن، اسان سندن اعمال کي انهن لاءِ دل پسند ڪيو آهي، ان ڪري هو ڀٽڪندا رهن ٿا. (4) هنن ماڻهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي ۽ آخرت ۾ به اهي خساري ۾ هوندا. (5) اي پيغمبر خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وآله وسلم! يقينًا هي قرآن توکي عليم ۽ حڪيم الله جل شانه طرفان عطا ڪيو ويو آهي. (6)

طاسين اصل معنىٰ الله کي معلوم آهي يا خدا ئي ذي الطول وسميع جو ارشاد آهي يا حضرت مخدوم نوح ﷺ جي بقول: "بحق طول وسناء ما" يعني بحق قدرت و قوت، بلندي و بزرگي حق تعالىٰ جو ارشاد آهي تہ يقينًا هي آيتون ان روشن ڪتاب قرآن ڪريم جون آهن، جيڪي ايمان وارن لاءِ هدايت ۽ بشارت آهن. جن ماڻهن جي اها خوبي ۽ خصلت آهي تہ اهي اقامتِ صلوات جو پورو پورو اهتمام ڪن ٿا. نهايت خشوع خضوع، ۽ عجز و نيزاريءَ سان الله جل شانه جي بارگاهہ عالي ۾ سجده ريز ٿين ٿا ۽ باقاعدگيءَ سان الله طرفان عطا ڪيل رزق مان زڪوات ادا ڪن ٿا ۽ آخرت جي هجڻ تي يقين رکن ٿا، جنهن ۾ ڪڏهن بہ شڪ شبهو يا تردد نٿا ڪن، ڪين پوري طرح يقين آهي تہ الله ذوالجلال جي حضور ۾ هڪ مجرم جي صورت ۾ پيش ٿيڻو آهي. سورة البقره: 3/2 ۾ بہ مؤمنن جي نشاني ۽ سڃاڻپ نماز جي قيام زڪوات جي ادائگي ۽ قيامت ڏينهن آخرت تي يقين رکڻو آهي. انسان جي عمل ۽ ڪردار جي چڱي ۽ بري هجڻ جو تعلق عقيده ءِ آخرت تي آهي. جيڪڏهن آخرت جو خيال ئي دل ۾ نہ هجي تہ پوءِ انسان جو عمل ۽ ڪردار بہ چڱو ٿي نٿو سگهي. هي ڪتاب مبين نهايت روشن ۽ واضح آهي، هن کي پنهنجي ثبوت ۽ حق هجڻ ۾ ڪنهن خارجي شهادت جي ضرورت نہ آهي، جو ان جي صحت ۽ صداقت جي تصديق ڪري. هو پنهنجي وضاحت پاڻ ڪري ٿو. (البقره: 23/2، الشعراء: 26/ 192) حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ وارو آهي.

مُحْكَمَاتٌ فَمَا يُبْقِيْنَ مِنْ شُبَهٍ
لِذِيْ شِقَاقٍ وَّ لَا يَبْغِيْنَ مِنْ حَكَمٍ
(قصيده برده)

قرآن جون اهي آيتون حڪم ڏيندڙ ۽ فيصلو ڪندڙ ڪري نازل ڪيون ويون آهن، ان ڪري اهي ڪنهن بہ اختلاف ڪندڙ لاءِ ڪنهن بہ شڪ شبهي جي گنجائش نہ ٿيون رکن، نہ وري ڪنهن بئي تشريح ڪندڙ يا حڪم ڏيندڙ جون محتاج ۽ طلبگار آهن.

لَهَا مَعَانٍ كَمَوْجِ الْبَحْرِ فِيْ مَدَدٍ
وَ فَوْقَ جَوْهَرِهٖ فِي الْحُسْنِ وَالْقِيَمِ
(قصيده برده)

اهي آيتون هڪ ٻئي جي وضاحت ۾ مدد ائين ڪن ٿيون، جيئن سمنڊ جون موجون هڪ ٻئي پٺيان اينديون آهن، پر هي آيتون پنهنجي معنيٰ جي حسن و لطافت ۾ سمنڊ جي موتي ڪان بہ وڌيڪ قيمتي آهن.

مؤمن ماڻهو ايمان جي عملي ۽ قولي تصديق لاءِ نماز جو باجماعت وقت جي پابندي سان اهتمام ڪن ٿا. عوام جي فلاح ۽ بهبودي لاءِ زڪوات جو نظام مضبوط رکن ٿا ۽ قيامت يعني آخرت تي يقين رکن ٿا تہ اهو ڏينهن هر حال ۾ اچڻو آهي. سورة البقره جي آغاز ۾ متقي مسلمانن جي صفت ۾ آيو آهي تہ اهي آخرت تي ايمان رکن ٿا، جنهن لاءِ لفظ ”يُوْقِنُوْنَ“ آيو آهي. پر هنن مؤمنن جي برعڪس جيڪي ماڻهو آخرت کي نٿا مڃين تہ اسان انهن جي اعمال کي هنن لاءِ وڻندڙ ڪري ڇڏيو آهي، سو هو انهن خوشين ۽ عيش عشرت ۾ مست مگن رهن ٿا. هو هن دنيا کي ئي پنهنجو مقصدِ حيات سمجهن ٿا ۽ ان ۾ ئي مطمئن رهن ٿا. سنت الاهي موجب تہ جيڪي ماڻهو هن دنيا کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهن ٿا تہ سندن اعمال ۽ مشغلا بہ هنن جي سوچ، سمجهہ، غور فڪر جي صلاحيتن تي مسلط ٿي وڃن ٿا ۽ هنن کي حرام حلال، جائز ناجائز، غلط صحيح جي تميز ختم ٿي وڃي ٿي ۽ هو پنهنجي هٺ خوشفهمي واري گمراهي ۾ ڀٽڪندا رهن ٿا: ”فَاِنَّهَا لَا تَعْمَى الْاَبْصَارُ وَلٰكِنْ تَعْمَى الْقُلُوْبُ الَّتِيْ فِي الصُّدُوْرِ“ (الحج: 46/22) اکيون انڌيون نہ ٿينديون آهن، پر دليون انڌيون ٿين ٿيون. هو پنهنجن برن ڪمن کي پاڻ لاءِ سٺو سمجهي، ان ۾ وڌندا رهن ٿا. الله تعالىٰ طرفان بہ هنن کي ڍگهي رسي ڏني ٿي وڃي ۽ سندن ارادي ۽ اختيار تي ڪا ڪدغن نٿي لڳائي وڃي. هنن کي پنهنجون برايون بہ نيڪيون نظر اچن ٿيون ۽ هو گمراهيءَ ۾ وڌندا وڃن ٿا. هڪ لفظ جو مادو: ”ع م ی“ آهي، جنهن جي معنىٰ آهي ظاهري ڏسڻ وارين اکين جو انڌو هجڻ، پر ٻيو مادو آهي: ”ع م ہ“ جنهن جي معنىٰ آهي اندر جو انڌو هجڻ. هن آيت ۾ لفظ ”يَعْمَهُوْنَ“ آيو آهي، جنهن جي معنىٰ ٿي ”هو دل جا انڌا ٿي ويا آهن“. هنن لاءِ آخرت ۾ سخت سزائون هونديون ۽ ان ڏينهن هو وڏي خساري ۾ هوندا. هي خدا ذوالجلال جو احسان آهي جو توکي هي قرآن ڪريم جيڪو سراپا نور ۽ هدايت آهي، اهو الله عليم ۽ حڪيم طرفان عطا ڪيو ويو آهي، جنهن جي علم ۽ حڪمت جي ڪا حد ناهي.

اِذۡ قَالَ مُوۡسٰی لِاَهۡلِهٖۤ اِنِّیۡۤ اٰنَسۡتُ نَارًا ؕ سَاٰتِیۡکُمۡ مِّنۡهَا بِخَبَرٍ اَوۡ اٰتِیۡکُمۡ
بِشِهَابٍ قَبَسٍ لَّعَلَّکُمۡ تَصۡطَلُوۡنَ ﴿۷﴾ فَلَمَّا جَآءَهَا نُوۡدِیَ اَنۡۢ بُوۡرِکَ
مَنۡ فِی النَّارِ وَ مَنۡ حَوۡلَهَا ؕ وَ سُبۡحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ﴿۸﴾ یٰمُوۡسٰۤی اِنَّهٗۤ
اَنَا اللّٰهُ الۡعَزِیۡزُ الۡحَکِیۡمُ ۙ﴿۹﴾ وَ اَلۡقِ عَصَاکَ ؕ فَلَمَّا رَاٰهَا تَهۡتَزُّ
کَاَنَّهَا جَآنٌّ وَّلّٰی مُدۡبِرًا وَّ لَمۡ یُعَقِّبۡ ؕ یٰمُوۡسٰی لَا تَخَفۡ ۟ اِنِّیۡ لَا
یَخَافُ لَدَیَّ الۡمُرۡسَلُوۡنَ ﴿ۖ۱۰﴾ اِلَّا مَنۡ ظَلَمَ ثُمَّ بَدَّلَ حُسۡنًۢا بَعۡدَ
سُوۡٓءٍ فَاِنِّیۡ غَفُوۡرٌ رَّحِیۡمٌ ﴿۱۱﴾ وَ اَدۡخِلۡ یَدَکَ فِیۡ جَیۡبِکَ تَخۡرُجۡ بَیۡضَآءَ مِنۡ
غَیۡرِ سُوۡٓءٍ ۟ فِیۡ تِسۡعِ اٰیٰتٍ اِلٰی فِرۡعَوۡنَ وَ قَوۡمِهٖ ؕ اِنَّهُمۡ کَانُوۡا قَوۡمًا
فٰسِقِیۡنَ ﴿۱۲﴾ فَلَمَّا جَآءَتۡهُمۡ اٰیٰتُنَا مُبۡصِرَۃً قَالُوۡا هٰذَا سِحۡرٌ مُّبِیۡنٌ ﴿ۚ۱۳﴾ وَ
جَحَدُوۡا بِهَا وَ اسۡتَیۡقَنَتۡهَاۤ اَنۡفُسُهُمۡ ظُلۡمًا وَّ عُلُوًّا ؕ فَانۡظُرۡ کَیۡفَ کَانَ
ع ١٤/١٦ ١ عَاقِبَۃُ الۡمُفۡسِدِیۡنَ ﴿۱۴﴾

ياد ڪيو، جڏهن موسىٰ عليه السلام پنهنجن گهر وارن کي چيو هيو ته مون کي باهه
ٻرندي نظر اچي ٿي. (6) مان اتان اوهان لاءِ ڪا رستي جي خبر وٺي اچان يا
باهه جو ٽانڊو ڪڍي اچان ته اوهان هٿ سيڪي وٺو. (7) جڏهن موسىٰ عليه السلام ان
باهه وٽ پهتو ته آواز آيو ته جيڪو هن باهه ۾ تجلي ڏيکاري رهيو آهي، اهو
رب العزت تمام جهانن جو پالڻهار پاڪ ۽ مُنزّه آهي. (8) اي موسىٰ عليه السلام اها

تجلي مان پاڻ عزيز ۽ حڪيم الله آهيان. (9) پنهنجي لٺ زمين تي اڇل ڏس اهڙي چري پري پئي، گويا ازدها نانگ آهي. (اهو ڏسي موسىٰ ﷺ) پٺ موڙي ڀڄڻ لڳو ۽ پنتي مڙي بہ نہ ڏٺو (حڪم ٿيو تہ ) موسىٰ ﷺ ڊڄو نہ، بيشڪ اسان جي حضور ۾ پيغمبر ڊڄندا ناهن.(10) ها ڊڄڻ تہ ظالمن کي گهرجي تہ متان گرفت ٿئي، پر جيڪڏهن ظالم بہ براين کي نيڪين سان تبديل ڪري ٿو تہ آءٌ بخشڻ وارو ۽ هميشہ رحم وارو آهيان. (11) ۽ پنهنجو هٿ پنهنجي گريبان ۾ وجهي ڪيو تہ اهو چمڪندو ٻاهر نڪرندو (معجزي طور) بنا ڪنهن بدبوءِ هجڻ جي. هي بہ نشانيون انهن نون نشانين مان آهن، جيڪي فرعون ۽ ان جي قوم لاءِ آهن. (12) جڏهن هنن وٽ اسان جون دلڪشا روشن نشانيون پهتيون تہ چوڻ لڳا هي صاف صاف جادو آهي.(13) هنن اصل حقيقت ڄاڻڻ جي باوجود ظلم ۽ سرڪشي سبب انهن جو انڪار ڪيو. پوءِ ڏس تہ فساد ڪندڙن جو ڪهڙو انجام ٿو ٿئي. (14)

---

هن ڪان اڳ ذڪر ٿي آيو آهي تہ جيڪي ماڻهو دنياوي عارضي مفادن کي پنهنجو مطلوب ۽ مقصود بڻائي، پنهنجي پوري صلاحيت، ذهانت ۽ قابليت رات ڏينهن ان جي حصول جي جستجو ۾ هوندا آهن تہ مشيت خداوندي بہ انهن کي ان راهہ تي هلڻ ڏيندي آهي، جنهن ۾ ڀٽڪندا رهن ٿا ۽ آخرت ۾ انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي. حضور خاتم النبيين ﷺ جي بعثت وقت ڪفار، مشرڪ ۽ قريشِ مڪه جو بہ اهو ئي رويو هيو، سندس ڏينهن جا حالات ۽ واقعات بہ حضرت موسىٰ ﷺ جي دؤر جي واقعن ۽ حالتن سان مماثلت رکن ٿا، ان ڪري هاڻي ان روئداد کي حضور خاتم النبيين ﷺ جي تسلي ۽ اطمينان لاءِ بيان ڪيو ٿو وڃي ۽ مخاطبين مڪه کي خبردار ڪيو ٿو وڃي تہ پيغمبري وهبي عنايت آهي، جيڪا الله جل شانه پنهنجن رسولن کي عطا ڪري ٿو. هي ان وقت جو قصو آهي، جڏهن موسىٰ ﷺ اٺ ڏهہ سال مدين ۾ شعيب ﷺ جي صحبت ۾ رهيو ۽ اتان پنهنجي اصل وطن مصر وڃڻ لاءِ نڪتو ۽ رات جي وقت سردي جي موسم ۾ ڪوهہ سينا يا جبل

موسىٰ وٽ پهتو تہ هن کي ٻرندڙ باھ نظر آئي. هن پنهنجي گهر وارن کي چيو تہ مون کي باھ نظر اچي رهي آهي. اتان ڪنهن ڪان رستي جي خبر وٺجي يا ڪم از ڪم اتان ٿڌ ڪان بچڻ لاءِ ڪو ٽانڊو ڪٽي اچجي. حديث ۾ آهي تہ الله تعالىٰ جي ذات کي نور ۽ نار جي روشني سان تعبير ڪيو ويو آهي. پر جيڪڏهن هو حجاب جا پردا هٽائي تہ رب ذوالجلال ڪان سواءِ ساري مخلوقات سڙي ڀسم ٿي وڃي. جنهن جي تجليءَ جي جهلڪ ڪوه طور کي ريزه ريزه ڪري ڇڏيو هو. هن باھ يا سائي وڻ ۾ الله تعالىٰ پنهنجو پاڻ جلوه نہ ڪيو آهي، پر هي انهي تجلي جو ظهور آهي، جنهن سان فرشتن جي وساطت سان يا خدا جي هم ڪلامي سان نوازيو ويندو آهي.

اگر کوئی شعیب آئے میسر
شبانی سے کلیمی اک قدم ہے

(اقبال رحمة الله عليه)

جتي پهچڻ وقت "نُوۡدِيَ" مجهول جو صيغو يعني آواز ٻڌڻ ۾ آيو، جنهن جو پتو نہ هيو تہ اهو ڪٿان آيو ۽ ڪنهن ڪان آيو. موسىٰ عليه السلام کي غيبي آواز ذريعي آگاھ ڪيو ويو تہ هي باھ جي صورت ۾ اها ذات پاڪ جي تجلي آهي، جو نهايت بابرڪت ۽ منزه آهي،جيڪا پنهنجي مقرب ملائڪن سان اردگرد نظر اچي رهي آهي. ان ڪري گهبرائڻ جي ضرورت ناهي، تسلي جاڻ تہ توکي الله طرفا نوازيو پيو وڃي، جنهن العزيز ۽ الحڪيم ذات توکي ڪلام ڪرڻ جو شرف بخشيو آهي، اهو هر شيءِ ڪان غالب ۽ اختيار ۽ اقتدار جو مالڪ ۽ قوي قوت وارو آهي. ڪو بہ ان جي حڪم جي مزاحمت ڪرڻ وارو ناهي ۽ ان جي طاقت ۽ حڪومت جي برابر ڪير بہ ناهي، ان ڪري هن ازدها (يا ازدها جهڙي ذميداري) ڪان تو کي خوف ڪائڻ نہ گهرجي. هن دلنوازي ۽ دلربائي وارن لفظن ۾ ڪيس مطلع ڪيو تو وڃي تہ الله جل شانه توکي نبوت جي منصب سان نوازڻ ٿو گهري، جنهن کي نبوت جي منصب سان نوازيو ويندو آهي ۽ اهم ذميداري ڏني ويندي آهي تہ اهي مون الله جل شانه جي حفاظت ۾ هوندا آهن. ان ڪري اهڙيون شيون ڊيڄاري نہ ٿيون سگهن ان ڪري بي خوف ۽ مطمئن ٿي وڃ. (الاعراف: 108/7، طٰهٰ: 17/20 ڪان 22، الشعراء: 26/ 33-15، القصص: 28/32-29) ڊڄڻ انهن کي گهرجي، جن ظلم ڪيا آهن ۽

انهن کي ياد ڪري ڏجن، پر اهي به توبه اختيار ڪن ۽ رب کان استغفار گهرن ۽ چڱا عمل ڪن ته انهن جي نيڪين سان سندس برايون تبديل ٿي وڃن ٿيون. جو ته الله جل شانه نهايت بخشش ڪرڻ وارو، پناهه ۽ حفاظت ۾ رکڻ وارو، غفور ۽ رحيم رب آهي، جنهن جي رحمت بي ڪران ۽ لڳاتار رهي ٿي. هن قصي ۾ قريش مڪه جي سردارن، رئيسن کي آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته موسیٰ عليه السلام بي سرو سامان جي حيثيت ۾ نه افرادي قوت, نه مال زر جي دولت، پوءِ به ڪيس الله نبوت سان نوازيو ته پوءِ پيغمبر حق حضرت محمد خاتم النبيين صلی الله عليه وسلم لاءِ اهو چوڻ ته هو يتيم آهي، بي سرو سامان آهي، ان کي نبي ڇو بڻايو ويو آهي، حالانڪ نبوت جا حقدار رئيس ۽ سردار آهن. ڪيترو نه غلط آهي. نبوت خدا جي ذات آهي، هي ڪسبي اثاثو نه آهي. ”ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ“ جنهن جي ظرف ۾ نبوت جي ذميواري کڻڻ ۽ ادا ڪرڻ جي صلاحيت الله ڏيندو آهي ته نبوت به ان کي عطا ڪندو آهي. ٻيو اهو به آهي ته الله جل شانه جي نبيءَ جي مخالفت ۾ هر فرعون هر سردار هر رئيس کي تباهه ۽ برباد ٿيڻو پوندو آهي. حضرت موسیٰ عليه السلام کي نبوت جي اظهار لاءِ فرعون خلاف نو نشانيون ڏنيون، عصا، يدِ بيضا، درياءَ نيل ۾ طوفان، مڪڙ، جوئون ۽ چچڙ، ڏيڏر، رت ملايل پاڻي، بني اسرائيل جو سمنڊ کان سلامت نڪري وڃڻ جهڙيون نشانيون حقيقت جون اکيون کولڻ لاءِ ڏيکاريون ويون، جن کي ڏسي فرعون ۽ سردار سمجهي ويا هئا ته موسیٰ عليه السلام نبي آهي، پر فرعون پنهنجي دعویٰ خدائي جي طاقت ۽ شوڪت جو مظاهرو ڪندي، انهن نشانين کي ڪوڙو چئي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ انهن کي جادو سڏيو. جيڪي ماڻهو حق ۽ سچائيءَ جون نشانيون ڏسي، سمجهي پوءِ به ضد ۽ هٺ ۾ ان جو انڪار ڪن ٿا ته پوءِ انهن فسادي، فتني باز، سرڪش ۽ ظالم ماڻهن جو ڪهڙو انجام ٿئي ٿو. فرعون چيو ته ڇا اسان هنن ٻن پاڻ جهڙن ماڻهن جي ڳالهه مڃي پنهنجو دين ڇڏي ڏيون، حالانڪ انهن جي پوري قوم اسان جي غلام آهي. (المؤمنون: 47/23) جڏهن فرعون انڪار ڪيو، موسیٰ عليه السلام کيس صاف صاف چيو ته توکي چڱيءَ طرح خبر آهي ته هي نشانيون زمين ۽ آسمان جي مالڪ کان سواءِ ڪنهن ٻئي نازل نه ڪيون آهن. (بني اسرائيل: 102/17) فرعون سردارن، رئيسن ۽ فوجي سپهه سالارن ۽ فوج سميت غرق آب ٿي ويو.

وَ لَقَدۡ اٰتَيۡنَا دَاوٗدَ وَ سُلَيۡمٰنَ عِلۡمًا ۚ وَ قَالَا الۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِىۡ فَضَّلَنَا عَلٰى
كَثِيۡرٍ مِّنۡ عِبَادِهِ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۱۵﴾ وَ وَرِثَ سُلَيۡمٰنُ دَاوٗدَ وَ قَالَ يٰۤاَيُّهَا
النَّاسُ عُلِّمۡنَا مَنۡطِقَ الطَّيۡرِ وَ اُوۡتِيۡنَا مِنۡ كُلِّ شَىۡءٍ ؕ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ
الۡفَضۡلُ الۡمُبِيۡنُ ﴿۱۶﴾ وَ حُشِرَ لِسُلَيۡمٰنَ جُنُوۡدُهٗ مِنَ الۡجِنِّ وَ الۡاِنۡسِ وَ الطَّيۡرِ
فَهُمۡ يُوۡزَعُوۡنَ ﴿۱۷﴾ حَتّٰٓى اِذَاۤ اَتَوۡا عَلٰى وَادِ النَّمۡلِ ۙ قَالَتۡ نَمۡلَةٌ يّٰۤاَيُّهَا
النَّمۡلُ ادۡخُلُوۡا مَسٰكِنَكُمۡ ۚ لَا يَحۡطِمَنَّكُمۡ سُلَيۡمٰنُ وَ جُنُوۡدُهٗ ۙ وَ هُمۡ لَا
يَشۡعُرُوۡنَ ﴿۱۸﴾ فَتَبَسَّمَ ضَاحِكًا مِّنۡ قَوۡلِهَا وَ قَالَ رَبِّ اَوۡزِعۡنِىۡۤ اَنۡ اَشۡكُرَ
نِعۡمَتَكَ الَّتِىۡۤ اَنۡعَمۡتَ عَلَىَّ وَ عَلٰى وَالِدَىَّ وَ اَنۡ اَعۡمَلَ صَالِحًا تَرۡضٰٮهُ
وَ اَدۡخِلۡنِىۡ بِرَحۡمَتِكَ فِىۡ عِبَادِكَ الصّٰلِحِيۡنَ ﴿۱۹﴾ وَ تَفَقَّدَ الطَّيۡرَ فَقَالَ مَا
لِىَ لَاۤ اَرَى الۡهُدۡهُدَ ۖ اَمۡ كَانَ مِنَ الۡغَآئِبِيۡنَ ﴿۲۰﴾ لَاُعَذِّبَنَّهٗ عَذَابًا
شَدِيۡدًا اَوۡ لَاۡاَذۡبَحَنَّهٗۤ اَوۡ لَيَاۡتِيَنِّىۡ بِسُلۡطٰنٍ مُّبِيۡنٍ ﴿۲۱﴾ فَمَكَثَ غَيۡرَ بَعِيۡدٍ
فَقَالَ اَحَطْتُّ بِمَا لَمۡ تُحِطۡ بِهٖ وَ جِئۡتُكَ مِنۡ سَبَاٍۭ بِنَبَاٍ يَّقِيۡنٍ ﴿۲۲﴾ اِنِّىۡ
وَجَدْتُّ امۡرَاَةً تَمۡلِكُهُمۡ وَ اُوۡتِيَتۡ مِنۡ كُلِّ شَىۡءٍ وَّ لَهَا عَرۡشٌ عَظِيۡمٌ ﴿۲۳﴾
وَجَدْتُّهَا وَ قَوۡمَهَا يَسۡجُدُوۡنَ لِلشَّمۡسِ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ وَ زَيَّنَ لَهُمُ
الشَّيۡطٰنُ اَعۡمَالَهُمۡ فَصَدَّهُمۡ عَنِ السَّبِيۡلِ فَهُمۡ لَا يَهۡتَدُوۡنَ ۙ ﴿۲۴﴾

۽ اسان دائود ۽ سليمان ﷤ کي وڏو علم عطا ڪيو ۽ هنن ٻنهي چيو تہ الله
جو شڪر آهي، جنهن اسان کي پنهنجي ڪيترن مؤمنن تي فضيلت بخشي
آهي. (15) ۽ سليمان دائود ﷤ جو وارث ٿيو ۽ ان چيو تہ (الله طرفان) اسان
کي پکين جي ٻولي سيکاري وئي آهي ۽ هر شيءِ عطا ڪئي وئي آهي.
بيشڪ هي ان (الله) جو فضل عظيم آهي.(16) ۽ سليمان ﵇ لاءِ جنن،
انسانن ۽ پکين جو لشڪر گڏ ڪيو ويو ان لاءِ تہ انهن جي درجابندي ڪئي
ٿي وئي. (17) ايتري قدر جو جڏهن ڪيولين واري هنڌ پهتا تہ هڪ ڪيولي
(چيونٽي) چيو تہ اي ڪيوليو! پنهنجي پنهنجي رهائش واري هنڌ داخل ٿي
وڃو، ائين نہ ٿئي تہ توهان کي سليمان ﵇ جو لشڪر بي خبريءَ ۾ چيپاٽي
ڇڏي. (18) سليمان ﵇ اهو ٻڌي خوش ٿي مسڪرائڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ اي
منهنجا پروردگار! مون کي توفيق عطا ڪر تہ مان تنهنجي هن نعمت ۽
عنايت جو شڪر ادا ڪريان، جا تو مون کي ۽ منهنجي والدين کي عطا ڪئي
آهي تہ جيئن مان نيڪ عمل ڪريان، جن سان تون راضي هجين ۽ مون کي
پنهنجي نيڪ ٻانهن ۾ داخل ڪرين. (19) جڏهن پکين جو معائنو ڪيو تہ
چيائين مون کي هد هد نظر نٿو اچي، ڇا هو غير حاضر آهي. (20) مان هن کي
سخت سزا ڏيندس يا ان کي ذبح ڪري ڇڏيندس يا مون وٽ چٽو دليل (عذر)
ٻڌائي.(21) ٿوري دير ۾ ئي هد هد اچي ويو، جنهن چيو تہ مان سبا جي ملڪ
جي هڪ يقيني خبر تو وٽ کڻي آيو آهيان. (22) مون کي معلوم ٿيو تہ هڪ
عورت انهن جي حڪمران آهي، ان کي هر طرح جو سازو سامان ميسر آهي ۽
ان جو هڪ وڏو تخت بہ آهي. (23) مون کي چڱي طرح معلوم ٿيو آهي تہ هو
پاڻ ۽ سندس قوم الله کان سواءِ سج جي پوڄا ڪن ٿا ۽ شيطان هنن جي اهڙن
عملن کي انهن لاءِ نهايت دلپسند بڻائي ڇڏيو آهي ۽ هنن کي راهہ راست کان
روڪي رکيو آهي، ان ڪري هو گمراهہ ۽ غرق آهن. (24)

پوين آيتن ۾ حضرت موسىٰ عليه السلام کي پوري طرح معجزات سان مسلح ڪري چڏيو هيو تہ جيئن هڪ ظالم، منتقم، جابر ۽ سرڪش بادشاهہ کي حق ۽ سچائي تسليم ڪرائي سگهي. هن روئداد جي بيان ڪرڻ سان حضور خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم بہ سندس مخالفن جي مخالفت ۽ عداوت کي سمجهي سگهي ۽ قوم جي انڪار تي دل برداشتہ نہ ٿئي، چو تہ اها الله جي سنت رهي آهي تہ هو هر حال ۾ نبين کي دليل ۽ برهان جي نعمت عطا ڪري، علم و حڪمت سان نوازي، مخالفن تي ڪاميابي عطا ڪندو آهي. فرعون کي بہ بادشاهي ۽ مال دولت جي فراوانيءَ سان نوازيو ويو، پر هن خدا هجڻ جي دعوىٰ ڪري چڏي. غريبن تي ظلم و ستم جي انتها ڪري چڏي، شاهي خزاني کي پنهنجي ملڪيت سمجهي، عيش و عشرت، اسراف ۽ فضوليات تي خرچ ڪيو. پر ان جي برعڪس حضرت دائود ۽ حضرت سليمان عليهما السلام الله کان علم جي دعا گهري. الله جي ان عطا ڪيل علم ۾ هنن عوام جي فلاح ۽ بهبود ڪئي. قومي خزانو عوام تي خرچ ڪيو ۽ پاڻ محنت مزدوري ڪري پنهنجو گهر هلايو. انهيءَ سلسلي مطابق حضرت دائود ۽ حضرت سليمان عليهما السلام کي خاص حڪمت ۽ معرفت جو علم عطا ڪيو آهي، جنهن سبب هو نبوت سان گڏ سڀ کان وڏي طاقتور، مضبوط ۽ مستحڪم سلطنت قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا (الانبياء: 79/21، سبا: 10/34) ۽ هنن کي مؤمنن جي وڏي اڪثريت تي فضيلت عطا ڪئي وئي. هو فرعون وانگر هن خداداد نوازشن تي مغرور، سرڪش ۽ ظالم نہ ٿيا، پر الله جا شڪرگذار ٻانها ثابت ٿيا. دائود عليه السلام زبور پڙهندو هيو، يا الله جي تحميد ۽ تسبيح ڪندو هيو تہ لحنِ دائودي جي مسرور ڪن ۽ سحر انگيز آواز سان انسان، چرند پرند بہ وجد ۾ اچي ويندا هئا. پهاڙ بہ خدا جي حمد ۾ نغما سرا ٿي ويندا هئا. ايڏي وڏي سلطنت ۽ سطوت جي باوجود قومي خزاني مان ڪجهہ بہ خرچ نہ ڪندا هئا، پر ذاتي محنت مزدوري ڪري گذر سفر ڪندا هئا. دائود عليه السلام لوهہ مان باريڪ زرهون ايجاد ڪيون، جيڪي ان وقت جي جنگ جو مضبوط دفاعي هٿيار هيون. دائود ۽ سليمان عليهما السلام هن ايڏي وڏي نعمت يعني نبوت ۽ ان سان گڏ بادشاهت ۾ خدا تعالىٰ جا شڪرگذار ٻانها رهيا ۽ هميشہ حمد و تسبيح ۾ مشغول رهيا. حضرت سليمان عليه السلام دائود عليه السلام جو وارث ٿيو ۽ کيس نبوت سان گڏ عظيم سلطنت جي بادشاهيءَ سان بہ نوازيو ويو

۽ اهڙو ملڪ ۽ اقتدار عطا ڪيو ويو، جو بعد ۾ ڪنهن کي نه مليو. جنن، جانورن، پکين مان هر هڪ جي الڳ الڳ صف بندي ڪئي وئي، هر فوجي دستو نظم وضبط جو حضر توڙي سفر ۾ پابند هوندو هيو ۽ هوا کي به هن جي تابع ڪيو ويو، جيڪا هن جي تخت کي ايترو تيز اڏائيندي هئي، جو ان وقت جي حساب سان هڪ مهيني جو سفر اڌ ڏينهن ۾ پورو ٿي ويندو هو ۽ ڪيس چرند پرند، جانورن ۽ پکين جي ٻولي سمجهڻ جي صلاحيت به ڏني. هن جي لشڪر ۾ انسان، جن ۽ پکي سڀ شامل هئا.

هڪ ڀيرو جڏهن هو اهڙي واديءَ کان گذري رهيو هو، جتي نمل (ڪيوليون) ڪثرت سان موجود هيون، سو حضرت سليمان عليه السلام جي لشڪر کي ايندو ڏسي ڪيولين جي پاسبان ڪيولين کي خبردار ڪيو ته جلد از جلد پنهنجي مسڪن ۾ هليا وڃو، ائين نه ٿئي ته سليمان عليه السلام جو لشڪر اوهان کي لتاڙي ڇڏي. ڪجھ تفسيرن ۾ آهي ته نمل واديءَ جي حڪمران به ملڪه عورت هئي، جڏهن هن حضرت سليمان عليه السلام جي لشڪر جي آمد جي خبر ٻڌي تڏهن پنهنجي رعايا کي چيو گهرن ۾ محفوظ ٿيو، سليمان عليه السلام جي لشڪر کي آرام سان گذرڻ ڏيو ته جيئن اهي اوهان کي ڇيپاٽي نه ڇڏين. ياد رهي ته ڪيولين کي الله جل شانه انسانن وانگر اهڙو عقل عطا ڪيو آهي، جو هو اتحاد ۽ اجتماع ۾ هلنديون آهن، ڪجھ ڪيوليون انهن جي نگراني ڪنديون آهن، ڪجھ اناج گڏ ڪنديون آهن، ڪڻڪ ۽ چانور کي به ٽڪر، دال کي چار ٽڪرا ڪري نمي ۾ ڦٽڻ کان بچائي رکنديون آهن. حضرت سليمان عليه السلام ان ڪيوليءَ جو آواز ٻڌي ورتو ۽ حيرت ۽ تعجب سان مسڪرايو ۽ الله جل شانه جو شڪر ادا ڪيو، جنهن هن کي ڪيوليءَ جي ٻولي سمجهڻ جي توفيق عطا ڪئي ۽ ان وقت دعا گهرڻ لڳو ته مون کي پنهنجي توفيق سان هنن نعمتن جو حق ادا ڪرڻ ۽ گمراهيءَ کان بچڻ لاءِ پنهنجو شڪرگذار ٻانهو ڪر، جيڪي نعمتون مون تي ۽ منهنجي والدين تي ٿيون آهن ۽ مان اهڙا نيڪ ڪم ڪريان، جنهن ۾ تنهنجي رضا شامل هجي. ظلم، غرور ۽ سرڪشيءَ کان مون کي دور رک. عجز نياز نوڙت جي راھ تي هلاءِ ۽ اهڙا چڱا عمل ڪراءِ، جنهن سان مان دوزخ جي عذاب ۽ تنهنجي گرفت کان بچي وڃان ۽ پنهنجي احسان فضل ۽ ڪرم سان مون کي پنهنجي صالح ٻانهن جي صف ۾ شامل ڪر.

ياد رهي ته هي اهي بادشاھ هيا، جيڪي قومي خزاني مان خرچ نه ڪندا هئا.

اهڙي طرح هندستان جي حڪمران اورنگزيب عالمگير لاءِ مشهور آهي تہ هو ٽوپيون
ٺاهي وڪڻندو هو ۽ ان تي گذارو ڪندو رهيو، اهڙي طرح التمش بہ نهايت ساديءَ سان
زندگي گذاري. صحابہ ڪرام ۽ حضرت عمر بن عبدالعزيز رحمه الله بہ ان ساديءَ سان
زندگي گذاري، پر اسان جا مسلمان حڪمران جنهن عياشي سان قومي خزانو لٽي رهيا
آهن، ان جو ڪين پورو پورو حساب ڏنو ويندو. "ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَىِٕذٍ عَنِ النَّعِيْمِ" (التكاثر:
8/102) حضرت عمر رضي الله تعالیٰ عنہ فرمايو: "لَوْ اَنَّ مَاتَتْ سَخْلَةٌ عَلٰى شَاطِئِ الْفُرَاتِ اَخَذَهَا الذِّئْبُ لَيُسْئَلُ
عَنْهَا عُمَرُ" هتان ڪان گهٽو پري فرات جي ڪناري وٽ بہ جيڪڏهن بگهڙ ٻڪري جي ڦر
ڪي پڪڙي ڪائي ته، ان جو پڇاڻو عمر رضي الله تعالیٰ عنہ ڪان ٿيندو. حضرت سليمان عليه السلام جي
انسانن، جنن ۽ پکين جي الڳ الڳ فوج هئي، پکين کي تربيت ڏئي، پيغام رساني،
پاڻيءَ جي موجودگي وغيره جهڙا ڪم ورتا ويندا هئا. جهڙي طرح اڄ ڪلهہ فوج تربيت
يافتہ ڪتن کان ڪم وٺندي آهي. سو پکين جي فوج جي معائنہ وقت هن ڏٺو تہ هدهد
موجود نہ هيو. هدد فسلطين ۾ وڏي انگ ۾ موجود آهي. جڏهن حضرت سليمان عليه السلام ڏٺو
تہ هد هد بغير اطلاع ۽ اجازت جي ڪٿي ويو آهي. ڪيس هن غير حاضريءَ تي سخت
سزا ڏني ويندي، جيڪڏهن ڪو بہ معقول عذر پيش ڪري نہ سگهيو تہ ان کي ڪهي
ڇڏيندس. ايتري ۾ هدهد بہ اچي ويو ۽ خدمت ۾ حاضر ٿي چيائين تہ مان پنهنجي ڪنهن
ڪم سان ڪو نہ ويو هوس، پر اصل ۾ ڪار سرڪار جي سلسلي ۾ ويو هوس. مان اهڙي
يقيني ۽ پڪي پختہ خبر ڪٺي آيو آهيان، جنهن جو اوهان کي ڪو علم ناهي. مان
پنهنجي اکين سان ڏسي آيو آهيان تہ سبا جي ملڪ تي هڪ عورت جي حڪومت آهي ۽
اها ماڻهن تي بادشاهي ڪري رهي آهي. هن کي هر قسم جو جاهہ و جلال ۽ مال اسباب
موجود آهي. هو پاڻ ۽ سندس قوم، سج جا پوڄاري آهن. بت پرستيءَ ۾ غرق آهن.
شيطان هنن کي گمراهہ ڪري رهيو آهي، ان ڪري راهہ هدايت ڪان گهڻو دور آهن.

اَلَّا يَسْجُدُوْا لِلّٰهِ الَّذِيْ يُخْرِجُ الْخَبْءَ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ يَعْلَمُ مَا
تُخْفُوْنَ وَ مَا تُعْلِنُوْنَ ﴿٢٥﴾ اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ۩ ﴿٢٦﴾ السجدة ٨

قَالَ سَنَنْظُرُ اَصَدَقْتَ اَمْ كُنْتَ مِنَ الْكٰذِبِیْنَ ﴿۲۷﴾ اِذْهَبْ بِّكِتٰبِیْ هٰذَا
فَاَلْقِهْ اِلَیْهِمْ ثُمَّ تَوَلَّ عَنْهُمْ فَانْظُرْ مَاذَا یَرْجِعُوْنَ ﴿۲۸﴾ قَالَتْ یٰۤاَیُّهَا
الْمَلَؤُا اِنِّیْۤ اُلْقِیَ اِلَیَّ كِتٰبٌ كَرِیْمٌ ﴿۲۹﴾ اِنَّهٗ مِنْ سُلَیْمٰنَ وَ اِنَّهٗ بِسْمِ اللّٰهِ
الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ﴿۳۰﴾ اَلَّا تَعْلُوْا عَلَیَّ وَ اْتُوْنِیْ مُسْلِمِیْنَ ﴿۳۱﴾ ع ٢/١٧

تہ جيئن جيڪو الله زمين ۽ آسمانن ۾ لڪل شين کي ڪڍي ٿو، ان کي سجدو نہ ڪن ۽ توهان جو ڪجھ ڳجھہ ۾ ڪيو ٿا يا ظاهر ۾ ڪيو ٿا الله ان کي ڄاڻي ٿو.(25) الله کانسواءِ ڪو بہ معبود ناهي. اهو ئي عرش عظيم جو مالڪ آهي. (26) سليمان عليه السلام چيو تہ چڱو اسان ڏسون ٿا تہ تو سچ چيو آهي يا ڪوڙ ڪيو آهي. (27) هي منهنجو خط کڻي وڃ ۽ اهو هنن کي پهچايو، پوءِ هنن کان الڳ ٿي ڏس تہ ڇا ٿا چون.(28) هن (ملڪہ) چيو تہ اي منهنجا درٻاريو! مون کي هڪ گرامي نامو مليو آهي. (29) اهو خط حضرت سليمان عليه السلام جي طرفان آهي، جيڪو الله رحمان رحيم جي اسم مبارڪ طرف دعوت آهي. (30) جنهن ۾ آهي تہ منهنجي مقابلي ۾ سرڪشي نہ ڪيو ۽ منهنجي تابعداري ڪري مون وٽ حاضر ٿيو.(31)

حيرت ۽ عبرت جو مقام آهي تہ اهي ماڻهو حقيقي معبود يعني الله جل شانه کي پنهنجو معبود نٿا سمجهن. ان خدا کي جيڪو ڪائنات جي مخفي خزانن ۽ ذخيرن جي هر شيءِ کي ضرورت وقت ٻاهر آڻي ٿو. هن جو اهو علم بسيط رڳو خارجي ڪائنات تائين محدود ناهي، پر هو غيب ۽ پوشيده شين کان بہ بخوبي آگاهہ آهي. هي اهو بہ ڄاڻي ٿو تہ اوهان جيڪي دل ۾ سوچي رهيا آهيو يا ظاهر ڪري رهيا آهيو، ٻنهي صورتن ۾ يعني ظاهر ۽ باطن کان باخبر آهي. "وَ اَسِرُّوْا قَوْلَكُمْ اَوِ اجْهَرُوْا بِهٖ اِنَّهٗ عَلِیْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ"

(الملک: 13/67) ڳجهي ڳجهي ڳالهه يا کلم کلا بيان ڪريو ته الله سينن جو راز ڄاڻيندڙ آهي. ”يَعۡلَمُ خَآئِنَةَ الۡاَعۡيُنِ وَ مَا تُخۡفِي الصُّدُوۡرُ“ (المؤمن: 19/40) اکين جي خيانت (بي حيائي) واري نگاهه ۽ جيڪي راز سينن ۾ ڇپايل آهن، انهن سڀ کي هو ڄاڻي ٿو. ”اِنَّ اللّٰهَ يَعۡلَمُ غَيۡبَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ“ (الحجرات: 18/49) آسمانن ۽ زمين جي غيب ۽ نامعلوم نامحسوس شين کان به واقف آهي. ”يٰبُنَيَّ اِنَّهَآ اِنۡ تَكُ مِثۡقَالَ حَبَّةٍ مِّنۡ خَرۡدَلٍ فَتَكُنۡ فِيۡ صَخۡرَةٍ اَوۡ فِي السَّمٰوٰتِ اَوۡ فِي الۡاَرۡضِ يَاۡتِ بِهَا اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَطِيۡفٌ خَبِيۡرٌ ۝“ (لقمان: 16/31) حضرت لقمان عليه السلام پنهنجي پٽ کي نصيحت ڪندي فرمائي ٿو ته ”اي منهنجا پٽ! جيڪڏهن ڪا به شيءِ سرنهن جي داڻي جيتري به آهي (يا ان کان به ننڍي) پوءِ اها ڪنهن پٿر جي اندر پوشيده هجي (۽ پٿر ڀڄڻ کان پوءِ ئي ظاهر ٿئي) يا آسمانن ۽ زمين جي پنهاين ۾ لڪل هجي ته به الله ان کي آڻي حاضر ڪندو. بيشڪ الله باريڪ بين ، هر شيءِ جي خبر رکڻ وارو آهي. ڏسو آسمان ۾ اڻ ڪٿ تارن، برجن ڪهڪشان، سج، چنڊ ۽ ستارن جي حرڪت، چرپر ۽ ساري فلڪي ۽ شمسي نظام کان آگاهه آهي ته زمين ۾ موجود پهاڙ پهاڙن ۾ سون، چاندي ۽ قيمتي شين جا ذخيرا، گيس، پاڻي، درياءَ، نديون، سمنڊ، کيت ۽ ٻيون سڀ ڪجهه جيڪو ڪجهه ڪائنات ۾ موجود آهي يا وقوع پذير ٿيڻ وارو آهي، اهو سڀ الله جي بسيط ۽ بي ڪران علم ۾ آهي. هو هڪ معبود آهي ۽ اهو ئي عرش عظيم جو مالڪ آهي. هد هد! ڇڱو تنهنجي هن ڳالهه جي تصديق ڪري ٿا ونون ته تون سچ چئي رهيو آهين يا پنهنجي جان بچائڻ لاءِ خود ڳالهه گهڙي رهيو آهين. هاڻي تنهنجو سچ ۽ ڪوڙ ظاهر ٿي ويندو ۽ تنهنجو ڪو به عذر قبول نه ڪيو ويندو. حضور خاتم النبيين صلی الله علیه وآله وسلم جو ارشاد گرامي آهي: ”وَلَيۡسَ اَحَدٌ اَحَبَّ اِلَيۡهِ الۡعُذۡرُ مِنَ اللّٰهِ مِنۡ اَجۡلِ ذٰلِكَ اَنۡزَلَ الۡكِتَابَ وَاَرۡسَلَ الرُّسُلَ“ (صحيح مسلم) الله کان وڌيڪ عذر قبول ڪرڻ وارو ڪو ناهي، ان ڪري هن قرآن نازل ڪيو ۽ رسول مبعوث ڪيو. ڇڱو هاڻي منهنجو هيءُ خط کڻي وڃ ۽ اهو انهن تائين پهچاءِ، پوءِ ٿورو پري رهي ڏس ته ان جو ڇا اثر ٿيو ۽ هنن جو ڪهڙو رد عمل آهي؟ (ملڪه) خط ڏسي يڪدم پنهنجي خاص مشيرن جو اجلاس گهرائي ورتو ۽ پنهنجي شرفاء ۽ سردارن کي چيو ته مون وٽ هڪ گرامي نامو پهتو آهي، جيڪو نهايت شريفانه انداز ۾ لکيو ويو آهي، جنهن ۾ سليمان عليه السلام جي خط جو مفهوم اهو آهي ته هڪ الله

عزو جل جي صفت ربوبيت ۾ بي ڪران بي انداز ۾ لڳاتار دائمي رهڻ واري رحمت پري انسان فلاح و بهبود ۾ نشوونما واري دعوت آهي، جنهن جي مد نظر چيو ويو آهي تہ اوهان هر طرح جي سرڪشي ۾ زور آزمائيءَ کان بچندي منهنجي اطاعت ڪريو ۾ الله جي قانون اڳيان سرتسليم خم ڪريو. هن خط ۾ حضرت سليمان عليه السلام طرفان بسم الله الرحمٰن الرحيم آئي آهي. هي قرآن مجيد جو واحد مقام آهي، جنهن جي سورة جي وچ ۾ بسم الله الرحمٰن الرحيم آئي آهي، پر سورة التوبه کان سواءِ باقي 113 سورتن ۾ بسم الله الرحمٰن الرحيم هڪ جدا آيت آهي. ڪجهہ مفسرن جو چوڻ آهي تہ بسم الله الرحمٰن الرحيم رڳو برڪت لاءِ لکي وئي آهي.

قَالَتْ يٰۤاَيُّهَا الْمَلَؤُا اَفْتُوْنِيْ فِيْۤ اَمْرِيْ ۚ مَا كُنْتُ قَاطِعَةً اَمْرًا حَتّٰى
تَشْهَدُوْنِ ﴿٣٢﴾ قَالُوْا نَحْنُ اُولُوْا قُوَّةٍ وَّ اُولُوْا بَاْسٍ شَدِيْدٍ ۙ۬ وَّ الْاَمْرُ
اِلَيْكِ فَانْظُرِيْ مَا ذَا تَاْمُرِيْنَ ﴿٣٣﴾ قَالَتْ اِنَّ الْمُلُوْكَ اِذَا دَخَلُوْا قَرْيَةً
اَفْسَدُوْهَا وَ جَعَلُوْۤا اَعِزَّةَ اَهْلِهَاۤ اَذِلَّةً ۚ وَ كَذٰلِكَ يَفْعَلُوْنَ ﴿٣٤﴾ وَ اِنِّيْ
مُرْسِلَةٌ اِلَيْهِمْ بِهَدِيَّةٍ فَنٰظِرَةٌۢ بِمَ يَرْجِعُ الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٣٥﴾ فَلَمَّا جَآءَ
سُلَيْمٰنَ قَالَ اَتُمِدُّوْنَنِ بِمَالٍ ۫ فَمَاۤ اٰتٰىنِۦَ اللّٰهُ خَيْرٌ مِّمَّاۤ اٰتٰىكُمْ ۚ بَلْ
اَنْتُمْ بِهَدِيَّتِكُمْ تَفْرَحُوْنَ ﴿٣٦﴾ اِرْجِعْ اِلَيْهِمْ فَلَنَاْتِيَنَّهُمْ بِجُنُوْدٍ لَّا
قِبَلَ لَهُمْ بِهَا وَ لَنُخْرِجَنَّهُمْ مِّنْهَاۤ اَذِلَّةً وَّ هُمْ صٰغِرُوْنَ ﴿٣٧﴾ قَالَ
يٰۤاَيُّهَا الْمَلَؤُا اَيُّكُمْ يَاْتِيْنِيْ بِعَرْشِهَا قَبْلَ اَنْ يَّاْتُوْنِيْ مُسْلِمِيْنَ ﴿٣٨﴾ قَالَ
عِفْرِيْتٌ مِّنَ الْجِنِّ اَنَا اٰتِيْكَ بِهٖ قَبْلَ اَنْ تَقُوْمَ مِنْ مَّقَامِكَ ۚ وَ اِنِّيْ
عَلَيْهِ لَقَوِيٌّ اَمِيْنٌ ﴿٣٩﴾ قَالَ الَّذِيْ عِنْدَهٗ عِلْمٌ مِّنَ الْكِتٰبِ اَنَا اٰتِيْكَ

بِهٖ قَبْلَ اَنْ يَّرْتَدَّ اِلَيْكَ طَرْفُكَ ؕ فَلَمَّا رَاٰهُ مُسْتَقِرًّا عِنْدَهٗ قَالَ هٰذَا
مِنْ فَضْلِ رَبِّيْ ۫ۖ لِيَبْلُوَنِيْۤ ءَاَشْكُرُ اَمْ اَكْفُرُ ؕ وَمَنْ شَكَرَ فَاِنَّمَا يَشْكُرُ
لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ رَبِّيْ غَنِيٌّ كَرِيْمٌ ۝۴۰ قَالَ نَكِّرُوْا لَهَا عَرْشَهَا
نَنْظُرْ اَتَهْتَدِيْۤ اَمْ تَكُوْنُ مِنَ الَّذِيْنَ لَا يَهْتَدُوْنَ ۝۴۱ فَلَمَّا جَآءَتْ قِيْلَ
اَهٰكَذَا عَرْشُكِ ؕ قَالَتْ كَاَنَّهٗ هُوَ ۚ وَاُوْتِيْنَا الْعِلْمَ مِنْ قَبْلِهَا وَكُنَّا
مُسْلِمِيْنَ ۝۴۲ وَصَدَّهَا مَا كَانَتْ تَّعْبُدُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ اِنَّهَا كَانَتْ مِنْ
قَوْمٍ كٰفِرِيْنَ ۝۴۳ قِيْلَ لَهَا ادْخُلِي الصَّرْحَ ۚ فَلَمَّا رَاَتْهُ حَسِبَتْهُ لُجَّةً وَّ
كَشَفَتْ عَنْ سَاقَيْهَا ؕ قَالَ اِنَّهٗ صَرْحٌ مُّمَرَّدٌ مِّنْ قَوَارِيْرَ ؕ۬ قَالَتْ رَبِّ
اِنِّيْ ظَلَمْتُ نَفْسِيْ وَاَسْلَمْتُ مَعَ سُلَيْمٰنَ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝۴۴ ع ۳ ۱۳ ۱۸

هن چيو تہ اي منهنجي دربار جا مشيرؤ ۽ سردارؤ! منهنجي هن معاملي ۾ مون کي مشورو ڏيو، اوهان جي موجودگي (۽ شوريٰ) کانسواءِ آءٌ کو فيصلو نہ ڪندي آهيان. (32) هنن چيو تہ اسان ڪافي زور آور ۽ سخت لڙاڪو آهيون، تون جيڪو بہ مناسب سمجهي فيصلو ڪرين. (33) هن چيو تہ جڏهن بادشاهہ ڪنهن وسنديءَ ۾ فتح ڪرڻ بعد داخل ٿيندا آهن تہ ان ڪي درهم برهم ۽ ان جي عزتدار ماڻهن کي ذليل ڪري ڇڏيندا آهن. (34) مان پنهنجي ايلچيءَ هٿان ان ڏانهن ڪجهہ تحفا موڪليان ٿي پوءِ ڏسان تہ ڪهڙو جواب کڻي ٿو اچي.(35) جڏهن قاصد سليمان ؑ وٽ پهتو تہ سليمان ؑ چيو تہ ڇا اوهان مون کي مال و دولت جي پيشڪش ڪري رهيا آهيو تہ مان اوهان کان تحفا

وٽي اوهان کي حق جو پيغام پهچائڻ کان رڪجي وڃان، جيڪو ڪجهه الله تعالىٰ مون کي عطا ڪرڻ فرمايو آهي، اهو اوهان جي ڏنل مال متاع کان گهڻو بهتر آهي. هي اوهان جو رسم و رواج آهي جو تحفن تي خوش ٿيندا آهيو.(36) توهان پنهنجي موڪليندڙ (ملڪه) ڏانهن واپس وڃو، اسان هنن تي اهڙي لشڪر سان حملو ڪنداسون، جنهن جي مقابلي جي هنن ۾ سگهه نه هوندي ۽ هنن کي اتان بيعزتو ڪري تڙي ڪيدنداسون ۽ هو ذليل و خوار هوندا. (37) سليمان ؑ پنهنجي دربار وارن کي مخاطب ٿي چيو ته هن کان اڳ جو اسان وٽ اطاعت گذار ٿي حاضر ٿئي، سندس (ملڪه جو ) تخت مون وٽ ڪير ٿو ڪٽي اچي. (38) جنات مان هڪ قوي هيڪل (مضبوط پهلوان) جِنّ چيو ته مان ان تخت کي ايتري دير ۾ ڪٽي اچان، جيتري تائين تون اجان هت ويٺل آهين، مان يقينًا اهو ڪرڻ جي استطاعت ۽ طاقت به رکان ٿو ۽ امانتدار به آهيان. (39) جنهن شخص کي ڪتاب جو علم هيو، ان چيو ته مان ان (تخت) کي تنهنجي اک ڇنڀڻ کان اڳ ئي پيش ڪري سگهان ٿو، پوءِ سليمان ؑ ڏٺو ته واقعي تخت ان جي آڏو آهي ته هن چيو هي منهنجي الله جل شانه جو فضل آهي، هو مون کي آزمائي ٿو ته مان سندس شڪر ادا ڪيان ٿو، يا ناشڪر ٿيان ٿو، جيڪو به ماڻهو شڪر ڪري ٿو ، اهو پنهنجي ڀلي ۾ ڪري ٿو، پر جيڪڏهن ڪو ناشڪري ڪري ٿو، منهنجو رب بلڪل بي نياز آهي ۽ ڪرم ڪرڻ وارو آهي. (40) سليمان ؑ چيو ته هن (ملڪہ) لاءِ هن جي هيئت ۽ صورت ۾ تبديلي آڻيو ته پوءِ ڏسون ته هوءَ پنهنجي تخت کي سڃاڻي وڃي ٿي يا نا سڃاڻڻ وارن مان ٿئي ٿي. (41) پوءِ جڏهن هوءَ آئي ته هن کان پڇيو ويو ته ڇا تنهنجو تخت به هن جهڙو آهي؟ هن چيو ته هي ته بلڪل ساڳيو ٿو لڳي ۽ هن تخت جي هت پهچڻ کان اڳ ئي اسان کي معلوم ٿي

چڪو هيو تہ تون ڪهڙي مرتبي ۽ مان وارو آهين، سو اسان اسلام قبول ڪري ورتو هيو. (42) ۽ جن غير الله کي پوڄيندي هئي، سليمان ﷺ ان کي روڪي رکيو هيو. يقينًا هو ڪافرن مان هئي. (43) هن (ملڪ) کي چيو ويو تہ هاڻي محل ۾ داخل ٿيءُ، جڏهن هُن ان جي فرش کي ڏٺو تہ ان کي گهرو پاڻي سمجهي پنهنجي پنين تان ڪپڙو هٽايائين، سليمان ﷺ کيس چيو تہ هي محل شيشي سان جڙيل آهي، ملڪ چيو تہ اي منهنجا پروردگار! يقينًا مون پاڻ سان ظلم ڪيو آهي. هاڻي مون سليمان ﷺ سان گڏ الله جي اطاعت اختيار ڪئي آهي، جو سمورن جهانن جو پروردگار آهي. (44)

ملڪ سبا بلقيس هن خط تي غور ڪرڻ لاءِ پنهنجن معتبر مشيرن کان پڇيو تہ مون کي پنهنجي صائب راءِ سان مشورو ڏيو تہ هن خط جي جواب ۾ ڇا اختيار ڪرڻ گهرجي. توهان کي معلوم آهي تہ مان اوهان جي مشوري کانسواءِ ڪو بہ فيصلو ڪو نہ ڪندي آهيان. مشيرن سردارن ۽ فوجي جرنيلن چيو تہ اسان نهايت زور آزما ۽ تجربيڪار جنگجو آهيون، ڪنهن جو بہ خوف خطرو ناهي. هر بادشاهہ يا حملي آور جو مقابلو ڪري سگهون ٿا. اسان جي طرفان ڪا بہ ڪمزوري نہ آهي، وڌيڪ تنهنجي مرضي آهي ۽ اسان تنهنجي فيصلي کي قبول ڪرڻ وارا آهيون. گويا درباري جنگ ڪرڻ لاءِ بہ تيار هئا، پر ملڪ بلقيس نهايت ڏاهي، سمجهدار ۽ پوري پرک رکڻ واري هئي. هن خط جي پيغام جي عظمت، شوڪت ۽ حضرت سليمان ﷺ جي مصلحت پري دعوت، طاقت ۽ دٻدٻي کي سوچيندي چيو تہ جنگ ڪرڻ ۾ ڀلائي نہ آهي ۽ جنگ ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي اميد بہ گهٽ آهي. جنگ جي صورت ۾ فاتح بادشاهہ ۽ لشڪر مفتوح قوم جي ملڪ، مال و دولت کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيندا آهن ۽ عزت وارن کي ذلت ۽ خواري ڏسڻي پوندي آهي. ان ڪري اسان کي في الحال نہ جنگ ڪرڻ گهرجي ۽ نہ وري يڪدم پيش پوڻ گهرجي، ان ڪري في الحال سليمان ﷺ ڏانهن قيمتي تحفا تحائف موڪليان ٿي، جنهن سان معلوم ٿي ويندو تہ هن جو اصل ارادو ڇا آهي؟ هن پنهنجي حڪمت عمليءَ سان قاصد کي جنهن مقصد لاءِ موڪليو هيو تہ هو

اندازو لڳائي تہ سليمان ؑ جو اصل مقصد ڇا آهي، ڇا هو ڌن دولت ۽ مال متاع گهري ٿو، جنهن لاءِ حملہ آور ٿئي ٿو يا ملڪ فتح ڪري، اسان ڪي زيردست بڻائڻ گهري ٿو. سو جڏهن قاصد ملڪ جا قيمتي تحفا تحائف کڻي سليمان ؑ وٽ آيو ۽ سندس خدمت ۾ تحفا پيش ڪيائين تہ سليمان ؑ انهن تحفن کي ڏسي چيو تہ ڇا اوهان مون کي مال و دولت جي لالچ ڏئي راضي رکڻ گهرو ٿا ۽ پنهنجي باطل دين ۾ شامل ڪرڻ گهرو ٿا. اوهان جي هنن تحفن جي مون وٽ ڪا حيثيت ناهي. اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ مال و دولت جي فراواني جيڪا مون کي منهنجي پروردگار طرفان عطا ٿي آهي، اها هنن تحفن تحائف کان گهڻو بي پرواهہ ۽ بي نياز آهي ۽ ايتري تہ آهي جو ان جو توهان اندازو بہ لڳائي نٿا سگهو. ان ڪري مون لاءِ هنن تحفن ۾ ڪا ڪشش نہ آهي. توڙي کڻي اهي تحفا اوهان جي نظر ۾ قابل فخر ۽ پرڪشش هجن. اهي تحفا اوهان کي مبارڪ هجن، واپس وڃ ۽ انهن ڏانهن اسان اهڙو وڏو لشڪر حملي لاءِ موڪليندا سون، جنهن جو مقابلو ڪرڻ هنن لاءِ ممڪن ئي نہ هوندو. ملڪ ۽ سلطنت بہ اوهان کان کسجي ويندي ۽ خوامخواهہ ذلت ۽ خواريءَ جو منهن ڏسڻو پوندو.

حضرت سليمان ؑ جي جواب مان ملڪہ اندازو لڳائي ورتو تہ هي ڪو معمولي جنگجو بادشاهہ يا حڪمران نہ آهي، پر هن طاقتور سان جنگ جوٽڻ مان ڪجهہ حاصل نہ ٿيندو، ان ڪري هو مصالحت ۽ مشاورت لاءِ سليمان ؑ وٽ اچڻ لاءِ تيار ٿي نڪتي. حضرت سليمان ؑ کي معلوم ٿيو تہ ملڪہ ملڻ اچي ٿي تہ هن پنهنجي درٻارين کان پڇيو تہ اوهان مان ڪو اهڙو آهي، جو ملڪہ جي هت اچڻ کان اڳ هن جو تخت کڻي مون وٽ حاضر ڪري. ملڪہ جو اهو تخت نهايت قيمتي ۽ محفوظ هنڌ تي رکيل هيو، جنهن تائين بظاهر پهچڻ مشڪل هيو، پر هڪ ديوهيڪل جنّ چيو تہ حضرت! مان اوهان جي هن مجلس مان اٿڻ کان اڳ ئي اوهان کي تخت پيش ڪري سگهان ٿو. بس ايترو وقت درڪار آهي، ڏينهن هفتن يا مهينن جي ڳالهہ ناهي، پر هن هلندڙ مجلس دوران ئي آڻي سگهان ٿو. مان ائين ڪرڻ جي پوري قوت ۽ طاقت بہ رکان ٿو ۽ امانتدار بہ آهيان، جو مون کان ان قيمتي تخت ۾ خيانت ٿئي. هڪ ٻيو درٻاري جنهن وٽ ڪتاب جو علم هيو، ان چيو تہ مان اهو تخت تنهنجي اک ڇنڀڻ کان بہ اڳ ۾ آڻي سگهان ٿو.

جڏهن اهو تخت اک ڇنڀ ۾ اچي ويو ته سليمان عليه السلام چيو ته هي منهنجي پروردگار جو فضل آهي، جنهن جي حڪم اذن سان هي ايڏو وڏو معجزو ظاهر ٿيو آهي. "وَاِذْ تَاَذَّنَ رَبُّكُمْ لَىِٕنْ شَكَرْتُمْ لَاَزِيْدَنَّكُمْ" جيڪڏهن شڪر ڪندا رهندا ته مان (پروردگار) اوهان تي نعمتون وڌائيندو رهندس، پر جيڪڏهن خدا جي نعمتن جي ناشڪري ڪئي ۽ ان ڪاميابي کي پنهنجي ڪاميابي سمجهي ۽ الله طرفان عنايت ۽ توفيق کي وساري وينو ته اهڙي هر شخص لاءِ عذاب اليم آهي، چوته شڪر ڪرڻ جو فائدو به شڪر ڪندڙ جو آهي ۽ شڪر نه ڪرڻ ۾ نقصان به ان جو آهي. الله تعالىٰ کي ڪنهن جي شڪر جي پرواهه نه آهي. اهو ته هڪ امتحان آهي، جو ٻانهي جي اختيار تي ڇڏيو ويو آهي.

اهو صاحبِ ڪتاب ڪير هيو، ان تي مفسرين حضرات جي مختلف راءِ آهي. ان بابت حضرت مولانا ٿانوي رحمه الله جو خيال آهي ته اهو حضرت سليمان عليه السلام خود هيو، جنهن چيو ته الله جي فضل سان مان اهو تخت اک ڇنڀ ۾ آڻي ڏنو آهي. هي الله تعالىٰ جي طرفان مون لاءِ هڪ امتحان آهي ته هن معجزي بعد مان الله تعالىٰ جو شڪرگذار ٻانهو ٿيان يا خدانخواسته ان جي ناشڪريءَ جو مرتڪب ٿيان ٿو. (ابراهيم: 8/14) الله تعالىٰ جا لک لک شڪر، جو مان الله تعالىٰ آڏو سربسجود آهيان. بهر ڪيف هي اهو شخص آهي، جنهن کي غيبي توانائيءَ جي طاقت عطا ٿيل آهي. ڪن جو خيال آهي ته اهو شخص حضرت سليمان عليه السلام جو وزير آصف بن برخياه هيو. (والله اعلم بالصواب)

حضرت سليمان عليه السلام ان تخت کي پنهنجي دربار ۾ رکرايو ته جيئن ملڪ ان کي سجاڻي ۽ محسوس ڪري ته هي نبوت ۽ قدرت جي قوت آهي. تنهنجي بادشاهي کي الله جي تائيد ۽ توفيق ٿيل آهي. ڪابه بادشاهي هن رياستِ خداوندي جو مقابلو نٿي ڪري سگهي. سليمان عليه السلام ملڪ جي عقل و دانش کي پرکڻ لاءِ چيو ته هن تخت ۾ ڪجهه تبديلي ڪريو، جنهن ۾ تخت جي ظاهري ڏيک ويک ۾ ڪجهه تبديلي آندي وئي. ڏسجي ته ملڪ ان تخت کي سجاڻي سگهي ٿي يا نه ۽ ان سوال جي جواب ۾ ته ڇا تنهنجو بادشاهي تخت به هن جهڙو آهي يا نه آهي، جڏهن ملڪ دربار ۾ آئي ته ڪيس تخت ڏيکاري پڇيو ويو ته تنهنجو تخت به هن طرح جو آهي يا نه؟ ملڪ چيو ته آهي ته ان جهڙو ئي آهي ۽ چوڻ لڳي ته مون کي تنهنجي قوت ۽ طاقت جو اندازو ٿي ويو هيو،

جڏهن توهان جي طرفان قاصد خط کڻي آيو هو، ان وقت ئي اسان جنگ جو خيال هٽائي اطاعت قبول ڪرڻ جو سوچيو هيو، پر پراڻي بت پرستي ۽ پوري قوم جي ساڳي حالت سبب ان باطل دين ۽ معبودن جي ڪري ظاهر ايمان آڻڻ کان رڪيل هئس. هت "صَدَّهَا" جو فاعل حضرت سليمان ﷺ آهي ته پوءِ مطلب ٿيندو، سليمان ﷺ کيس بت پرستي کان روڪيو، پر جي "صَدَّهَا" جو فاعل "مَا كَانَتْ تَعْبُدُ" آهي ته پوءِ معنىٰ ٿيندي ته انهن بتن جي عقيدي اجان کيس شش و پنج ۾ رکيو هيو. هو ڪفر جي پيروي ڪندڙ هئي.

تخت جي اک ڇنڀ ۾ اچڻ واري غيبي معجزي ڏيکارڻ بعد پنهنجي نبوت جو ثبوت ڏيندي کيس پنهنجي محل ۾ وٺي ويو ته اتي شيش محل کي ڏسي، معلوم ڪري ته سليمان ﷺ جي بادشاهي ۽ دٻدٻي جي مقابلي ۾ هن جي فوجي ۽ رياستي طاقت حقير آهي. ملڪ جڏهن محل ۾ داخل ٿي ته مرمري شيشي واري صحن تي هلڻ لڳي، جنهن جي شفاف شيشي هيٺان پاڻي هيو ۽ پاڻي نظر ٿي آيو، پر شيشو ڏسڻ ۾ نٿي آيو، تنهن ڪري اتان گذرڻ وقت ملڪ پنهنجي پيڏين تان ڪپڙو هٽايو ته متان پسي نه پوي پر کيس ٻڌايو ويو ته چمڪدار شيشي جو صحن آهي، پاڻي نه آهي. سليمان ﷺ جي اهڙي حيرت انگيز ۽ هوش ربا معجزن ۽ بادشاهي قوت ۽ سلطنت کان پوري طرح مطمئن ٿي چوڻ لڳي ته منهنجا پروردگار! مان اڄ تائين شرڪ ۾ رهي پاڻ سان ظلم ڪري چڪي آهيان. مان گمراهه هيس، هاڻي مون تي حق ۽ سچ جو انڪشاف ٿيو آهي. شيش محل ۽ حضرت سليمان ﷺ جي ڪردار کي ڏسي چيو ته هاڻي سليمان ﷺ سان گڏ ايمان قبول ڪيان ٿي.

اسلام قبول ڪرڻ بعد ڇا ٿيو، ان بابت قرآن خاموش آهي، پر مفسرين الڳ الڳ راءِ ڏني آهي. معارف القرآن ج6 ۾ آهي ته بيبي بلقيس سان سليمان ﷺ جي شادي ٿي وئي. هن کيس يمن جي بادشاهي ڏني، اتي بلقيس جي حڪومت قائم رکي. بلقيس کي وڏو محل تعمير ڪرائي ڏنو هئائين ۽ هو هر مهيني ان سان ملڻ ويندو هو. (والله اعلم بالصواب)

وَ لَقَدۡ اَرۡسَلۡنَاۤ اِلٰی ثَمُوۡدَ اَخَاهُمۡ صٰلِحًا اَنِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ فَاِذَا هُمۡ
فَرِیۡقٰنِ یَخۡتَصِمُوۡنَ ﴿۴۵﴾ قَالَ یٰقَوۡمِ لِمَ تَسۡتَعۡجِلُوۡنَ بِالسَّیِّئَةِ قَبۡلَ
الۡحَسَنَةِ ۚ لَوۡ لَا تَسۡتَغۡفِرُوۡنَ اللّٰهَ لَعَلَّكُمۡ تُرۡحَمُوۡنَ ﴿۴۶﴾ قَالُوا اطَّیَّرۡنَا
بِكَ وَ بِمَنۡ مَّعَكَ ؕ قَالَ طٰٓئِرُكُمۡ عِنۡدَ اللّٰهِ بَلۡ اَنۡتُمۡ قَوۡمٌ تُفۡتَنُوۡنَ ﴿۴۷﴾
وَ كَانَ فِی الۡمَدِیۡنَةِ تِسۡعَةُ رَهۡطٍ یُّفۡسِدُوۡنَ فِی الۡاَرۡضِ وَ لَا
یُصۡلِحُوۡنَ ﴿۴۸﴾ قَالُوۡا تَقَاسَمُوۡا بِاللّٰهِ لَنُبَیِّتَنَّهٗ وَ اَهۡلَهٗ ثُمَّ لَنَقُوۡلَنَّ
لِوَلِیِّهٖ مَا شَهِدۡنَا مَهۡلِكَ اَهۡلِهٖ وَ اِنَّا لَصٰدِقُوۡنَ ﴿۴۹﴾ وَ مَكَرُوۡا مَكۡرًا وَّ
مَكَرۡنَا مَكۡرًا وَّ هُمۡ لَا یَشۡعُرُوۡنَ ﴿۵۰﴾ فَانۡظُرۡ كَیۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ مَكۡرِهِمۡ ۙ
اَنَّا دَمَّرۡنٰهُمۡ وَ قَوۡمَهُمۡ اَجۡمَعِیۡنَ ﴿۵۱﴾ فَتِلۡكَ بُیُوۡتُهُمۡ خَاوِیَةًۢ بِمَا
ظَلَمُوۡا ؕ اِنَّ فِیۡ ذٰلِكَ لَاٰیَةً لِّقَوۡمٍ یَّعۡلَمُوۡنَ ﴿۵۲﴾ وَ اَنۡجَیۡنَا الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا وَ
كَانُوۡا یَتَّقُوۡنَ ﴿۵۳﴾

۽ اسان ثمود ڏانهن سندن برادريءَ مان صالح عليه السلام کي موڪليو هيو ته الله جل شانه جي عبادت ڪريو، پر هو ٻن گروهن ۾ ونڊجي پاڻ ۾ جهڳڙا ڪرڻ لڳا. (45) صالح عليه السلام ڪين چيو ته منهنجا ڀائرؤ! توهان ڀلائي کان اڳ برائي جي جلدي ڇو ٿا ڪريو، الله جل شانه کان بخشش طلب ڇو نٿا ڪيو، تان ته اوهان تي رحم ڪيو وڃي. (46) هو چوڻ لڳا ته تون ۽ تنهنجا ساٿي اسان لاءِ بدشگون آهن. صالح عليه السلام چيو ته توهان جي منحوست الله جل شانه پاران آهي، پر

اوهان اها قوم آهيو، جيڪا آزمائش مان گذري رهي آهي. (47) شهر ۾ نو شخص هئا، جيڪي فساد برپا ڪندا هئا ۽ اصلاح نہ ڪندا هئا. (48) هنن پاڻ ۾ چيو تہ اوهان خدا تعالىٰ جو قسم کڻي عهد ڪيو تہ رات جي وقت هن جي گهر وارن تي شب خون (قاتلاڻو حملو) ڪنداسون ۽ پوءِ هنن جي وارثن کي چونداسون تہ قتل جي واردات وقت اسان هتي ڪونہ هياسون ۽ اسان سچ چئون ٿا. (49) هنن اهو منصوبو پورو ڪيو، پر اسان بہ پنهنجي تدبير ڪئي ۽ هنن کي پتو بہ نہ پيو. (50) ڏسو تہ هنن جي چال جو ڪهڙو انجام نڪتو. اسان انهن سمورن کي سندن قوم سميت هلاڪ ڪري ڇڏيو. (51) هي انهن جا گهر آهن، جيڪي ويران پيا آهن، ڇو تہ هنن ظلم ڪيو، يقينًا جيڪي سوچ سمجهہ رکن ٿا، انهن لاءِ نشاني آهي. (52) ۽ اسان ايمان آڻيندڙن کي بچائي ورتو ۽ جن (ايمان سان گڏ) تقوىٰ جي واٽ ورتي هئي. (53)

---

هن ڪان پوءِ اسان ثمود قوم جي برادريءَ مان صالح ﷺ کي انهيءَ دعوت جو پيغمبر ڪري موڪليو تہ هڪ الله جي بندگي ڪريو ۽ ڪفر ۽ شرڪ ڪان پاڻ بچايو، پر هو هن نصيحت قبول ڪرڻ بدران بہ گروپ ٿي ويا. هڪ صالح ﷺ وارو حق ۽ سچ جي پاسداري ڪرڻ وارو تہ ٻيو انهن منڪر ماڻهن جو، جيڪي گمراهي ۽ ضلالت جا سرغنا هئا. هڪ ٻئي جي مدمقابل ٿي ويا ۽ جهڳڙا ڪرڻ لڳا. ياد رهي تہ قوم عاد ڪان بعد قوم ثمود بہ هڪ طاقتور ۽ زوردار قوم هئي، جيڪا بت پرستيءَ کي پنهنجو مذهب ۽ راهِ حيات سمجهندي هئي. هن قوم جو هن ڪان اڳ الاعراف: 7/79-73-130، هود: 11/68-61، الشعراء: 26/142-159، القمر: 54/ 23 ڪان 32، الشمس: 91/11 ڪان 15 ۾ بہ ذڪر اچي چڪو آهي ۽ جتي جتي آيو آهي، اهو ان مضمون سان ملندڙ جلندڙ آهي. حضرت صالح ﷺ پنهنجي قوم کي توحيد جو پيغام ڏنو، شرڪ ۽ بت پرستي ڪان منع ڪيو. الله جل شانه جي اطاعت ۽ بندگي جي هدايت ڪئي. قوم جو هڪ نافرمان، مشرڪ ۽ ڪافر گروهہ صالح ﷺ ۽ ان جي ساٿين سان جهيڙو ڪرڻ لڳو. اهڙي ساڳي صورتحال پاڻ ڪريمن

خاتم النبيين ﷺ کي مڪ مڪرم ۾ پيش آئي، جڏهن ڪافر مسلمانن جي خلاف ٿي ويا ۽ سندن جيئڻ عذاب ۽ زندگي زهر ڪري ڇڏي هئي. سو صالح عليه السلام جي قوم به انڪار سان گڏ شدت جو رستو به اختيار ڪيو. حضرت صالح عليه السلام ڪين چيو ته خدا جا انڪاري ٿي، پنهنجي لاءِ عذابِ الاهي جي جلدي اچڻ جي گهر ڪريو ٿا، اوهان نيڪي جي راهه ڇڏي، برائيءَ جو رستو اختيار ڪيو آهي. اوهان پنهنجي گناهن کي ڇڏي، الله جل شانه وٽ استغفار، بخشش ڪريو ته اوهان تي الله جل شانه جي رحمت جو نزول ٿئي. جنهن جي جواب ۾ قوم حضرت صالح عليه السلام کي چيو ته اسان تو کي ۽ تنهنجن ساٿين کي منحوس سمجهون ٿا. (يٰس: 18/36، الاعراف: 130/7) صالح عليه السلام چيو ته توهان مٿان هي سختيون ۽ مصيبتون منهنجي ڪري نه آهن، هي سڀ توهان جي شرارتن ۽ بداعمالين جو انجام ڪار آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هي سڀ آفتون اوهان تي اچي رهيون آهن. هي توهان جي ڪفر جي شامت آهي، جنهن اوهان کي گهيري ورتو آهي. مان ته اوهان جو خير خواهه ۽ اصلاح پسند آهيان. منهنجو مقصد آهي ته اوهان کي راهه راست تي آڻي، عذاب الاهي کان بچايان، پر توهان آهيو جو عذاب ڏانهن پاڻ ڊوڙي رهيا آهيو. قوم ثمود پندو نصيحت ٻڌي ٻڌي، بيزار ٿي چڪي هئي، ان ڪري هنن صالح عليه السلام ۽ سندس گهر وارن کي قتل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ان وقت قوم ثمود جا نو قبيلا هئا ۽ سمورن قبيلن جي سردارن گڏجي فيصلو ڪيو ته هاڻي پاڻي مٿي کان گذري چڪو آهي. اچو ته اسان متحد ٿي هڪ ٻئي کي قسم کڻي يقين ڏياري، گڏجي رات جو صالح عليه السلام ۽ هن جي گهر ياتين تي خوني حملو ڪري ماري ڇڏيون (هود: 91/11) ۽ پوءِ اسان سمورا اهو ظاهر ڪيون ته هن واردات کان اسان بي خبر آهيون ۽ ان رات اسان هت ڪونه هئاسون. اسان بلڪل سچ چئي رهيا آهيون. هن قتل جي واردات کان بلڪل بي خبر آهيون. هو (ڪافر) اهڙيون رٿون رٿي رهيا هئا ته اسان وري پنهنجي قانون مڪافات هنن جي سازش جي ٽوڙ واري تدبير آڻي رهياسون، جنهن جو هنن کي شعور به ڪونه هيون. هنن کي يقين هيو ته اسان جو منصوبو ڪامياب ٿي ويندو، پر ڪين اها خبر نه هئي ته:

ما در چه خياليم فلک در چه خيال

اسان ڇا سوچي رهيا آهيون ۽ آسمان وارو ڪهڙو فيصلو ڪرڻ وارو آهي.

هو سازش واري اها ستا ستي، قتل ڪرڻ جي ارادي لاءِ نڪتا تہ پوءِ ڏسو ان جو ڪھڙو انجام ٿيو. اھو ٿولو پاڻ تہ تباھ ٿي ويو، پر ٻين ڪي بہ تباھ ڪرائي ڇڏيائون. ٽن ڏينھن جي مھلت بعد ھڪ خطرناڪ زلزلو ۽ ھيبتناڪ رڙ سڄي آباديءَ کي لپيٽي ۽ گھيري ورتو ۽ سمورا ھلاڪ ۽ تباھ ٿي ويا ۽ اھڙو ستياناس ٿيو، جو ڪوبہ سندن نالو وٺڻ وارو نہ رھيو. ڇٽڪ ھنن جو وجود ھيو ئي ڪونہ. ھنن جا گھر گھاٽ، محل ماڙيون سندن ظلم جي نتيجي ۾ ويران ۽ برباد ٿي ويا، جنھن جا نشان ۽ ڪنڊرات تبوڪ ويندڙ شاھراھ تي وادي القرىٰ ۾ موجود آھن، جتان ھر گذرندڙ شخص ھن عبرتناڪ انجام کي ڏسندو آھي ۽ عبرت حاصل ڪندو آھي. ھنن انڪار ڪندڙن کي تباھي ڏسڻي پئي، پر صالح عليہ السلام کي ۽ ان سان گڏ ايمان آڻيندڙن کي خيريت عافيت ۽ سلامتيءَ سان محفوظ بڻايو ويو.

وَ لُوْطًا اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖۤ اَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ وَ اَنْتُمْ تُبْصِرُوْنَ ﴿۵۴﴾ اَىِٕنَّكُمْ
لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ شَهْوَةً مِّنْ دُوْنِ النِّسَآءِ ؕ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ
تَجْهَلُوْنَ ﴿۵۵﴾ فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖۤ اِلَّاۤ اَنْ قَالُوْۤا اَخْرِجُوْۤا اٰلَ لُوْطٍ مِّنْ
قَرْيَتِكُمْ ۚ اِنَّهُمْ اُنَاسٌ يَّتَطَهَّرُوْنَ ﴿۵۶﴾ فَاَنْجَيْنٰهُ وَ اَهْلَهٗۤ اِلَّا امْرَاَتَهٗ ۫
قَدَّرْنٰهَا مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿۵۷﴾ وَ اَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ۚ فَسَآءَ مَطَرُ
الْمُنْذَرِيْنَ ﴿۵۸﴾ ع قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ وَ سَلٰمٌ عَلٰى عِبَادِهِ الَّذِيْنَ اصْطَفٰى ؕ آٰللّٰهُ ع ۱۴ ۱۹
خَيْرٌ اَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿۵۹﴾ ؕ

۽ لوط عليہ السلام کي بہ نبي ڪري موڪليو، جڏھن ھن پنھنجي قوم کي چيو تہ ڪلم ڪلا ڏسي وائسي اوھان بدڪاري ڪيو ٿا. (54) اوھان عورتن کي ڇڏي مردن سان بدفعلي ڪيو ٿا، توھان جي بلڪل مت ماري وئي آھي. (55) مگر ھن جي قوم جي ماڻھن ان (نيڪيءَ) جو جواب جيڪو ڏيڻو ھيو، اھو ڏنو تہ

لوط وارن کي پنهنجي بستي کان ڏڪاري ڪيو، هي ماڻهو ڏاڍو پاڪباز ٿيڻ
ٿا گهرن. (56) تہ پوءِ اسان نجات ڏني هن کي ۽ گهر وارن کي، سواءِ هن جي
زال جي، جنهن کي اسان پوئتي رهندڙ ماڻهن ۾ شمار ڪري ڇڏيو هيو.(57) ۽
هن جي قوم تي پٿرن واري هولناڪ برسات وسائي، پوءِ اها بارش هنن لاءِ
ڪيتري نہ بري هئي، جن کي هن بابت خبردار ڪيو ويو هو.(58) اي پيغمبر
خاتم النبيين ﷺ! هنن کي چئو تہ حمد ۽ شڪر الله لاءِ خاص آهي ۽ انهن ٻانهن تي
سلامتي، جن کي هن پاڻ لاءِ چونڊي ورتو آهي. ڇا اهو الله بهتر آهي، يا هنن
جا اهي معبود، جن کي خداءِ حقيقي جو شريڪ بڻايو آهي. (59)

انسان جي عقل ۽ هوش تي جڏهن جهالت جا پردا چڙهي وڃن ٿا، نور فطرت اجهامي ويندو آهي، دل تي سياهي ڇانئجي وڃي ٿي، روح جي پاڪيزه صفت زنگ آلوده ٿي وڃي ٿي، حق ۽ باطل، نيڪي ۽ بدي، غلط ۽ صحيح ۾ تميز پيدا ڪرڻ واري قوت مرده ٿي وڃي ٿي تہ ان تي خواهشات حملہ آور ٿئي ٿي. نفس طاغوتي قوتن جو مرڪز ٿي وڃي ٿو. ان وقت انسان، انسان نٿو رهي. "ثُمَّ رَدَدْنٰهُ اَسْفَلَ سٰفِلِيْنَ○" (التين: 5/95) ۽ آخرڪار گمراهين جي غار ۾ ڪري پوي ٿو، جيڪڏهن ڪو ناصح، خيرخواهہ ۽ همدرد ڪين اونداهيءَ جي انهيءَ غار مان ڪڍڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ۽ مخلصانا پندونصيحت ڪري ٿو تہ اهڙا گمراهہ ماڻهو هڪ محسن، مشفق ۽ مهربان خيرخواهہ جا دشمن ٿي وڃن ٿا. قوم لوط جي بہ بلڪل اها صورتحال هئي. فحاشي ۽ شهوت پرستي جو ڀوت سوار هيو. هو بري ڪم کي بہ سٺو فعل سمجهندا هئا. هنن لواطت يا هم جنسيءَ جهڙي غير فطري، غير اخلاقي ۽ غير انساني گندي ۽ غليظ فعل کي پنهنجو شب و روز جو وطيرو بنائي ڇڏيو هيو. (الاعراف: 7/84-80، هود: 11/83-74، الحجر: 15/77-57، الانبياء: 21/75-71، الشعراء: 26/174-160، العنڪبوت: 29/75-28، الصَّافَّات: 37/138-133، القمر: 32/54 کان 39) عورتن جي فطري ميلاپ کان لواطت ۽ مردن ڳيرو حسين جوانن سان هم جنسي ڪري راحت محسوس ڪندا هئا. هن بڇڙي عمل کي کلم کلا ماڻهن جي اکين آڏو ڪرڻ ۾ ڪا بہ قباحت محسوس نہ ڪندا هئا. لوط عليہ السلام جو هنن

ڏانهن خدا جو پيغمبر ڪري موڪليو ويو هيو، تنهن هنن کي هن فعل شنيع ۽ قبيح کان روڪڻ لاءِ خوب پندو نصيحت ڪئي هئي، پر سب ناسود، سڌرڻ بدران لوط عليه السلام جا دشمن ٿي ويا ۽ بدڪردارن گڏجي فيصلو ڪيو تہ لوط عليه السلام وارا اسان جي عيش و عشرت ۽ ذوق و شوق جي سر توڙ مخالفت ڪري رهيا آهن، جنهن ۾ اسان جي بدنامي آهي. ان ڪري لوط عليه السلام ۽ سندس خاندان کي شهر نيڪالي ڏني وڃي. هي اسان کي بدڪردار ۽ پاڻ کي پاڪ صاف سمجهن ٿا. جڏهن هن جي قوم سرڪشي ۽ فحاشي ۾ ڏينهون ڏينهن وڌندي رهي ۽ ڪين هدايت ۽ رهنمائي جي حجت پوري ٿي وئي ۽ سندن سڌرڻ يا توبه ڪرڻ جي ڪا بہ اميد باقي نہ رهي تہ پوءِ مڪافات عمل جو وقت اچي پهتو ۽ هنن جو بہ انجام اهو ئي ٿيو، جيڪوهن کان اڳ گمراهہ قومن جو ٿيو هيو ۽ عذاب الاهي اچي ڪڙڪيو. سخت برسات لڳاتار وسندي رهي. هنن جي ساري بستيءَ کي الٽ پلٽ ڪيو ويو، جنهن ۾ قوم لوط ۽ سندس زال کي هلاڪ ڪيو ويو، جنهن جو نالو نشان بہ نہ رهيو. پر لوط عليه السلام ۽ ان جي خاندان کي محفوظ ڪيو ويو. لوط عليه السلام جي زال پنهنجي مڙس سان گڏ وڃڻ بدران پنهنجن هم خيال، هم مشرب سان پٺتي رهجي وئي ۽ تباهيءَ جو ڪاچ ٿي وئي. هنن جي تباهيءَ لاءِ جيڪو نهايت خراب ۽ دردناڪ مينهن وسايو ويو، اهو زوردار طريقي سان وسندو رهيو ۽ ايتري قدر جو سڄي بستي تباهہ ٿي وئي.

اڳوڻن نبين ۽ سندن قوم جي سرگزشت بيان ڪري، حضور خاتم النبيين صلى الله تعالى عليه وسلم کي تسلي ڏيڻ لاءِ ٻڌايو وڃي ٿو تہ جڏهن ڪا قوم نبين ۽ رسولن جي پيروي نہ ڪندي، پر مخالفت ۽ دشمنيءَ جو مظاهرو ڪندي آهي تہ انهن جو انجام تباهي ۽ بربادي هوندو آهي ۽ نبين کي خداوند ڪريم جي توفيق، اعانت ۽ حمايت شامل حال هوندي، اها سنت الاهي، جيڪا مڪي جي منڪرن ۽ عرب مشرڪن لاءِ بہ ساڳي تباهي ۽ هلاڪت هوندي. ان ڪري تون الله تعالىٰ جي حمد و ثنا ڪندو رهہ ۽ الله تعالىٰ جي انهن منتخب بندن يعني انبياء اڪرام تي الله جي سلامتي ۽ سلام هجي. (آل عمران: 59/3) هاڻي اوهان خود فيصلو ڪريو تہ الله تعالىٰ بهتر ۽ برتر آهي، يا اهي مصنوعي معبود، جيڪي الله ذوالجلال سان شريڪ ٺهرايا ٿا وڃن. ظاهر آهي تہ الله عزو جل جي برابر ڪو نہ آهي، سبحان الله و بحمده سبحان الله العظيم.